

سانول جا سور
کھاڻيون
اقبال بلوچ
www.sindhsalamat.com

سانول جا سور

کھاڻيون

ليکڪ : اقبال بلوچ

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

سنڌ جا سڄڻو سلام .....

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو ڪتاب نمبر **چاهتر (76)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **"سانول جا سور"** ليکڪ ۽ شاعر اقبال بلوچ جي ڪهاڻين تي مشتمل آهي.

هي ڪتاب آڪٽوبر 2013ع ۾ سلام پرنٽرز اينڊ پبلشرز گاڏي کاتو حيدرآباد پاران ڇپايو ويو آهي. اسين ٿورائتا آهيون محترم اقبال بلوچ صاحب جنهن ڪتاب جي ڪاپي موڪلڻ سان گڏ سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت به ڏني.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

فهرست

مضمون	صفحو
پنهنجي پاران	7
اقبال بلوچ – خاموش ڪارڪن	10
لڙڪ ۽ سڏڪا....	12
بلقيس ڪاليج پڙهندي!	14
رشتن جو موت	16
هي ڪهڙو فرق	19
شانوءَ جا خواب	20
خوشين پري رات	22
گنگهه گهارين ڏينهڙا	24
سون ورنيون دليون	25
روپا جو محل	28
شادي ۽ موت	31
ڪنوار جي ڳولا	32
نرالي شادي	35
پنهل ڪاڻ مياس	36
اهي شاديون	38
ثبوت	39
اکيان رو رو ٽڪيان	40
مقدس رشتو	41
سنڌ بچي وئي؟؟!!	43
شرم جا ڳوڙها	46
سکڻا نعرا اجائي ڳالهه	48
واهه ڙي زندگي	51
پنهنجا به پراوا	53
سنگت	55

سني ٹيبل	57
لوڊ شيڈنگ	58
لک سوا لک	59
جذبا جنگ جوان	60
سفر سڃڻن جو	61
يا خدا تون هيٺ لهي آ	65
جيئڻ جنين مهڻو	67
سانول جا سور	69
سزا	71
ڏرتي ڏڻي ويچارا	78

اڻپنا

پنهنجن پيارن جي نانءُ
جن کان سواءِ جيئڻ
جو تصور ئي ممڪن
ڪونهي

پنهنجي پاران

56 سال اڳ بدين ضلع جي هڪ شهر تلهار ۾ اک کوليم. ننڍپڻ منهنجو شرارتن کان بغير هو. جڏ تہ ننڍي هوندي کان ئي مانائي طبيعت جو مالڪ هيس. پنهنجي منهن زندگي گذارڻ، گهٽ دوست ڪرڻ، گهٽو نہ ڳالهائڻ... لکڻ پڙهڻ جو شوق هيم. ويتر جو ننڍڙي ڄمار ۾ بابا سائين ٻي شادي بعد امان ۽ هن جي ننڍڙن ٻارڙن کي ٻي واهي ڪري ڇڏي ويو تہ جڏ طبيعت ڪجهہ وڌيڪ ئي موڪي موڪي ۽ ويڳاڻي ويڳاڻي ٿي پئي. ويتر جو امان ڇٽن جو ٽالهہ پري ڏيندي هئي تہ وڪٽي اچان ۽ ائين گهر جي گذر بسر ۾ منهنجو بہ حصو لڳي ٿي ويو. ائين گذر بسر واري زندگي گهاريندي تلهار جي ويران ويران لئبريري جو رخ ڪندو هوس. ننڍي عمر ۾ اخبارون پڙهندو هوس. پنهنجي ٻن ٽن ڏينهن جي خرچي گڏ ڪندو هوس تہ ٻارڙن جو نڪرندڙ رسالو "گل ڦل" وٺندو هوس. "گل ڦل" ۽ "گلن جهڙا ٻارڙا" رسالا پڙهندو هوس تہ ٻارن واريون ڳالهيون، ڪڏهن حديث مبارڪ، ڪڏهن لطيفا ۽ ڪڏهن ننڍڙيون ڪهاڻيون لکي موڪليندو هوس تہ شايع بہ ٿي ويندين هيون. ائين مون محسوس ڪيو تہ 15 سالن جي عمر ۾ مون لکڻ شروع ڪيو. انهيءَ دور ۾ هلال پاڪستان اخبار نڪتي، جنهن جو ايڊيٽر سراج الحق ميمڻ هو. اها اخبار جڏ سنڌ تي چانئجي وئي. انهيءَ اخبار ۾ ايڊيٽوريل صفحي تي هر روز هڪ ڪالم "جهاتيون"شايع ٿيندو هو، جيڪو عبدالڪريم سعدي ڪيندو هو. انهيءَ ڪالم ۾ هر روز هڪ نئون موضوع هوندو هو. لکندڙن کي دعوت ڏيندو هو. انهيءَ ڪالم لاءِ آڻ بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ لکي موڪليندو هوس. هفتي جي ٻن ٽن ڏينهن ۾ منهنجو ڪجهہ نہ ڪجهہ مواد شايع ڪندو هو. ائين آڻ پنهنجو نالو پڙهي ٽڙي پوندو هوس. اتان ئي آڻ اڳتي وڌيس... ۽ دل ئي دل ۾ اها امنگ جاڳي تہ آڻ بہ هڪ اديب ٿي سگهان ٿو.

جڏهن منهنجي وڏي ڀاءُ ناصر بلوچ اهو محسوس ڪيو تہ منهنجي ننڍي ڀاءُ کي لکڻ پڙهڻ جو شوق آهي تہ مون کي شاباس ڏيندي همت وڌائيندو هو ۽ مون کان پڇڻ لڳو تہ ٻارڙن جي رسالن ۾ ڪهڙو مواد شوق سان پڙهندو آهين؟ مون جواب ڏنو تہ ادا! ڪهاڻيون شوق سان پڙهندو آهيان ۽ جڏهن منهنجي پهرين ٻاراڻي ڪهاڻي "گل ڦل" ۾ ڇپي تہ دل ئي دل ۾ منهنجا حوصلا آسمان تي پهچڻ لڳا.

منهنجو وڏو ڀاءُ منهنجي شوق کي مدنظر رکندي ڪهاڻين جا ڪتاب ڏيندو هو ۽ چوندو هو تہ هي ڪتاب تو لاءِ ورتا اٿم، خوب پڙهندو ڪر. هڪ ڪتاب پڙهي وٺندو هوس تہ ٻيو ڏيندو هو. چيائين اقبال! جيترو پڙهندين، اوترو جلدي لکندين. جيترو جلدي لکندين، اوترو جلد اديب بہ ٿي ويندين.

۽ مون کي وڏي اديب ٿيڻ جو جنون جي حد تائين شوق هو. ائين مختلف اديبن جا ڪتاب پڙهندي هڪ ڪهاڻي وڏن اديبن واري لکيم. وڏن اديبن جي هيڏي ساري وڏي ڏاڪڻ تي چڙهندي پهرين ڏاڪي تي قدم رکندي ڪهاڻي "لڙڪ ۽ سڏڪا" نالي لکيم ۽ عبرت اخبار جي سنڌي رنگين صفحي ۾ مارچ 1976ع ۾ شايع ٿي. مون کي ياد آهي ته منهنجي اها پهرين ڪهاڻي شائع ٿي ته بيحد گهڻو خوش ٿيو هوس. اها اخبار ڪٽي ڪٽي سڄو ڏينهن امان ۽ ادا کي ڏيکاريندو رهيس ۽ خوشي مان نه پئي ماپيس. ائين چاليهه سال اڳ ۾ ائين چئجي ته مون لکڻ شروع ڪيو. پهرين ڪهاڻي شايع ٿي ته پوءِ مسلسل ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيم. عبرت اخبار ۾ عبدالغني درس انچارج هو ادبي صفحي جو ۽ هلال پاڪستان ۾ غلام نبي مغل ادبي صفحي جو انچارج هو. ائين مهيني ۾ هڪ ٻه ڪهاڻيون ڇپجڻ لڳيون ۽ پوءِ مختلف رسالن ۽ مختلف اخبارن ۾ ڪهاڻيون شايع ٿيندیون رهيون ۽ منهنجا حوصلا وڌندا ويا.

ائين آڻ لکندو رهيس، ڇپجندو رهيس، تان جو 1984ع ۾ بدين جي ٽريزري آفيس مان حيدرآباد جي ٽريزري آفيس ۾ بدلي ڪرائي حيدرآباد شفٽ ٿي ويس. حيدرآباد ۾ منظور چيمبرس ۾ هر هفتي سنڌي ادب جون گڏجاڻيون ٿيندیون هيون. انهن ۾ باقاعده هر هفتي شريڪ ٿيندو هوس ۽ تلهار ۾ سنڌي ادبي سنگت مون اٺ سال هلائي، جيڪا ڪهاڻي ۽ پوءِ شاعري ٻه لکڻ لڳس. اهو مواد جيڪو ادبي سنگت ۾ پڙهندو هوس، اهو موڪليندو هوس رسالن ۽ اخبارن ۾.

حيدرآباد شفٽ ٿيندي وڏي خرچ ۾ پئجي ويس. زندگي جي هر شيءِ جو بار منهنجن ڪلهن تي اچي پيو. نتيجي طور ٿي ٿي نوڪريون ڪرڻ لڳس. پنهنجي ٽريزري جي نوڪري کان سواءِ ٻه نوڪريون ٻيون ٻه ڪندو هوس. ائين صبح 9 بجي کان رات جو 2 بجي تائين جڻ ته ڪتي جي وات ۾ پئجي ويس ۽ ائين پنهنجي لکڻ پڙهڻ جي رفتار ۾ تمام گهڻي گهٽتائي اچي وئي. پر تڏهن ٻه جنون جي حساب سان ڪنهن موڪل واري ڏينهن ڪهاڻي لکي ونندو هوس.

ڪجهه سالن بعد لکڻ جو هڪ ٻيو دور ٻه مون وٽ آيو. هڪ نوڪري ڇڏيم ته رات جو ڪجهه حصو لکڻ لاءِ بچي پيو. انهيءَ دور ۾ دوستي حيدرآباد ٽريزري جي من موهيندڙ شخص مرحوم عبدالستار مگسي سان ٿي، جيڪو ننڍي جمار (40 سالن جي عمر ۾) اسان کان هميشه لاءِ جدا ٿي ويو. نهايت ئي دلبر ماڻهو، من موهيندڙ شخص، دل لپائيندڙ ۽ هر دلعزيز شخصيت جو مالڪ هو. هو اديب هو، شاعر هو، اداڪار هو، صداڪار هو، فنڪار هو، مطلب ته فنون لطيفه جي هر صنف هن ۾ هئي. آڻ ٻه ڪهاڻيڪار ۽ شاعر. هن سان طبيعت ۽ مزاج سان ملندڙ ته مون سان ياري مڙئي گهڻي ٿي ويس. شام جا چار ٿيندا هئا، آفيس ٽائيم ختم ٿيندو هو ته هن جي ٽيبل تي ميڙاکو مچي ويندو هو. ڪهاڻيڪار نور گهلو، سائين حيات علي شاهه بخاري، سائين نثار حسيني، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو Producer انور ڪڙو...

۽ اسان ۾، پوءِ تہ ڪچهري مچي ويندي هئي. شام مغرب جي اذان ايندي هئي... تہ هو ريڊيو پاڪستان ويندا هئا. نور گهلو، حسين آباد ويندو هو ۽ آءٌ لطيف آباد ويندو هوس. مرحوم انور هڪڙي منهنجي هِڪڙي ڪهاڻي ريڊيو پاڪستان جي ادبي پروگرام ۾ هلرائي. ريڊيو جي مائيڪ تي پهتم تہ ڪهاڻي مون کان پڙهجي ئي نہ پئي... ڏڪ لڳس، نڙي مان ڪهاڻي جا لفظ نہ پيا نڪرن. پر انور هڪڙو ۽ نصير مرزا دلبر ماڻهو هئا... منهنجو حوصلو وڌائيندا رهيا ۽ نيٺ اها ڪهاڻي ريڊيو تي هلي... ڇڙ منهنجي خوشي جي دنيا ۾ هڪ ٻيو اضافو ٿيو.

انهيءَ دور ۾ حيات علي شاهه بخاري جي ايڊيٽري هيٺ شام جي پهرين نڪرندڙ اخبار "خادم وطن" نڪتي. ڪهاڻيون لکي ايندو هوس، حيات علي شاهه بخاري کٽي ويندو هو ۽ ٻي ڏينهن شايع ٿي ويندي هئي ۽ ائين منهنجيون پختگي واريون ڪهاڻيون خادم وطن ۾، عبرت مئگزين ۾ ... ۽ مختلف رسالن ۾ شايع ٿيون.

اڄ "سانول جا سور" توهان جي هٿن ۾ آهي. 40 سالن جي محنت... هونئن تہ سوين ڪهاڻيون لکيون اٿم، پر هن ڪتاب ۾ چيپل ڪهاڻيون ڏنيون اٿم، جيڪي رسالا ۽ اخبارون هٿ ڪري سگهيس. ائين منهنجي مانيٽي طبيعت، نوڪري جي بي رحم دور ۾ وقت جو نہ ملڻ، وقت جي حالتن ۽ چوگرد ڦرندڙ گهرندڙ منهنجي ماحول... مون کي وڏو اديب تہ نہ بنايو، پر هڪڙو ڪتاب توهان تائين پهچائي ننڍڙن اديبن جي لسٹ ۾ ضرور شامل ٿيو آهيان.

منهنجيون چند خواهشون هميشہ رهيون. انهن مان هڪ دلي خواهش اها ۾ هئي تہ آءٌ ڪتاب ڇپرايان. هڪ ڪهاڻي جو، هڪ شاعري جو. سو خدا تعاليٰ جي مهرباني سان منهنجي اها دلي تمنا پوري ٿي آهي.

هن حد تائين پهچڻ، ڪتاب ڇپرائڻ ۾ منهنجي پياري دوست مقبول ميمڻ جو دل سان شڪرگذار آهيان، جنهن مون کي حوصلو ڏنو، همت ڏني ۽ پنهنجي ذاتي محنت سان منهنجو هي ڪتاب آندو.

آءٌ شڪرگذار آهيان گل حسن گل جو ۽ شاهد قمر چنا جو... جن جي همت افزائي کان سواءِ هن منزل تائين نہ پهچان ها.

آءٌ شڪرگذار آهيان پنهنجي پاءُ ناصر بلوچ جو... جن جي هر قدم جي ساٿ سان وڏو ٿيس... حوصلو مليم، هٿي مليم ۽ جنهن مون کي ڪهاڻيڪار بنايو، اڳتي وڌايو... نہ تہ اجا ۾ شايد هيءَ منزل... منزل مقصود تائين نہ پهچي سگهي ها.

لک لک ٿورا ڏٹي پاڪ جا... جنهن مون کي هن منزل تائين پهچايو...

اقبال بلوچ

اقبال بلوچ : خاموش کارکن

پندرهن، ويهه سال اڳ خزاني آفيس حيدرآباد جو ملازم ۽ اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي وي آرٽسٽ مرحوم عبدالستار مگسي، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو محنتي پروڊيوسر مرحوم محمد انور هڪڙو سان، حسين آباد، حيدرآباد ۾ عبدالستار مگسي جي گهر آڏو، شام، جو ڪرسيون رکي، پنهنجي ڪچهري تقريبًا روز جو معمول هوندو هو، جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٻيا اديب ۽ فنڪار دوست به شريڪ ٿيندا هئا. انهن دوستن مان اقبال بلوچ، اڪثر ڪري گڏ هوندو هو، جيڪو پڻ خزاني آفيس حيدرآباد ۾ ملازم هو ۽ عبدالستار مگسي جو دوست هو. چاڪاڻ ته هو ٻئي يار ويس هئا ۽ سنگت سات جي ڪم ڪرڻ سان گڏ ٻين الله جي بندن جو ڪم في سبيل الله ڪندا هئا، جنهن ڪري خزاني آفيس خساري جو شڪار ٿي ويندي هئي، تنهنڪري اهو متفقه فيصلو ڪيو ويو ته هنن ٻنهي کي ڪا سٽيپي ٽيبل نه ڏني وڃي. ان کان پوءِ جڏهن به هنن سان آفيس ۾ ملڻ وڃبو هو ته ٻنهي ڇٽن جي ٽيبلن تان ڪاغذ ائين غائب هوندا هئا، جيئن گنجي جي مٿي تان وار. شايد اهو ئي "درد مشترڪ" هو جو هنن ٻنهي ۾ دوستي هئي.

مان، انور هڪڙو، ستار ۽ ڪجهه ٻيا دوست، ادب ۽ فن کان سواءِ ملڪي سياست تي پنهنجي پنهنجي انداز سان ڳالهائيندا رهندا هئاسين. پر اقبال گهٽو ڪري خاموش هوندو هو، يا ڪڏهن ڪڏهن هڪ اڌ جملو ڳالهائي، خاموش ٿي غور سان اسان جون ڳالهيون هڪ سٻي سامع (Listner) وانگر ٻڌندو رهندو هو. سندس ان انداز مان ڪڏهن به ائين ڪونه لڳو ته هن جي اندر ۾ به ڪو اديب لڪل آهي. هاڻي جڏهن سندس ڪهاڻين جي مجموعي "سانول جا سور" جو مسودو ڏٺم ته اڃان به وڌيڪ حيرت ٿي، چاڪاڻ ته هن مجموعي ۾ شامل ڪهاڻيون ته ان دور جون ئي هيون ۽ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجنديون رهيون هيون، پر اقبال ڪڏهن به انهن جو ذڪر نه ڪيو. ان جو سبب سندس حضور شرمي ئي ٿي سگهي ٿو، جيڪا خزاني آفيس ۾ هوندي به اڃان تائين برقرار رکي سگهيو آهي. سندس همت کي سلام آهي. بهرحال سندس ادبي صلاحيتن جو خوشگوار احساس تڏهن ٿيو، جڏهن پهرين آڪتوبر 2013ع تي سريلي آواز واري دوست آغا ثناء الله جي ميوزڪ البم "سانگ" جي انبس جي ڪرسٽل هال ۾ مهورتي تقريب ۾، آغا ثناء الله جي فن ۽ شخصيت تي مزاحيه انداز ۾ تقرير ڪندي ڏٺم ۽ ٻڌم. سندس ان تقرير تي ماٺهن ٿهڪن سان گڏ تاڙيون وڄائي خوب داد ڏنو ۽ اسان جهڙا ڪجهه ٻيا نقلي ڏندن وارا صرف تاڙيون وڄائيندا رهيا. ٿهڪ ان ڪري نه ڏئي سگهياسين جو ڊپ هو ته ڪٿي متان ٿهڪ ڏيڻ سان ٻٽيهي نه وڃي اسٽيج تي ڪِري، ان ڪري صرف مسڪرائڻ تي اڪتفا ڪيوسين.

چوندا آهن تہ حساس انسان جي اندر ۾، پنهنجي آس پاس، سماج ۾ ٿيندڙ وارتائن کي عام ماڻهوءَ جي مقابلي ۾ وڌيڪ محسوس ڪرڻ جي صلاحيت هوندي آهي. زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ مبتلا انسان جي نفسياتي الجهڻن ۽ ڪرب جي ڪيفيت کي ڏسي من ئي من ۾ تڙڦندا رهندا آهن. ۽ اها ان حساس انسان جي پنهنجو ڪردار ادا نہ ڪري سگهڻ ۽ بيوس هجڻ جي احساس جي پيڙا ئي تہ هوندي آهي، جيڪا هن کي اندر ئي اندر ۾ پريشان ڪندي رهندي آهي. جڏهن پريشاني حد کان وڌي ويندي آهي تہ اهڙا حساس انسان هن ننگي سماج ۾ ريتن رسمن، رواجن، ثقافت ۽ مذهب جي نالي تي ٿيندڙ جبر، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ کي، لفظن جي روپ ۾ بيان ڪري، پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائي تاريخ جو حصو بنجي ويندا آهن. اقبال بلوچ بہ اهڙن حساس انسانن مان هڪ آهي، جيڪو خاموشيءَ سان هن سماج خلاف پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائيندو رهيو آهي، جيڪو گڏيل طور سندس ڪهاڻين جي مجموعي "سانول جا سور" جي عنوان سان اسان ۽ سماج جي سامهون آهي.

جيتوڻيڪ هن مجموعي ۾ شامل ڪهاڻيون گهٽيون پراڻيون آهن، پر انهن ڪهاڻين جا ڪردار اڄ بہ جيئرا جاڳندا آهن ۽ موضوع ساڳيا آهن. ها، اها بي ڳالهہ آهي تہ اڄ جي دور ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ معاشي بدحالي، ڪرپشن، بدعنواني ۽ غير يقينيءَ جي صورتحال ۾، اڄ جو ڪردار ڪجهہ وڌيڪ Agressive ٿي سوچي بہ ٿو ۽ جلد نتيجا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ وڌيڪ الجهندو پيو وڃي. اقبال کي اهڙن ڪردارن جي ڪيفيتن کي محسوس ڪري لکڻ گهرجي.

اقبال پنهنجي ڪهاڻين ۾ رشتن ناتن ۾ لڪل مجبورين، مذهبي ۽ لساني فرقيواريت، عورتن جي تعليم، بدو بدي، بي جوڙ شادين، سماج ۾ ننڊ وڌائي، غريب ۽ امير جي فرق کان سواءِ قومي تحريڪن جي ڪمزور پاليسين، قوم پرستيءَ جي جذبن ۽ ديس سان ٿيندڙ زيادتين جو هلڪي انداز ۾ ئي صحيح، ذڪر ضرور ڪيو آهي، جيڪو سندس سوچ جي حساسيت ۽ عڪاسي ڪري ٿو. اميد تہ اقبال پنهنجي ايندڙ مجموعي ۾، پنهنجي قلم کي مصلحتن کان پري رکي، بولڊ انداز ۾ لکي پنهنجي صلاحيتن کي اجان بہ وڌيڪ اياري مجتا ماڻيندو.

نور گهلو

18-10-2013

لڙڪ ۽ سڏڪا ..

ڪو زمانو هو جو انور هڪ خوش طبع نوجوان هو. مرڪ هر وقت سندس چپن تي رقص ڪندي هئي. پر اڄ هو ساڳيو انور اداس ۽ پريشان آهي، سندس چهرو ڪومائجي چڪو آهي، ائين ٿو لڳي جڙ سندس آرزوئن جو محل باهه ۾ سڙي رک ٿي چڪو آهي.

انور منهنجي ننڍي هوندي جو دوست آهي. سندس زندگي ڏکن جو هڪ ڏگهو داستان آهي. جو جڏهن جوان ٿيو تہ سندس مڱڻو هن جي سوٽ فهميده سان ڪيو ويو، جنهن سان ڪيس ننڍي هوندي ئي محبت هوندي هئي. قدرت جي ڪرٽي اها ٿي جو خانداني جهيڙن سبب سندن مڱڻو ٽوڙيو ويو. هن پنهنجي چاچي ڪي گهٽو ئي ٻاڌايو، پر سندس چاچي ڪي ڪوبہ رحم نہ پيو. هن فهميده جي شادي ٻئي هنڌ ڪرائي ڇڏي. انور جي دنيا ۾ اونداهي ٿي وئي ۽ هو ڪيترن ڏينهن تائين ڳوٺ مان غائب هو. سندس پيءُ جيڪو سکيو ستابو ماڻهو آهي، تنهن انور کي سمجهائي ڳوٺ آندو ۽ سندس دل وندرائڻ لاءِ ڪيس هرڪا خوشي مهيا ڪري ڏني. وقت گذرندو رهيو، زخم ميساربا ويا. آهستي آهستي انور بہ خوش گذارڻ لڳو. هڪ وقت اهڙو بہ آيو جو انور جي چاچي سان هڪ دفعو وري ناهہ ٿي ويو. ناهہ موجب انور کي ٻيو سڳ ڏيڻو ڪيو ويو، جيڪو فهميده جي ٻيڻ رشيده جو هو. خانداني ڳالهيون وچ ۾ اچي ويون ۽ انور کي مجبور ڪيو ويو تہ هو ظالم سماج جي چانئڻ تي بي زبان ٻڪري وانگر قربان ٿي وڃي. هو خاموش رهيو، سندس مڱڻو ٿي ويو. ڪجهہ ڏينهن گذريا تہ انور جي پيءُ ۽ چاچي درميان زمين جي معاملي تان جهيڙو ٿي پيو، جنهن ڪري هڪ دفعو وري ماضي کي دهرايو ويو ۽ رشيده جي شادي انور جي بجاءِ سندس ماسي جي پٽ ڏاڏي بخش سان ڪرائي وئي، جيڪو جاهل ۽ آواره قسم جو ماڻهو هو، جنهن شاديءَ کان پوءِ معصوم رشيده تي ظلم جو اڻ کٽ سلسلو شروع ڪري ڏنو. معصوم نياڻي سڀ سور خاموشي سان سهندي رهي. هڪ دفعو راڄ جي چڱن مڙسن جو ميڙ ٿيو ۽ بن پائرن کي ناهڻ جي آخري ڪوشش ڪئي وئي. انور جو پيءُ ۽ چاچو ڪجهہ شرطن تي پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ ٿي ويا. رشيده جي ننڍي ٻيڻ رضيہ جي شادي انور سان طئي ڪئي ويئي. انور انڪار ڪيو. ڪيس راضي ڪرڻ لاءِ دوست ۽ راڄن جا ماڻهو ڪوششن ۾ لڳي ويا، پر ڪوبہ ڪڙ تيل نہ نڪتو. آخر فهميده ۽ رشيده جڏهن انور کي سمجهايو تہ جيڪڏهن هن سندن ٻيڻ سان شادي نہ ڪئي تہ هن جي زندگي تباهہ ٿي ويندي ۽ ڪيس ڪنهن ظالم سان پرٽايو ويندو. انور سوچ ۾ پڏي ويو. آخر هن هائوڪار ڪئي ۽ سندس شادي ٿي ويئي. هن پنهنجي ويران زندگي کي ٻيهر آباد ڪرڻ لاءِ رضيہ سان محبت ڪرڻ شروع ڪئي. هن رضيہ کي پنهنجي زندگي جو آخري سهارو سمجهي پنهنجي هر خوشي سندس خوشيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏي. ڪجهہ ڏينهن گذريا تہ انور جي ٻيٽوئي ڪراچي گهمڻ جو پروگرام ناهيو ۽ ڪار ۾ سيئي چڙهي روانا ٿيا. رضيہ ۽

سندس پيٽون ۾ گڏ هيون. ڪار سپر هاءِ وي تي دوڙي رهي هئي، اوچتو انور جي قسمت جو تارو ڪڙيو. تيز رفتار ڪار ۽ ٽرڪ جو ٽڪر ٿي پيو. ڪار پرزا پرزا ٿي وئي. زخمين کي اسپتال پهچايو ويو. انور کي جڏهن هوش آيو تڏهن هن پاڻ وٽ ڊاڪٽر کي بينل ڏٺو. هن يڪدم ڪانئس رضيہ جو پڇيو، پر ڊاڪٽر ڪيس آرام ڪرڻ جو مشورو ڏنو ۽ ڪجھ دير بعد انور ٻڌو تہ رضيہ هيءُ جهان ڇڏي ويئي. انور جي دنيا اجڙي ويئي، هو دانهون ڪرڻ لڳو پر قدرت جو فيصلو اٽل ٿيندو آهي، ويا نہ ورندا آهن. ڪافي وقت هو پنهنجي بدنصيبي تي ڳوڙها ڳاڙيندو، سڏڪا پريندو رهيو. چرين وانگر پنهنجي منهن ڳالهائيندو هو. هاڻي وڃي ڪجھ سامت ۾ آيو آهي، پر ڪيس شادي جي لفظ کان ايتري تہ نفرت آهي جو هو ڪنهن ۾ شاديءَ ۾ نہ ويندو آهي ۽ هر وقت تنها گذاري ٿو. ڪيس ڪڏهن ۾ خوشي ۾ نہ ڏٺو.

عبرت 28 مارچ 1976ع

بلقيس کاليج پڑهندي !

ادا مان پڑهندس.

پاڻ مون کي موڪل ونې ڏي... ... مان پڑهان.

مان... ادا، او ادا... ...

ادا مان ڊاڪٽرياڻي ٿيندس. سڏڪن سان، بلقيس پنهنجي پاڻ کي ليلائي رهي هئي، جيڪو خود ڊاڪٽري پڑهي رهيو هو. سڄي ڳوٺ ۾ اهو واحد گهر هو، جنهن جي نياڻي پڑهي رهي هئي. بلقيس مئٽرڪ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪرڻ بعد سڏڪن ۽ روئڻ ۾ هئي ته مان مٿي پڑهان، پر ڳوٺ وارن جي واويلا ته ابا هاڻي نياڻي کي ٿو ڪاليج چڏي. مئٽرڪ تائين الائجي کهڙن سورن سان پڑهايو.

ڳوٺ جي پوڑهن جي گهوڙا گهوڙا کان سواءِ هن جي مائٽن به ارادو ڪيو ته چوڪريءَ کي مٿي ڪونہ پڑهائينداسين. جڏهن بلقيس جو پاڻ ڳوٺ آيو، هوءَ هن کي ٻاڌائڻ لڳي.

بابا... بلقيس کي مٿي ڇو نٿا پڑهايو، جڏهن ته هن مئٽرڪ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي آهي. سندس پاڻ اختر چيو.

پٽ پاڻ ڳوناڻا، نياڻين کي تعليم اڳتي ڪونہ ڏياريون، ٻيو ته چوڪريون شهر جي ڪاليجن ۾ پڑهي ڪري ويندیون آهن.

بابا... بلقيس سلجهي چوڪري آهي، طبيعت به سادي اٽس، ان کان سواءِ اسين ڪيستائين پنهنجي نياڻين ۽ پينرن کي پنهنجي هٿ نوڪي بد اعتمادي ۽ شڪ جي اڏيءَ تي قربان ڪندا رهنداسين.

پٽ اختر... نہ به ڪري پر هاڻ ڳوٺ وارا پاڻ تي کهاڙيون کڻندي دير نہ ڪندا! پٽ مان ڪونہ پڑهائيندس. منهنجي غيرت اهو گوارا نہ ٿي ڪري ته نياڻي کي ڪاليج ۾ چڏيان سو به اڪيلو.

بابا اڪيلو کهڙو، ڳوٺ جا چوڪرا پڑهن ٿا. صبح شام بس ڪٽي ۽ چڏي ويندي آهي. ڪاليج طرفان حفاظت جو سنو انتظام آهي، الله ڪندو ته پڑهي ويندي.

پر ڳوٺ وارا... پٽس ڪجهہ ڪجهہ راضي ٿيو. مان منهن ڏيندس، اختر دليريءَ سان چيو. اختر مهينو ڪن ته يونيورسٽي نہ ويو، بلقيس جي مخالفت کي منهن ڏيڻ لاءِ وينو رهيو. اختر پيٽ کي داخلا لاءِ ونې ويو ۽ هيڏانهن مخالفت شروع ٿي وئي. کي وڙهڻ آيا ته کي لڙڻ، کي سمجهائڻ آيا ته کي سڙڻ.

هڪ هڪ سان منهن ڏنائين. جڏهن ڳوٺ وارن ڏنو ته پڑهڻ وارا زور آهن ته سپ خاموش ٿي ويا ۽ اختر به ويو هليو.

بلقيس جا ڪاليج شروع ٿي ويا. هر روز بس ڪٽي ويندي هئي ۽ چڏي ويندي هئي. سڄي

بس ۾ بلقيس هڪ چوڪري هئي، جيڪا 10-15 چوڪرن ۾ هئي. چوڪرا آهستي آهستي هن کي چيڑڻ لڳا، مسخريون ڪرڻ لڳا:

او هو چنڊ جو ٽڪرو چڙهيو.

آ ها اونده هئي، بس روشني ٿي وئي.

خدا حسن ڏئي ٿو ته نزاڪت اچيو ئي وڃي.

جاني... او ڊيئر... پاڳ وارو ٽيندو... سندس... چا نالو اٿئي... بدتميز، خبر هوندي اجائي بڪواز مان فائدو.

تنهنجي زبان مبارڪ جا نڪتل بول... گيهه جا ڏڪ آهن.

تون ته ڳالهاءِ جاني...

هر روز اهي ڪنل قتل ڳالهيون، متي تي چهنڊيون، هاڻ اچي بيزار ٿي هئي.

بلقيس جيڪا حيا جو مجسمو هئي، پنهنجن بگڙيل مائٽن کي حيا ۽ شرم جو يقين ڏياري چڪي هئي. هن کي بس جي شاگردن جون ڳالهيون زهر مثل لڳنديون هيون، پر پڙهائي خاطر هر ڪنهن جا گند مان پريل لفظ به صبر سان ٻڌندي ڏينهن به ڏينهن گذاريندي هئي. ائين ئي هر روز الله الله ڪري ڪاليج پهچندي هئي. ڪاليج پهچندي ئي گهٽين چوڪرين کي ڏسي ماضي کي وساري ڇڏيندي هئي. وري واپسي... ساڳي بس، ساڳيا چوڪرا (شاگرد)

اڙي ڇڏ يار، ڪنهن نياڻي کي خوامخواه جو تپائڻ مان فائدو... سنڌ جي لڄ اٿو، هن جو نه ته سنڌ ڏرتي جو حياء ڪريو . بن چوڪرن گهٽن کي سمجهايو.

اهي نقطا ٻڌي سڃي بس جا شاگرد ڪنهن اونهي سوچ ۾ گم ٿي ويا. هنن جي نرڙن تي ڪي مقدس لڪيرون ايريون، پر بس ۾ وينل سيني شاگردن جون اکيون بلقيس تي ڪپي ويون. هنن جي نظرن ۾ عجيب تقدس ۽ تعظيم هئي. سيني يڪ زبان چيو... ها بلقيس سنڌو جي غيرت آهي، هوءَ سماجي ٻنڌڻن کي ٽوڙي تعليم پرائڻ هلي آهي. جيڪڏهن هوءَ شڪست کائي وئي ته آئنده ڳوٺ جي ڪا نياڻي خود کي تعليم جي زيور سان منور نه ڪندي ۽ سندس ڳوٺ ۾ اهڙي طرح سڃي سنڌو ماٿر جهالت جي انڌيري ۾ ويڙهيل رهندي. "نه... نه..." سيني رڙ ڪئي. اسين بلقيس کي سلام ڪريون ٿا، بلقيس بهادر آهي. اڄ کان پوءِ نه فقط بلقيس، پر اسان سيني جون پينرون هن بس ۾ ڪاليج پڙهڻ ويندیون، اسين سڀ هن جي عزت جي حفاظت ڪنداسين. اها سوچ وڌي ڳوٺ جي گهر گهر پهچي سڃي ڳوٺ ۾ هڪ انقلاب اچي چڪو هو. هاڻي ڪاليج ويندڙ بس ۾ بلقيس اڪيلي نه ڏئي، پر ڪئين بلقيسون هيون. ڳوٺ وارن حقيقت کي سڃاڻي ورتو هو ۽ هر گهر جو وڏو پنهنجي نياڻي کي وڏ کان وڏ تعليم ڏيارڻ جي لاءِ آتو ٿيڻ لڳو.

بلقيس خوش هئي ۽ اختر به خوش هو.

(26 فيبروري 1979ع هلال پاڪستان ڪراچي)

رشتن جو موت

هن تعليم ئي ان لاءِ پرائي هئي ته هو غلط ريتن ۽ رسمن کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهي. اجاين وهمن کي ٻنجو ڏيئي سگهجي. ڳوٺ ۾ رسمن سبب نياڻيون قيد ٿيون وينيون آهن، انهن کي اڌاري سگهجي، انهن جي فائدي لاءِ سوچجي. پر جڏهن "ريتن رسمن" جو پهاڙ هن تي ئي ڪري پيو ته مائٽن سان مقابلو ڪرڻ لڳي.

اڄ کان ڪجهه سال اڳ جڏهن نسرين اسان جي اسڪول ۾ (ڇهين درجي ۾) داخل ٿي ته سيئي شاگرد حيران ٿي ويا. هوءَ ايتري ته هوشيار هئي جو ستين ڪلاس جي شاگردن سان پڙهائي ۾ ٽڪر کائڻ لڳي هئي. سڄي ڪلاس ۾ هڪ شاگرديائي هئي، پر ڪلاس ۾ پنجويهه شاگردن کان گوءِ ڪٽي وئي. ڪلاس ۾ ٻيو نمبر انور هو ۽ هاڻ انهن ٻنهي ٽڪر کائڻ شروع ڪيو. نتيجي طور امتحان جي رزلٽ ۾ هي ٻئي ڄڻا هڪ جيترين مارڪن مان سڄي اسڪول ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪري پاس ٿيا ۽ ائين هر سال، پهريون ۽ ٻيو نمبر اچڻ لڳا. هي ٻئي هڪ ٻئي سان گڏجي پڙهندا هئا. انور هر روز نسرين جي گهر ويندو هو ۽ هو رات جو دير تائين گڏ پڙهندا هئا، تانجو مئٽرڪ هنن گڏجي فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي.

نسرين جي مائٽن، خصوصًا انور جي چوڻ تي (ته هو هن جي اچڻ وڃڻ تائين گڏ رهندو) ڪاليج پڙهايو. هاڻي هي ٻئي جواني ۾ قدم رکي چڪا هئا. زماني جي اٽل پٽل، لاهين چاڑهين ۽ ريتن رسمن کان چڱي طرح واقف ٿي چڪا هئا ۽ هاڻ محبت جي منزل کي ٻه ڇهڻ لڳا هئا. جيتوڻيڪ ظاهري طرح انهن ڪنهن کي ٻه اها خبر نه ڏني ته اسان ۾ ڪو پيار آهي، پر انهن ڪاليج جي ڇبر ۽ باغ ۾ ويهي هڪ ٻئي کي دليون ڏنيون هيون، وعدا ۽ وچن ڪيا هئا ۽ ساٿ نياڻڻ ۽ گڏجي مرڻ جيئڻ جا وعدا ڪيا هئا. ان هوندي ٻه انهن محبت کان وڌيڪ پڙهائي ڏانهن توجه ڏنو. اهڙي طرح انٽر ٻه ڇهين ڪلاس جي رزلٽ وانگر پاس ڪيائون. دل ۾ خوش ٿيا ته پاڻ ۾ محبت هئڻ سبب هر ڳالهه هڪ جهڙي پئي ٿئي ۽ اهڙين ئي ڳالهين محبت کي عزم وانگر پختو پئي بنايو.

ڳالهين ۾ انور، نسرين کي چيو ته منهنجي دل، هڪ پل ٻه توکان دور رهڻ پسند نه پئي ڪري، هاڻ پاڻ کي شادي ڪرڻ گهرجي. محبت هوندي ٻه جدا ٿيو وجون ته ڇڻ صدين جو ٿو انتظار ڪرڻو پوي، ته ڪڏهن صبح ٿيندي ۽ ڪڏهن گڏباسين. ان تي نسرين چيو ته "انور، پاڻ جنهن مقصد پٽيان زندگي پيا بسر ڪريون، اهو مقصد اجا پري آهي. انور پاڻ ساٿ نياڻڻ جا عهد ته ڪري چڪا آهيون، انور هاڻ اڄ ته عهد ڪريون ته جيستائين ڊاڪٽر نه ٿينداسين، تيستائين شادي بابت نه سوچيندا سين. ڏس انور... تون جذبا رکندڙ مرد آهين ته آءٌ ٻه جذبا رکندڙ عورت آهيان، مون کي ٻه ڏڙکندڙ دل آهي ۽ آءٌ ٻه چاهيان ٿي ته هر عورت وانگر مون وٽ ٻه جنت نما گهر هجي ۽ دل گهريو ور هجي، پر هاڻ مقصد ماٹڻ بنا..."

"بس نسرين... مان توسان وعدو ٿو ڪريان ته..." ۽ ساڳي پڙهائي...

هيڏانهن نسرين لاءِ رشتا اچڻ لڳا. جڏهن رشتا اچڻ لڳا ته نسرين جي مائٽن انور سان وڃڻ لاءِ منع ڪئي ۽ پنهنجي پڙهائي کي اتي ئي ختم ڪرڻ لاءِ چيائون.

پيءُ سوچيو ته انور کي انهيءَ لاءِ سهارو بنايو هوسين ته اسان جي پاڙي جي اشراف گهراڻي جو اشراف فرد آهي ۽ اسان جي ڳوٺ جو ڪوبہ چوڪرو پڙهيل نہ هئڻ سبب انور کي گڏ ڪيو هوسين. نسرين جو پيءُ نوڪري سانگي انور جي شهر ۾ ۽ هن جي پاڙي ۾ رهندڙ هو. نسرين کي سندس پيءُ چيو ته پٽ جڏهن اسان تنهنجو سگ ڏئي ڇڏيو آهي ته تون وڌيڪ نہ پڙهہ، چو جو تنهنجي چاچي سختي سان منع ڪئي آهي ته هاڻ وڌيڪ هڪ ڏينهن لاءِ بہ ڏارئي ڇوڪري سان گڏ نہ وڃي ۽ نہ ملي. پٽ تنهنجو چاچو، منهنجي ابي جيڏو وڏو ڀاءُ ۽ منهنجي ڳوٺ جو وڏو آهي، مون کي مجبورًا چيو مڃڻو پوندو.

نسرين سڃي گفتگو خاموشي سان ٻڌي چيو: "بابا شادي لاءِ پڙهائي..."

پيءُ اڃ ۾ ڳالهہ ڪٽيندي چيو: "ها اها اسان جي وڏن جي مرضي آهي."

"پر مان شادي نہ ڪنديس." مقابلي واري لهجي ۾... "توکي ڪرڻي پوندي."

"مان پڙهائي نہ ڇڏينديس، بابا.

مان ڊاڪٽرياڻي ٿيندیس بابا... مان ڊا... ڪ..." نسرين سڏڪن ۾ يڪ ساهي چئي وئي.

چگو چگو نهيو. پيءُ جو رعب ڏسي نسرين چيو ته بابا، شادي ولڻ سان ٿا ڪريو، جيڪو اڃ پڙهيل ۽ ڳوٺ ۾ ڪتا ۽ ڪڪڑيون ويڑهائيندو آهي. مان انهيءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ هرگز تيار نہ ٿيندس.

پيءُ هڪ دفعو وري رعب ڏيکاريو ته چا توکي انهيءَ لاءِ پڙهايوسين ته تون ڏارين ۾ شادي ڪرين؟

نسرين بہ جواب ڏنو ته چا مون کي انهيءَ لاءِ تعليم ڏياري وئي ته هر ظالم اڳيان ڪنڌ جهڪائي، ها ۾ ها ملايان! مان انهيءَ بوڪ سان زندگي ڪڏهن بہ نہ گذاري سگهنديس.

ولڻ جي پيءُ جيڪو اتي موجود هو، تنهن پريان کان رڙ ڪئي ته زبان کي ڪنٽرول ۾ آڻ، تنهنجي اها جرئت جو منهنجي پٽ کي بوڪ چوين ۽ پنهنجي 'يار' انور کي...

بس بس... چاچا... وڌيڪ نہ چئجان.

بابا، چاچا مون تي پهاڙ جيڏو الزام هنيو آهي ته انور منهنجو يار آهي. بابا، مان نہ چاهيندي بہ شادي لاءِ ها ٿي ڪريان.

نسرين انور کي سمورو احوال خط ۾ لکي موڪليو. نسرين جو رشتو ولڻ سان پئي ڪيو ويو ته هو گهر نانيِ ٿيندو. نسرين جي پيءُ کي لالچ هئي ته ولڻ وارن جي ملڪيت اسان جي ٿيندي. پر ڪجهہ مهينا گذرڻ کان بعد شادي جا ڏينهن ونڻ وقت ولڻ جي پيءُ قرندي چيو ته منهنجو پٽ گهر نانيِ ٿي زال جو مڃو هرگز ٿيڻ پسند نہ ڪندو، تنهن ڪري اسان کي

شادي ڳوٺ ۾ ڪري ڏيو. نسرين جا مائٽ پير تي نہ آيا، نتيجي طور سخت جهڳڙا ٿيا ۽ هڪ ٻئي کان الڳ ٿي ويا. ٻنهي طرفن کان نسرين جي معصوم زندگي تباهه ٿي رهي هئي ۽ نسرين هر ڳالهه ۾ خاموشي اختيار ڪئي ۽ زنده لاش وانگر پنهنجي مڱڻي جي ڏينهن جو نظارو ٻه پئي ڏٺو ۽ ٻڌو.

انور، نسرين جي خط کان پوءِ مايوس گذارڻ لڳو. وري انور ۽ نسرين ساڳئي ڪاليج ۾ پڙهڻ لڳا ۽ هن وقت ڊاڪٽري جي آخري سال ۾ آهن.

نسرين چيو ته انور! آئنده سال پنهنجي زندگي جو مقصد پورو ٿيندو ۽ پوءِ نئين زندگي گذارڻ جي ابتدا ڪنداسين.

(16 اپريل 1979ع هلال پاڪستان)

هي کھڑو فرق

هڪ دفعي شهر جي وسندڙ چوڪ مان گذر ڪيم. ماڻهن جا انبوه هجن. ڪو ڪٽان پيو آواز اچي، ته ڪو ڪٽان. جيترون هيون زبانون، اوتريون ئي هيون ڳالهيون... مون به وڏي ڏٺو هڪ لاش... ڪپڙا ڦاٽل، وار وکريل... پريل بت، ٽلها ٻانهن جا ڏونرا، منهنجي دل ائين چيو ته هي ماڻهو محنت ڪش آهي، پڪ ته ڪو هاري آهي.

انهيءَ لاش جو هيستائين ڪوبه وارث نه پئي ٿيو ۽ ڪيترا ئي ڪلاڪ گذري ويا، مون رڙ ڪئي ته هن کي دفنائڻ جو بندوبست ڪيو وجي ۽ غسل وڪفن جي تياري جو بندوبست ڪيو وجي، ڇو جو هڪ ماڻهو جي لاش جي کهڙي طرح نه بي حرمتي پئي ٿئي. پر هن هيڏي ساري ميڙ ۾ ڪير به ڪنهن طرح مدد ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيو، حالانڪ منهنجي اکين اتي ئي ڪيترا سيڻ ۽ زميندار ڏٺا... مدد ڪرڻ ته ڪهيو، مورڳو مون تي ٽوڪون ڪرڻ لڳا ته وڏو آيو آهي وارث... ڇڏ ميان... الائجي مسلمان به آهي يا هندو... مون نهه پهه چيو: ته ڪير به هجي پر انسان ته آهي... نيٺ انهيءَ لاش کي شهر جي سينئن ۽ زميندارن جي چوڻ تي پوليس جي حوالي ڪيو ويو. ٻئي ٽئي ڏينهن شهر ۾سان هڪ ميلو لڳو... آئون به ويس. هڪ ماندي (ڪجرين جو ناچ خانو) ۾ ويس، پهرين چوڏاري نظر ڦيرايم... اهي ئي نظر آيم، جيڪي هڪ غريب ۽ لاوارث لاش جي ڪفن دفن جي خرچ کي پنهنجي پئسي جو اجايو زيان سمجهي رهيا هئا ۽ اهي ساڳيا ماڻهو هينئر پئسن جو هڪ ڪجري جي مٿان مينهن وسائي رهيا هئا. هڪ چمي ۽ هڪ چهندي ۽ هڪ پاڪر تي ڳاڙها ۽ ساوا نوٽ نمايان نظر پئي آيا... ...

منهنجي دل گوارا نه ڪيو ۽ ماندي مان نڪري سڌو گهر آيس، سوچڻ لڳس هن معاشري تي، ته هڪ هاري جي پٽ جو لاش سرڪار حوالي ڪيئن ٿيو ۽ هتي هڪ رنديءَ جي ڏيءَ ڪيئن نه پئسا پئي ڪمائي.

(روزانه عبرت 1980-7-27)

شانوءَ جا خواب

شانو جيئن وڏي ٿيندي ٿي وئي، تيئن جواني رنگ پئي ڪڍيا... جواني ڏانهن قدم وڌائيندي، پنهنجو سانورو رنگ، گلابي رنگ ۾ بدلايائين پئي. هاڻ ته سندس ڳٽا گلاب جي گل وانگر ڳاڙها ٿي چمڪڻ لڳا هئا. وڏيون وڏيون اکيون، گلابي ڳل، وڏا وار، ويڪرو منهن، ڏگهي ڳچي، اپريل چاتي ۽ سنهڙا چپ سندس حسن ۽ جواني جون خاص خوبيون هيون.

بدن جو چلڪٽ، هڪ جيڏن سان گڏجندي ويندي مذاق ڪرڻ ۽ چنچل بازي ۾ سيني کان گوءِ پئي ڪنيائين. گهر ۾ سندس ماءُ ۽ پيءُ رهندا هئا. سندس پيءُ هاڻ ته اچي ڪٺ سنياڻي هئي. جڏهن به هو بستر، بيماري ۽ پنهنجي ڏيءُ جي وڌندڙ قد ڏانهن ڏسندو هو ته سوچن ۾ ٻڏي ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن چئي ڏيندو هو ته شانو، هاڻِ شانو جو چا ٿيندو. مون کي ته خبر ئي نه ٿي پوي ته هن جو ياڳ ڪيئن ڦٽو. سڄي ڳوٺ ۾ ڏس آهي ڪا اوهي واهي، ڏس ته شانو جي قسمت جو هن لاءِ ڪوبه هڪ جيڏو ته نهيو پر ڪوبه ڪنوارو وڏو به نه رهيو آهي. هن جون سهيليون جيڪي آهستي آهستي سڀ پرڻجي چڪيون آهن، جيڪي هن کي ستائيندڙيون هيون. شانو... ڳولهه گهوٽ..... هوءَ به ائين ئي چئي ڏيندي هئي: منهنجو گهوٽ لکن جو مٽ هوندو، مان شهري بابوءَ سان شادي ڪنديس. بلي بلي... هلي آ شهري بابوءَ سان لائون لهڻ. هڪ سهيلي چيس. ها ادي... چو نه، پاڻ گهٽ آهي. ڪو شهري بابو ڏسيس ته سچ به اکن ڇڪن ٿي پوندس. ٻئي سر پرايو پر پنهنجا وڏا ڏارين ۾ ڏين ڪٽي. هتي سيئي خاموش ٿي ويون (دل ئي دل ۾ شانو جي ارمانن جا محل پرزا پرزا ٿيڻ لڳا ۽ پنهنجي خوابن جي پوري نه ٿيندڙ تعبير تي سوچڻ لڳي)

ها ادي... هن ڏڏو ساهه پريندي چيو. پاڻ جيئن سوچون، تيئن ٿئي ته چا ڪپي.

پلا شانوءَ جو چا ڪجي... شانوءَ جي پيءُ هڪ دفعو وري پنهنجي زال جا ڪن پريا. شانوءَ لاءِ... ڪنهن سؤٽ ماسات کي ٻي زال ڪري ڏيون يا ڪنهن جي جمڙ جو انتظار ڪريون. شانوءَ جي چلڪندڙ جوانيءَ ٻنهي کي پريشان ڪري ڇڏيو. شانو کي ڏارين ۾ ڏيڻ ته پري رهيو، پر سوچڻ تي به هنن جا وڏا هنن تي ڪهاڙيون ڪڍندي شايد دير نه ڪن ها. انهيءَ ڪري هنن کي شانو جي ڳڻتي گهڻي پئي ٿي. شانو جو ڏاڏو، جيڪو سؤ سالن کان مٿي هوندي به اجا جيئرو هو، هو ته ڏارين کي سگ ڏيڻ جو سخت خلاف هو ۽ راڄ وارا هن جي مرضي خلاف ڪوبه قدم نه کڻندا هئا. هن جي ئي مرضي سان ڪئي نوجوان چوڪريون، پوڙهن جي مٿي لڳيون، جن کي اڳي ئي هڪ هڪ زال هوندي هئي. پر چوڪريون بي وسي جون مهرون زبان تي لڳائي، خاموشي سان انهن جي پلئه سان اٽڪي پنهنجي گهر ڏانهن

روانيون ٿيندیون ویون. هیستائین کابہ چوکري نہ کچي ۽ هاڻ شانو راج جي آخري کنواري چوکري هئي، تنهن جي زبان تي بہ خاموشي جي مهر نظر پئي آهي.

فیصلو اهو ٿیو تہ شانو... لاءِ گهوٽ اهو ٿیندو جیکو هاڻ ڄمندو. انهيءَ مهيني سندس چاچي جي گهر هک ککو ڄائو. شانو هن جي نالي کئي وئي. پلا کٹي شانو جي مست ۽ رنگیلي جواني ۽ کٹي کجهہ ڏینهن جو ڪِکو. ڏینهن گذرندي ویرم نہ لڳي، لیاقت اچي مئٹرک ۾ پهتو. لیاقت هن ڳوٹ جو پهریون چوکرو هو، جیکو مئٹرک پاس کري چکو هو. هاڻي سیني کي انتظار هو تہ لیاقت کڏهن ٿو جواني جي هوا کائي ۽ هوڏانهن لیاقت کي مائٹن، هن جي اسرار تي اڳٹي پڙهائڻ لاءِ شهر موکلیو. لیاقت شهر ۾ رهي شوخ، چنچل ۽ شرارتي ٿي پیو. هک شرارتي ہیو پڙهیل، هر کنهن کي پئي وٹیو. هیڏانهن دل ئي دل ۾ شانو، هن لاءِ سهٹا سپنا ڏسڻ لڳي هئي. جمع ڏینهن تي هن جي دیدار لاءِ هن جي راهن ۾ سیج وڇائیندي هئي. انتر کرڻ کان اڳ... لیاقت پنهنجو قدم جواني ڏانهن وڌائي چکو هو. هاڻ شانو جا مائٹ هک ڏینهن بہ صبر نہ کري رهیا هئا.

تانجو لیاقت ڊاکٹري واري کورس ۾ اچي پهتو ۽ لیاقت یونیورسٹي ۾ مائٹن کان بنا پڇڻ جي روزي سان شادي کري ڇڏي، مائٹن کي صرف اطلاع پهچایائین. جڏهن اها خبر شانوءَ تائین پهتي تہ هن کجهہ ڏینهن تمام گهٹو ڳٹتین وارو وقت گذاریو، پر هک ڏینهن ڳالهہ باهہ وانگر پکڙجي وئي تہ شانو واهہ ۾ ٽپو ڏئي پنهنجو انت آڻي ڇڏیو. جڏهن بہ شانو جي موت جو منظر اکین اڳیان ایندو اٹم تہ هن جو معصوم چهرو رڙیون کندي نظر ایندو اٹم تہ هن جا سهٹا سهٹا سپنا ۽ هن جا خواب پورا چو نہ ٿیا.

خوشين پري رات

عارف جڏهن گهر ايندو هو ته رخسانہ هن جي خدمت ۾ لڳي ويندي هئي. صابڻ ۽ ٽوال کڻي، ماني لڳائي ۽ پوءِ گڏجي کائيندا هئا. کل، خوشي، ٺهڪڙا، پيار، محبت ۽ شادمانيون سندس گهر جو مقدر بنجي چڪيون هيون. بنهي جي محبت تي عارف جي گهروارا، ماءُ پيءُ سڀائين خوش نظر ايندا هئا ۽ گڏوگڏ لک دعائون پڻ ڏيندا هئا. انهيءَ ڪري هن گهر ۾ ڪڏهن بہ جهڳڙي جو سوال ڪيئن ٿو پيدا ٿئي. عارف شهر جي هڪ آفيس ۾ اسسٽنٽ هو ۽ مڃي ماني وارا هئا. رخسانہ هڪ اڻ پڙهيل پر سندس ڳوٺ جي هڪ باادب، سليڪٽي چوڪري هئي. هوڏانهن عارف جي پڙهيل پيٽ فرزانہ بدي جي سگ هيٺ سؤٽ علي نواز کي ڏني وئي. فرزانہ کي هر شيءِ اوپري لڳي. هنن جو ماحول، اٺڻ ويهڻ، ڳالهائڻ بولهائڻ بلڪل هن جي طبيعت جي مخالف هو. تنهن هوندي بہ فرزانہ پنهنجي پوري ڪوشش ڪئي ته وقت جي نزاڪت کي منهن ڏي ۽ هن پنهنجي تعليم جي زور تي هنن کي راضي ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي، پر ايندڙ وقت هن کي طعنا سامهون لڳا ته وڏي آئي آهي پڙهيل اسان کي سمجهائڻ واري.

عارف ۽ رخسانہ جي زندگي جيتري خوشگوار پئي گذري، بلڪل هن جي برعڪس فرزانہ جو مڙس جيڪو هلڪو زميندار ۽ ڪڪڙ ويڙهائڻ جو شوقين هو، سخت طبيعت ۽ ڏنگو ماڻهو هو. هن شروع کان وني زال کي محبت ڏيڻ بجاءِ اجايو ڪنٽرول ڪرڻ شروع ڪيو. نتيجي ۾ زال سڀائين مار ڪٽ کي منهن ڏيندي هئي. هر روز جي ڪر ڪر، جهڳڙو، ڏنبو هٽ ۾، ٽوري گهٽي تان سندس معمول بنجي ويو. فرزانہ جيڪا شهري گڏي، ڪاليجي ماحول جي ڪڪي، سپنن جي راڻي، شهري پر فضا ۽ ڪليل ماحول ۾ پليل چوڪري کي جڏهن هر روز ڏنبا وسڻ لڳا ته ڏينهون ڏينهن هڏا ٽيندي وئي ۽ گلاب جهڙو چهرو ڪومائجي ڪنبا ٿي ويو هوس. گلابي رنگ پنهنجي لالاڻ ڇڏي هيبي رنگ ۾ بدلجي ويو. نتيجو اهو نڪتو ته هن کي جدا ٽيٽو پيو ۽ هن کي گهر مان ڪڍيو ويو. مجبورًا فرزانہ کي شهر اچي پاڻ وٽ رهڻو پيو.

فرزانہ کي ڪيڻ کان پوءِ هنن سوچيو ته فرزانہ وئي هلي ته اسان جي پيٽ چو ڇڏيون. اهو سوچي علي نواز لنگهي شهر آيو ۽ خوب جهڳڙو ڪيائين ۽ رخسانہ تي زور پريائين ته فرزانہ جي بدلي هوءَ ساڻس گڏ هلي. پر رخسانہ ڪنهن بہ حالت ۾ عارف کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئي. جتي سڀائين گلاب جون پنکڙيون هجن، پيار محبت جا گيت هجن، سِڪ ۽ انتظار جون گهڙيون هجن، اهي دليون جدا ڪيئن ٿي ٿي سگهيون. وچ ۾ وڏا پيا، فيصلو اهو ٿيو ته عيد

رات سيئي ڳوٺ ايناسين اتي فيصلو ڪناسين.

عيد رات سڄي ڳوٺ وارا گڏ ٿيا. اتي عارف کي پنهنجو جنت نما گهر تباهه ٿيل نظر آيو. ڳالهيون شروع ٿيون، فيصلو اهو ٿيو ته ٻنهي کي پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ رهڻ ڪپي. امن ۽ محبت سان زندگي گذارڻ جي تلقين ڪئي وئي، پر علي نواز ڪنهن به حالت ۾ انهيءَ فيصلي کي نه پئي مڃيو. هن چيو آءٌ فرزانه کي ڪنهن به حالت ۾ نه رکندس ۽ رخسانه کي هنن کان جدا ڪندس. راڄ وارا هڪ پاسي ته علي نواز ۽ سندس ڪجهه ساٿي ٻئي پاسي. جهڳڙو رونما ٿيو. ڏسندي ڏسندي جهڳڙو وڏي ويو ۽ لڻين جو استعمال آزادنه ٿيڻ لڳو.

رخسانه جي انهيءَ ضد تي ته آءٌ مڙس کان جدا نه ٿيندیس، سندس پاءُ لڻ جو ڏڪ هڻي سندس پيٽ کي هڻي زخمي ڪيو. رخسانه ڪِري ته عارف به وچ ۾ آيو. هن کي کهاڙي جي پٽ لڳي، ڏڙام وجي پٽ تي ڪريو ۽ عارف پنهنجا هوش وحواس بلڪل وڃائي وينو ۽ ڪن پل ۾ رخسانه به پنهنجي مڙس جي ٻانهن ۾ دم ڏنو ۽ ڪيترا زخمي حالت ۾ پر واري شهر ۾ نيا ويا، انهن ۾ عارف به سخت خراب حالت ۾ هو.

اهڙي ريت هيءَ سڳوري رات ڪهرام بنجي وئي. اجا عيد جي اڌ رات مس گذري هئي ته صف ماتم برپا ٿي وئي ۽ بدي جي زهريلي رسم هيڻ ڪيتريون دليون جدا ٿيون، ڪيترا موت ٿيا ۽ عيد جون خوشيون برباد ٿيون.

نيڪ هڪ سال اڳ هن عيد تي ٻنهي جوڙن جو مڱڻو ٿيو ۽ ايندڙ پهرين عيد تي بدي جي سڳ پنهنجو جلوو پوري آب وتاب سان ڏيکاريو ته آءٌ کهڙي نه گندي رسم آهيان.

شل عيدون به نصيب وارن کي نصيب ٿين.

(عبرت ڪاوڙ پبليڪيشن سيپٽمبر 1980ع)

گنگھ گھارين ڏينھڙا

سمھڻو ته هو مرحيات سان، هاڻي ته آ ڌھڻو... جوان چوڪري جو جذبو... اڏمو... دل جي اٽل... پر اڪيلائي... چار پنج ٻار...

سندس جوان هوندي، مڙس جو گذاري وڃڻ... پر پوءِ... ڪنهن کي به قبول نه پوڻ... سبب گھڻا ٻار... هن جي دل ۾ اهي جذبا ته سات هجي، ته ڏينھڙا ۽ راتيون سکيون گذرن.

ٻالپڻ ۾ اسان جو گڏ پڙھڻ... سڃاڻپ اسڪول ۾ ٿي... ... مئٽرڪ تائين ھڪ ٻئي جي گھر اچڻ وڃڻ... اسان جا ناتا ويجھا ٿيندڙ... پوءِ وڇڙڻ... انھيءَ ڳالھ تي ته هن جي جواني سبب مائٽن کي منھنجو اچڻ... ناگوار لڳڻ...

ڪن سالن بعد ٻڌم ته سندس شادي ھڪ پنجاھ سالہ مرد سان... پاڻ 18/19 سالن جي... صرف انھيءَ ڪري ته پنھنجن ۾ ڪوبہ جوان نہ ھو... هن جي ياڳ ۾... پير مرد... پر پنھنجو... آڻ هن جو هم عمر... هم خيال... پر ڏاريو... مائٽن سڳ ڏيڻ ته نھيو... پر مون کي اچڻ وڃڻ کان بہ روڪي ڇڏيو.

هن جي پوڙھي سان زندگي گذارڻ، خوشي يا ڏک سان... سا ته خبر هن کي...

اجا پنج ڇھ سال مس گذريس ته پوڙھي جو انتقال... هم عمر... جوان ته هئي...

جوان جذبا اجا زنده آهن... ...

ھڪ دفعي ملڻ... هن جو چوڻ... ڪنهن جوان ساٿي لاءِ منھنجو چوڻ... ته... مائٽن جي پراڻين رسمن کي اتارڻ... ڏارين کي... اهو ممڪن ئي ڪونھي... پر مون... دل نہ جھلي رسمن کي ٽوڙڻ جي.

لڙڪ وھي پيم، جڏھن هن جا لفظ ٻڌم... ته مائٽن زندگي کي راندیڪو سمجھي ڇڏو ڪيو...

پلا هاڻ... پچيومانس... هاڻ ٻارن جا گنگھ... مائٽن جي ڪوشش جي باوجود... ڪنهن کي قبول نہ پوڻ. بس جذبن کي ساڻڻو ئي پوندو...

پر مان... شادي شده آهيان... ڪنهن بي جي زندگي برباد نہ ٿو ڪري سگھان... دل ۾ سوچيم.

سوچ ۾ ڏسي، هن چيو... مون بابت نہ سوچ اقبال... پنھنجو نصيب انھيءَ ميلاپ تائين هو.

بس وڌيڪ مان چا ٿي ڪري سگھيس... ٻئسي ڏوکڙ، ڪيڙي لٽي... ٻارن جي پڙھائي تائين، مون ساجده جو بار کنيو... پر آڻ هن جي جذبن تائين پھچڻ جي سگھ ساري نہ سگھيس...

(ماھوار سنڌي ڊائجسٽ 19 جون 1981ع)

سون ورنيون دليون

پريم هو تہ صرف روتي سان- هن کان کيئن ٿي جدا ٿي سگهيس- جنهن منهنجي زندگي ۾ اوتي ڇڏيو- لازوال پيار.

روتي ۽ منهنجو پيار ٿيو جڙ وڃ ڪري هجي، ماڻهن مٿان – ڳائڻ لڳا اسان کي- ڳايو ٿي جيئن- ٻڌبا پئي وياسين پيار جي مضبوط ٻڌڻن ۾. آءٌ ڪاليج ڇڏي آفيس ۾ ٿيس ڪلرڪ ۽ روتي انٽر ڪري وسايو پنهنجو گهر، تنهن هوندي بہ جدائي کڏهن بہ محسوس نہ ڪئي سين. آءٌ ويندو هوس ۽ ملندو هوس، هن سان گهر ۾ ... ۽ شهر جي باغ ۾ ٻئي ٽئي ڏينهن.

روتي دادلي هئي، پنهنجن مائٽن کي، انهيءَ ڪري جو هوءَ اڪيلي اولاد هئي. روتي جا مائٽ هن جي هر خوشي کي، پنهنجي خوشي سمجهندا هئا.

روتي کي جڏهن مون پنهنجي آفيس ۾ رکايو ٽائيپسٽ جي حيثيت ۾، پوءِ تہ هن جا مائٽ پائڻ لڳا هئا مون کي ۽ اسان بہ ويجها ٿي ويا هئاسين هڪ ٻئي کي، ائين جڙ ازل کان هو اسان جو ناتو.

ڪن پل لاءِ بہ نہ چوندي هيم دل تہ جدا ٿيان هن کان ۽ گذارڻ لڳو هوس راتين جون راتيون هن وٽ. روتي ڏٺو هو هر پل جو پيار. بهارن مثل سمجهندو هوس پنهنجي زندگي کي، هن جي پيار ڪرڻ مهل.

ڏس جاني- پنهنجو پريم ڪيئن- ڪٿي جدا نہ ٿجانءِ مون کان- پيار ڪيو اٿم توسان تہ زندگي ۾ سات ڏيندم تنهنجو. منهنجي اک بہ نہ ويندي بي ڪنهن ڏانهن. هن کي معصوم ڏسي ڪڏهن ڪڏهن- آءٌ دلاسو ڏيندو هوس هن کي.

ڏس جاني، نہ ڪر اهڙيون ڳالهيون، آءٌ ائين سمجهہ ازل کان تنهنجو آهيان ۽ رهندس ابد تائين.

هر روز آفيس مان موٽندي هن جي گهر ماني گڏ کائيندا هئاسين ۽ شام موٽي ايندو هوس گهوٽ.

موڪلائيندو هوس شام جو تہ روتي چوندي هئي روئي- جاني تون وڃين ٿو، منع نٿي ڪريان پر دل چويم تي تہ ڪن پل لاءِ بہ اڪين ڪان اوجهل نہ ٿئين.

آءٌ هن کي روئندو ڇڏي ٻئي ڏينهن ملڻ لاءِ دعا ونې ايندو هوس پنهنجي گهوٽ- دل تہ منهنجي بہ نہ چوندي هيم تہ جدا ٿيان پر منهنجن مذهب پسند مائٽن کان لڪايم پئي تہ منهنجو پريم آ- هڪ غير مسلم چوڪريءَ سان.

ڪڏهن ڪڏهن رات رهندو هوس روتي وٽ، تہ مائٽن کي بهانو ڏيڻو پوندو هوم ڪنهن نہ ڪنهن ڳالهہ جو.

پلا ٻڌاءِ جاني- چو ٿو ايڏو ڊپ ٿيئي- توکي پنهنجن مائٽن کان. تون آهين ته مرد، مون کي ڏس ته آڻ عورت ٿي ڪري پريم ڪيو اٿم توسان. جڏهن آڻ نه ٿي ڊڄان زماني کان به ۽ تون ڊڄين ٿو مائٽن کان.

محسوس ٿيندي هيم ڦڪائي- پر تڏهن به آڻ ويجهو پنهنجن مائٽن کي انهيءَ ڪري هوس ته آڻ ڪلرڪ هوس- معمولي پگهار وارو.

منهنجا مائٽ ته نهيو پر ڳوٺ وارا به هڪا مذهب پسند. انهن کي اها خبر پوي ها ته مون کي گهر مان ته نهيو، پر ڪڍن ها ڳوٺ مان به.

آڻ ڊنس صرف انهيءَ ڳالهه کان پئي ته ڪٽي ڳوٺ مان تڙجي نه وڃان.

هيڏانهن آڻ سکيو نه هوس ته روتي سان شادي ڪري جدا گهر هلائي سگهان شهر ۾ ۽ هوڏانهن روتي وارا به ايڏا شاهوڪار نه هڪا جو آڻ به هنن تي بار ٿيان. آڻ هونئن به ناپسند ڪندو هوس گهر ناڻي واري ٻنڌڻ کي.

جاني تون ڊڄ نه، آڻ اتي هلنديس جتي تون چوندين هلڻ لاءِ، ٿر وڻي هلين يا بر، وڻ ۾ وڻي هلين يا جهنگلن ۾، مون کي ساڻي ڀائنجاڻءِ پنهنجو هر هنڌ. تنهنجا مائٽ راضي نه ٿين ته ڪورٽ مئريج ڪنداسين ۽ آڻ هن کي رهائيندو آيس ته ناهي وڃان پنهنجن مائٽن کي. روتي هڪ دفعي چيو:

جاني! پيار ڪرڻ وارن جو ڪوبه نه هوندو آهي مذهب، متان مذهب جي آڙ ۾ جدا ڪرين.

ڪڏهن ڪڏهن روتي ڪيسي مان ڪارڊ ڪڍي چمڻ لڳندي هئي، منهنجي لڳل فوٽو کي. يڪدم چهٽي پوندي هئي، جڏ ته پيار مون لاءِ ئي هجيس. اهڙو پيار، جيڪو ٻئي ڪنهن لاءِ به نه هجيس. مون هڪ پل به جدا نه ٿيڻ جو تصور ۽ آڻ هن کي سمهارييندو هوس پنهنجي سيني تي. هٿ ڦيرييندي Kiss ڪندو هئومانس هن جي نصيب تي، دعا ڪندو هئومانس، شال سوايو ٿئي تنهنجو بخت روتي.

چون ٿا ته پتين کي به ڪن هوندا آهن. عشق ڪيترو به لڪائجي، پر هيءَ شيءِ ئي اهڙي آهي جا لڪي نٿي سگهي. اسان جو عشق ۽ پيار به لڪي نه سگهيو. باوجود لڪائڻ جي خبر نيٺ پئجي وئي هنن کي، ته مون به ٻڌائي ڇڏيو صاف صاف ته روتي بنان هڪ پل به جدا رهي نه سگهندس. ته مون کي پنهنجي گهر کان نيڪالي ڏني وئي ۽ جدا ڪيو ويو ملڪيت کان. اچي رهيس روتي وٽ... روتي لاءِ ته موسم اچي وئي بهار جي. جڏ ته هن کي پسند ئي اهو هو ته آڻ هن کان اڳ هن وٽ چو نه آيس. خبر پئي ڳوٺ وارن کي ته مون پيار ڪيو آهي هڪ غير مسلم سان ته چوائي موڪليائون ته ڳوٺ به نيڪالي ڏني وئي آهي.

۽ پوءِ نئين دنيا وسايم روتي سان وهانءُ ڪري. روتي وڃان سڪ مليم هر قسم جو، پيار ته اڳي ئي هو جڏ ازل کان، گڏجي هلايوسين گهر.

گلشن اسان جو گل گلزار بنجي ويو. مڌم گيت گونجڻ لڳا اسان جي ننڍڙي گهر ۾.

خوشين جا قدم، اسان جا قدم چمڻ لڳا. اسان جون دليون سون ورنيون ٽي پيون. جنهن گهر ۾ خوشيون، ڪلون، سڪون هجن، اتي جرئت ڪيئن ٿيندي غم کي ته چانئڻ ٽپي. اسان ٻنهي کي مليو هو پنهنجو پسنديده دن- ته پوءِ اسان خوش چو نه گذاريون. وقت گذرندي نه ڪئي ڪا دير. منهنجو نندو پاءُ ٽي ويو ڊاڪٽر. جڏهن ڊاڪٽر بنجي گهوٽ آيو ته گهوٽ جا سپ ماڻهو هن جا قدم چمڻ لڳا. منهنجي نندي پاءُ جي سخت رويي ۽ ترقي پسندانه خيالن سبب نهي ويا هئاسين پر دنيا الڳ الڳ هئي هر ڪنهن جي.

اهو ڏينهن آيو جو منهنجي پاءُ جي شادي هڪ غير مسلم چوڪريءَ سان (لو مئريج) ٽي رهي هئي. سينگاريو ويو هو سڄي گهوٽ کي... دهل، شرنايون، بينڊ، باجا، ڪارون، موٽرون، جيپون، اسڪوٽر... منهنجي انهن مائٽن، جنهن مون (ڪلارڪ) کي انهيءَ ڪري ڪڍي ڇڏيو گهر ۾ گهوٽ مان ته آڻ چو ٿو ڪريان هڪ غير مسلم سان شادي... ۽ اڄ جڏهن اهو ساڳيو پيو ڪري منهنجو نندو پاءُ ته خوشين ۾ شريڪ آهن منهنجا مائٽ، نندا، وڏا، پار، پوڙها، مذهب پسند راڄ وارا... فرق صرف حيثيت جو... جو آڻ معمولي پگهار وارو هوس ۽ پاءُ ڊاڪٽر، جيڪو اسيمبلي ميمبرن ۽ وزيرن جو ماڻهو هو.

پر مون کي ڪابه خوشي نه هئي... ماتم هو منهنجي دل ۾... افسوس هوم دنيا جي رنگيني تي... زماني جي حالتن تي گوڙها گاڙيندو پاءُ جي چني مان نڪري آيس.

(عبرت ميگزين 1 جولاءِ 1981ع)

روپا جو محل

هن منهنجو هٿ پکڑيو، پنهنجي چيچ مان چلو لاهي، منهنجي چيچ ۾ وڌائين ۽ منهنجي چيچ جو چلو لاهي، پنهنجي چيچ ۾ پاتائين. صرف ايترو چيائين ته "سنيل، اسان غريبن جي دل نڪرائجو نه..." ۽ هلي وئي منهنجي ڪمري مان هڪ ٽڏو ساهه پري... ۽ ائين ويجهو ٽيڙ لڳي هئي، منهنجي ڪمري جي روز صفائي ڪندي ۽ آڻ ۾ هن جي دل کي ڏسي پيار ڪرڻ لڳس هن سان ۽ هوءَ پيار جي پالوٽ ڪندي مون سان گڏ، منهنجي ڪمري جي هرهڪ شيءِ کي چاهيندي هئي ايترو پانءُ... هجيس پنهنجو گهر... ۽ مون کي ڪن پل واري صفائي وقت پيار ڪندي هيم ايترو... پانءِ آڻ ۾ هن جو... پنهنجو هجان.

روپا کي آڻ صرف ايترو سجاڻندو هوس ته هوءَ آهي منهنجي پاڙيسري. سال کن اڳ جڏهن پيءُ هن جو لڏي اچي وينو پاڙي اسان جي، ته حال هيٺا هيس بيماريءَ ۾. ايترو ته خرچ نه هوس جو علاج ڪرائي سگهي پنهنجو... پانءَ ڏيءَ جا هٿ ميندي رتا ڪرائڻ ته رهيو تمام پري... ۽ هو گذاري ويو ۽ روپا جي ماءُ... پورهيو ڪرڻ لڳي. هونئن به سڀ هئي اڇ وڇ هنن جي گهر جي... ۽ پهرين پهرين چيائين اسان کي ته ڏيوم پورهيو... چو جو اشراف جو گهراڻو اسان جو پاڙي سڄي ۾... ڪوبه مرد اسان جو ڪنهن ڏانهن به نه ڪٽندو هو ڪا اک... انهيءَ ڪري روپا جي ماءُ، پنهنجي جوان ڏيءَ سان پسند پئي ڪيو اسان جو گهر... ۽ منهنجي ماءُ هنن جي غربت ڏسي ڏنو هنن کي ڪم... ۽ گهر سڄي جو ڪم، ڪپڑا ڏوئڻ... ڏانو... ٻهارو... صفائي... چند ڦوڪ... سؤ سوا جي پگهار تي هنن جي پئي گذري زندگي معمول جيان. ماني ڪائي وجي آرام ڪندا هئا پنهنجي گهر.

آڻ ڪاليج وڃڻ لاءِ اٽندو هوس دير سان... ۽ ٻيا سڀ هليا ويندا هئا سوير ڏيوٽين تي... گهڙي منهنجي ڪمري ۾ اٽارينديو هئي پهرين پهرين مون کي... ۽ ائين حرڪتون ڪندي... آهستي آهستي ٽي وئي مون سان فري ۽ پوءِ تمام گهٽي فري.

روپا هئي پندرهن سالن جي ۽ عمر جي لحاظ کان هوءَ مست لڳندي هئي پنهنجي جواني ۾... رنگ سانورو، سڀ شڪل شبيهه تي لڳايو بينو هو چار چند.

ايريل چاتي ۽ ٽالمٽول جسم مان هوءَ لڳندي هئي پُرڪشش... حرڪتن ۾ گهٽي فري هوندي به هوءَ محدود رهي پنهنجي ڳالهائڻ ۾.

هڪ ڏينهن چڪي منهنجو هٿ لاٽائين چلو ۽ وڌائين پنهنجي چيچ ۾... پوءِ وڌائين منهنجي چيچ ۾ پنهنجي هٿ جو چلو... ۽ پري ٽڏو ساهه، نڪتي ڪمري مان ائين چئي... "سنيل... توتي خبر نه آهي ڪيئن دل لڳي اٿم..."

عجب لڳندو هوم ڪڏهن ڪڏهن مون کي... ته روپا جهڙي اشراف چوڪري، ڪيئن

حرڪتون ٿي ڪري مون ڏارئي نوجوان مرد سان. پر هتي سچي لڳم سياڻن جي چوٽي تہ دل ڪنهن تي نہ آهي ايندي... جي آئي دنيا جي ڪنهن بہ شخص جي نہ آهي ڪندي ڪابہ پرواھ ۽ پيار ٿي ويندو آهي پاڻهي...

سو پيار ٿيو مون سان روپا جو، مون بہ ڏني موٽ پيار سان... جنهن ڏينهن نہ ڪري وڃان kiss هن کي ڪاليج، پاڻ منهنجي زهر پريل هجي اهو ڏينهن... ۽ موٽي ايندو هوس ڪاليج مان تہ سجايل هوندي هئي، هر شيءِ سليقي سان... منهنجي ڪمري جي.

سنيل... پلا روپا... صرف تنهنجي ڪمري جي ايتري صفائي ڪري چو ٿي...

پاڻ... گهروارن کي ٿي پيو شڪ...

خبر ناهي چو...؟ نتائي هليو ويندو هوس ائين چئي... نيٺ پڇي وئي خبر مائٽن کي... تہ پيار ڪرڻ لڳي آهي روپا سنيل سان...

خبر پوندي ئي منهنجي مائٽن ڪڍي ڇڏيو روپا وارن کي سڄ روپين واري نوڪري مان... ۽ چيائون... ڪٿي اسان جو پٽ شهزادو ۽ ڪٿي نوڪرياڻي ٽڪي جي... ڪاري ٿي اسان جي پٽ کي... ۽ هوڏانهن لٽجي وئي دنيا منهنجي... ۽ ويڳاٽو ويڳاٽو گذارڻ لڳس پنهنجو وقت ۽ ڇڏي ڏنم ڪاليج وڃڻ.

روپا وارن، وسايو وجي ٻيو ڪو گهر... ۽ مون کي موڪلي ڇڏيو مائٽن پڙهڻ ڀاڻي يونيورسٽي ۾... پر نہ وسريم پئي ڪڏهن بہ روپا جو پيار... ۽ گذريو بہ پئي يونيورسٽي جي باوقار ۽ پياري ماحول ۾ سنو وقت.

هڪ ڏينهن خبر پيم تہ شادي ٿي وئي... روپا جي... هڪ غريب پر خوشين واري گهر... منهنجي بہ شادي ڪئي وئي...

منهنجي زال... دولتمند... هينڊسم... بيوٽيفل... وڏو گهراٽو، چاهت مائٽن جي... هجن مٽيون شيون چوڪري ۾... ملي انهن کي اميرن وٽان ٻُڌن... فريال... هڪ ڏيءَ لکا پتي جي... هن جا شوق... گهمڻ... ڦرڻ... سهيلين سان، دوستن سان... ڪلب... سئنيما... ڪاليج... ڪارون... موٽرون... پاڻ زمين تي پير ئي نہ رکيو هجيس. مان ڪو ڪنيو آ ڇا تنهنجي گهر جو نيڪو... 'شادي' تہ عيبن کي لڪائڻ جو طريقو آهي آسان، اسان وڏن ماڻهن لاءِ... سو تون منهنجي عيبن کي ڍڪڻ لاءِ آهين هڪ سهارو حيثيت مڙس جي...

صفائي جو چيم... تہ مٽيان لفظ ٻڌي هوش ئي ٿي ويم خطا، ۽ آڻ خاموش ياد پئي ڪرڻ لڳس... "صفائي ۽ پيار روپا جو..."

اسان اڇي ڦاٽا آهيون آواره ۽ ڪني رن مان... جيڪا پئي سدائين گهمي... نہ گهر جو خيال... نہ مڙس جي خدمت...

مائٽ بہ تنگ نظر اڇڻ لڳا فريال مان.

ڪيئن امان روپا...

بس ابا! ڪهڙي ڪنيو ڪٽيءَ جو ٺڪرايوسين روپا جهڙي سلڇٽي ڇوڪري.

ءِ روپا جهڙي خوش... ڪابہ نہ هئي سڄي پاڙي ۾ ءِ گهر هن جو پيو ٻهڪندو هو هڪ ننڍي جنت جيان... پاڻُ دنيا جي هر خوشي هنن جي قدمن هيٺان هجي...

سوچيم... پاڻِ...

اهو ئي تہ تفاوت... هڪ لکا پتي جي ڏيءِ... ءِ غريب جي ڏيءُ جو... سوچيندو ئي ويس رهجي...

(عبرت مئگزين 16 آگسٽ 1982ع)

شادي ۽ موت

ڪل... شور... گوڙ... هنگامو... لائوڊن جي ڪڙڪاٽ... چيرن جي چمڪار... ديڳن جا ڪڙڪا... ماڻهن جي اڇ وڇ... وڏيري علڻ جي شادي...

وڏيري جي پاڙي ۾... روڇ... راڙو... اٽ ڏهه ماڻهن جي روئڻ جو آواز... وڏيري علڻ جي هاري جي نوجوان پٽ جو نانگ جي ڏنگجڻ سبب اوچتو موت... جنازي ۾ ستن اٽن عزيزن کان سواءِ ڪن ٽورن هارين جي شرڪت... ...

سوين ماڻهو شادي ۾...

۽

ڪجهه سالن کان پوءِ...

وري ڪل... هنگامو... اڇ وڇ... ديڳن جا ڪڙڪا... چمچن جي ڏي وٺ... سواءِ لائوڊن جي ڪڙڪاٽ ۽ چيرن جي چمڪار جي شادي ٿي لڳي.

اڄ سوين ماڻهن جي اڇ وڇ... وڏيري علڻ جي پيٽ جي فوت ٿي وڃڻ جي ٽيجهي جي ماني هئي... جنهن کي سوين ماڻهن دفنايو... ۽ انهيءَ وقت هڪ هاري جي ٻُڍ جي شادي جا ڏينهن ٻڌل ملتوي ڪيا ويا... ڪجهه ڏينهن لاءِ... ڪنوار ونهاڻ ۾ وينل هئي... وڏيري جي گهر موت سبب شادي هفتو مهمل... ...

شادي جي ڏينهن کو ڪل نه... ڪوبه هنگامو نه... نه ديڳن جا ڪڙڪا... نه ئي ماڻهن جي خاص اڇ وڇ...

وڏيري ته بي عزتي سمجهي شادي ۾ اڇڻ لاءِ... ۽ هارين عزت سمجهي شادي ملتوي ڪرڻ ۾...

ڪنوار جي ڳولا

”ابا هاڻ تہ جوان آهين، ڪو پت تہ ڪاراءِ، ڪا راڻي ڏيکار...“ عورتن جا اهي آواز منهنجي ڪنن تي گونجندا هئا هر روز.

ابا... فلاڻي ڪپئي... ادا فلاڻي توکي بہ پسند ڪري ٿي. ادا ڏاڍي سڻي آهي چوڪري، رڳو راضي ٿي... پر آءٌ ڪنهن جي ڳالهہ تي نہ اچي، سيني کي ائين چئي خاموش ڪرائي ڇڏيندو هوس تہ مان شادي نہ ڪندس.

نعوذ باللّٰہ ڪو نامرد آهين چا جو شادي نہ ڪندين.

چا جواب ڏيان.

دل ۾ سوچيندو هوس تہ شادي اهڙي چوڪري سان ڪندس، جنهن جي زندگي سورن ۽ ڏکن ۾ هجي، هوءَ پنهنجي موجوده زندگي مان بيزار هجي، اها پنهنجي زندگي جي نجات حاصل ڪرڻ لاءِ راهون تڪيندي هجي.

بالغ ٿيڻ بعد شادي جي خواهش تہ مون کي بہ ٿي هئي، پر مان پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، پنهنجو وقت اندروني طرح انهيءَ مظلوم عورت کي ڳولڻ ۾ صرف ڪيو، جيڪا منهنجي اميدن وٽان هجي. منهنجي ڳولهڻ سان منهنجي سامهون عورتن جي مظلوميت جا گهٽا طبقا اکين اڳيان ڦرڻ لڳا. اهي چوڪريون بہ تصور ۾ آيون، جن جون شاديون مائٽن پئسن جي لالچ ۾ پئي ڪرايون. اهي چوڪريون بہ عڪس جيان گهمڻ لڳيون، جيڪي سماج جي بيجا رسمن ڪري گهر جي چار ديواري ۾ قيد هيون ۽ گهر نانيءَ بدي جو سگ ۽ ڏاج جهڙين بيجا رسمن سبب شادي جهڙي زيور کان ڇاهندي بہ محروم رهيون. پر مون کي اڃان بہ مظلوم طبقي جي ڳولا هئي.

گهٽن گهرن مان هڪ گهر ويس... انهن گهرن کي باقاعده بازار سڏي ويندي آهي ۽ انهيءَ بازار کي ”بازار حسن“ جي نالي سان ڪوٺيو ويندو آهي ۽ انهن گهرن کي اڪثر وڏو گهر چيو ويندو آهي... جتي مون کي مظلوميت (اها مظلوميت جنهن جي مون کي تلاش هئي) جي بوءِ اچڻ لڳي. انهيءَ گهر ۾ داخل ٿيس، بہ نوجوان چوڪريون هيون. حسن وپيڪر جو ڪمال، شباب ۽ جواني جو جمال هيون. ٻنهي روئي ڏنو، چيائون... تون بہ اسان مان مزو ونڻ آيو آهين... پر... اسان جي مائرن ۽ وڏين پيٽن مان تہ مزو وڃي سگهين ٿو، پر اسان جي ويجهي اچڻ جي بہ جرئت نہ ڪجانءِ.

پلا توهان جون مائرون ۽ پينرون چو؟ مون سوال ڪيو.

اهي هن ڏنڊي ۾ هري ويون آهن... انهن ڳالهہ کي وڌائيندي چيو. اسان هنن جي هٿان

ڪئين مارون ڪاڏيون آهن، جيئن اسان هن ڏنڊي ۾ مجبور ٿي، هنن کي پئسن ڪمائڻ ۾ مدد ڪري سگهون. پر اسان جو فيصلو اٽل آهي، ته پاڪ رهون. مون پڇيو: پلا توهان هن گندي دنيا مان نجات ڇو نٿيون حاصل ڪريو؟

هڪ روئي چيو: نجات! هر پروانو شمع جو واس ونڻ لاءِ هتي ايندو آهي. هتي سڀ پنهنجون خواهشون پوريون ڪري هليا ويندا آهن. اسان جتي ايندڙ هر مرد کي نجات حاصل ڪرڻ لاءِ پڪاريو هوندو، پر انهن نفرتن کان سواءِ موت ڪنهن شيءِ جي به نه ڏني آهي.

هيستائين ڪنهن به مرد اسان جي زندگي بابت سوچيو ته ڇا، پر اهڙا سوال به نه ڪيا آهن، جهڙا تون پيو ڪرين. شايد تون مرد نه پر فرشتو ٿو ڏسجين، اسان جي نجات جو وسيلو تون ئي هجين.

مان ته هڪ مرد آهيان، پر جنسي خواهش پوري ڪرڻ وارو نه، پر ڪنهن جي زندگي بابت سوچڻ وارو... سوچ... تون اسان بابت اهو ئي ته سوچيندين ته اسان حرام عورتون آهيون، اسان جي ماءُ وٽ هر قسم جو مرد آيو هوندو، الائجي ڪهڙي مرد سان اسان جي پيدائش هجي. سو اسان کي ڪير ٿو پسند ڪري. حسن واخلاق تنهنجي سامهون آهي، پر اسان صرف حرام ڪري گند ڪچرو سمجهيون ويندیون آهيون.

ڏوهه هاڻ اسان جو ٿيندو جي نڪاح کان سواءِ ڪنهن کي ويجهو اچڻ ڏيون.

هنن جون ڳالهيون منهنجي نس نس ۾ سمائجي چڪيون هيون... تلاش هير ته انهيءَ طبقي جي.

مون انهن مان هڪ سان عهد ڪيو ته مان تنهنجو آهيان ۽ بيءَ کي به دلاسو ڏنم ته توکي نجات ڏيارينڊس. هاڻ اتان هنن کي ڪڍڻ جو مسئلو نروار ٿيو. هن جي ماءُ سان ڳالهايم، پر انڪار کان سواءِ جهڳڙو به نصيب ٿيم. ڪافي رعب ڪيم ته تون هڪ رنڊي... پر هن به منهنجي رعب جو جواب رعب سان ڏنو. هن جي ماءُ کان مايوس ٿيڻ بعد پروين کي چيم هاڻ ڇا ڪجي؟ سوچ...

ڪجهه ڏينهن بعد ويس ته پروين چيو ته اسان تي چوڪسي وڌي وئي آهي... پر پاڻ پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين. هڪ عورت جي اها ڳالهه منهنجي دل وڏي ڪرڻ جي برابر هئي. نيٺ وڏي ڊڪ ڊوڙ بعد، پوليس جي مدد سان هنن کي گندي دنيا جي قيد مان آزاد ڪرايم.

پروين ۽ نسرين کي نجات ته ڏياريم، پر پاڻ ڦاسي پيم، ته هاڻ گهر ڪيئن وڃان. سوچيندي گهر آيس. گهر اهو نه ٻڌايم ته هي رنڊي جون ڏيون آهن. ٻه ٽي ڏينهن مس گذريا هئا ته منهنجي سؤٽ انهن کي سڃاتو ته هي... (شايد هو بازار حسن ۾ ويو هو) پوءِ ته مون تي ممڻ مچي ويو. منهنجي سؤٽ به سمجهايو ته هي چوڪريون اشراف آهن، مون به هنن جي اشرافت جا قسم کنيا، پر منهنجا مائٽ مذهب پسند ته اسان جي گهر ۾ حرام عورتون... هنن

يڪدم ٻنهي ڇوڪرين کي گهران نڪرڻ جو حڪم ڏنو. پر مان پنهنجي مقصد کي اڏ ۾ ناڪام ڏسڻ لاءِ هرگز تيار نہ هوس. مائٽن کي چيم تہ آءٌ ٻہ گهران نڪري وڃان.

آءٌ پروين ۽ نسرين کي ساڻ ڪري پر واري شهر ۾ آيس. پروين سان ڪورٽ ۾ نڪاح ڪري، هڪ دوست جي گهر جي جڳهہ ۾ رهيس. ڪجهہ ڏينهن بعد مسواڙ تي جاءِ ورتم. شوق خاطر پر سال هن ئي شهر ۾ نوڪري ورتي هيم، اها هن وقت ڏاڍي ڪم آئي. مائٽن سان هوس تہ پگهار جا چار سؤ تہ ليکي ۾ ئي نہ هئا... پر هاڻ انهيءَ پگهار جي پائي پائي کپائيندي ٻہ شدت سان تڪليف محسوس ٿيندي هيم، چو جو هاڻ منهنجي ڪلهن تي بار هو. بهرحال تڪليف سان ٻہ مهينا گذري ويا. نسرين جي شادي جي ڪوشش ڪيم ۽ هڪ دوست کي راضي ڪيم. هن جي شادي ڪرايم... ڪورٽ ۾ ... ٻنا خرچ جي... سڪ جو ساهہ تڏهن کنيم جڏهن نسرين کي پنهنجي نئين زندگي ۾ خوش ڏٺم. منهنجي ۽ پروين جي زندگي هاڻ معمول تي اچڻ لڳي. خوشگوار ماحول، حسين زندگي، پيار ۽ پريم جا مڌر گيت... جنت نما گهر، زندگي آرام سان پئي گذري.

هاڻ ماءُ پيءُ نيٺ اولاد جي جدائي گهڻو وقت سهي نہ سگهيا. آهستي آهستي خط لکڻ لڳا، جنهن ۾ ماءُ جي ممتا منهنجي چهري ڏسڻ لاءِ بيچين نظر ايندي هئي. پر مان هن عظيم مقصد خاطر... انهن مائٽن هٿان شڪست نہ کائڻ جو عهد ڪري چڪو هوس، جيڪي ريتن ۽ رسمن جا پوڄاري هجن.

نيٺ انهن مائٽن شڪست تسليم ڪندي منهنجي شهر واري جاءِ تي پهتا ۽ تسليم ڪيائون تہ اسان پليل آهيون. پروين انهن جي دل ۽ جان سان خدمت ڪئي ۽ انهن کي تسليم ڪرايو تہ واقعي هوءَ عظيم عورت، سڻي زال، سڻي ماءُ، سگهڙ گهر ڏياڻي آهي. هاڻ اسان کي چنڊ جهڙو پٽ ٻہ هو دانش... تمام پيارو ۽ ٻاتين ٻولين وارو ڇوڪرو. هر ڪنهن کي پيو وٽندو هو. ڪيس سي پيار ڪندا هئا ۽ اسان جو گهر موتين محل ۽ خوشين جو خزانو بنجي ويو.

مان اندر ۾ خوش هوس تہ اها عورت، جنهن جي ذات پات جي خبر نہ هيم ۽ هن جي زندگي ڪهڙي مظلوميت سان پئي گذري، تنهن کي نئين زندگي ڏنم. اڄ اسان خوش آهيون.

سوچيان ٿو تہ اهڙيون ڪي ڇوڪريون اڄا ٻہ آهن، جيڪي اهڙن مردن ۽ پنهنجي حسين زندگي لاءِ واجهائيندڙيون هوندڙيون. ڪاش اسان ئي هڪ قدم اڳتي وڌائي سگهون...

نرالي شادي

گھٹا ڏينهن ٿي ويا هئا. سوچيم اڄ خالد جي گھران ٿي اچان. خالد ته ملي ڪونہ ٿو، ملي اچانس. اهو سوچي لنگھي ويس. هن جي گھر پھچان ته دهلن جا آواز هجن، عورتون پيون ڳائين... سوچيم خالد ڪجھ ڪيو آهي جو مون جھڙي يار کي ياد نہ ڪيو آهيس... آهي ته ناممڪن... پر الائجي... تيستائين خالد نڪري آيو.

هيلو... ڪري آجيان ڪيائين...

يار هي ڇا ڪيو اٿئي جو اسان کي ب ياد نہ ڪيئي. بس مڙئي... ڪري اندر وڃي ويو. پنج ڇھ مرد ٻيا ب هجن. اندر ٻي ڪمري ۾ عورتن جي (جن ۾ اڪثريت نوجوان ڇوڪرين جي هئي)

يڪدم ٻن ٽن قسمن جا طعام، شربتون، ميوات پھچي ويا. يار ٻڌاءِ ته سھي ڇا ڪيو اٿئي؟ مون واري ڇوڪري ڪڏي (گھوٽ) کي پرٽايو آهي. سو گھوٽ آهي فريده جو ڪڏو... سو هيترو کٽي خرچ ڪيو آهيس.

تڏهن منهنجي سوچ دنگ رهجي وئي. دل ۾ سوچيم يار خالد... پري نہ... تنهنجي پاڙي ۾ ڪيترا غريب آهن جن کي ويلا ب نصيب ڪونہ ٿا ٿين... ۽ تو وٽ... سوچيندو گھر مان نڪري آيس.

پنهل کاڻ مياس

سڌريل... هر هنر جاڻندڙ... هٿ جو... پرت جو... رلين ناهڻ جو... مڙين جو... ايترو تہ مشهور ٿي چڪي هئي، جو پري پري کان اچي ڪپڙا هن کان سبرائيندا هئا. جتي ڪٿي هاڪ تہ ڇوڪري سڌريل آهي، هر ڪم ۾ مهارت اٿس. اخلاق تہ ايترو بلند هوس جو پاڙي جون جوان تہ ڇهيو، پر ٻڌڙيون مايون بہ هن سان ڪچهري لاءِ ايندیون هيون.

ارڙهن سالن جي نوجوان حسين ۽ پتڪڙا جذبا رکندڙ پيار جي ڏڙکندڙ دل... اڏمن ۽ جذبن واري...

ياسمين جي هر روز چاليهہ پنجاهہ روپين جي ڪمائي گهر کي پئي سنياليو. سندس پيءُ جو پينشن تي لهي چڪو هو ۽ سندس هڪ ئي وڏو پاءُ اول نمبر جو جواري هو. سڄي گهر کي سنيالڻ واري ياسمين تي مائٽن جو ظلم ۽ اجائي ڪنٽرول کي بہ هوءَ برداشت ڪري رهي هئي.

هن لاءِ ڪيترا ئي سڳ اچڻ لڳا، هرڪو چوي تہ اسان جي گهر جو پاڳ ڪلي. هيڏانهن مائٽ جو هئا، جو ڪنهن کي بہ سڳ ڏيڻ لاءِ تيار نہ پئي ٿيا.

ياسمين جو پنهنجي سڳي سؤٽ امجد سان ننڍي هوندي کان پيار هو. ڪڏهن لڪي ملي ونندا هئا ۽ ائين هو ٻئي سهانا سپنا ڏسڻ لڳا هئا.

امجد ڊاڪٽري جو شاگرد هوندي معصوم ياسمين سان وعدا ڪيا هئا.

عيد رات هجي. ڪنهن بهاني سان ياسمين امجد وٽ پهتي.. ڪاش پنهنجون عيدون ائين گذرن بنا ڊپ جي. تڏهن مائٽن ڪيس ڏسي ورتو. تڏهن ياسمين کي گهر مان نڪرڻ تي بہ پابندي لڳائي وئي.

ياسمين ۽ امجد جا نياپا ساڳيا واعدا، ساڳيا سپنا...

هاڻ تہ ياسمين پنهنجي جوين ۾ هئي. هن کي اهي پيار پريون گهڙيون ياد اچڻ لڳيون، امجد سان ڪيل واعدا ۽ وچن تڙپائڻ لڳا.

هن جي سوچ تہ مان مائٽن جي ظالم چنبي مان آزاد ٿيان، پر مجبوري، بيوسي ۽ ظلم هن کي خاموش رهڻ تي مجبور ڪيو.

پر ڪيستائين...

هڪ ڏينهن امجد ڏانهن نياپو موڪليائين تہ منهنجا مائٽ گهر نائي تي راضي ٿي ويندا. توکي قسم آ منهنجو، منهنجي زندگي ڪاڻ اها قرباني ڏي ۽ پنهنجن مائٽن کي سڳ لاءِ موڪل.

حالانڪہ امجد گهر نائي خراب رسم کان سخت نفرت ڪندو هو. پر ياسمين جي جيتڻ

ڪاڻ هن شڪست قبولي.

ياسمين جي نياپي ۾ هي اکر به شامل هئا ته منهنجا مائٽ اڄا به راضي نه ٿين ته پوءِ جو ڪم مون تي ڇڏ.

ياسمين هاڻي ڪنهن به حالت ۾ پنهنجي جواني کي ويهي لٽائڻ جي خلاف ٿي چڪي هئي، هاڻ هن منصوبا پئي سوچيا، پنهنجي گهر ۽ ور لاءِ.

ياسمين جي جرئت پرئي نياپي امجد جي دل وڌائي.

هيڏانهن امجد صفا انڪار ڪيو ته ياسمين کان سواءِ مان شادي نه ڪندس.

ياسمين جي نياپي تي امجد پنهنجن مائٽن کي موڪليو، پر وري به مايوس. انڪار کان پوءِ ياسمين جي دل تڙپي اٿي، جذبات ۾ اچي بغاوت جو سوچيائين. وري سوچ صبر ۾ بدلجي وئي.

بابا، توهان به به شاديون ڪيو وينا آهيو. جذبات هر ڪنهن کي هوندا آهن، توهان منهنجن پئسن ۽ ڪمائي ڪري منهنجن جذبن سان راند پيا ڪريو. آءٌ وعدو ٿي ڪريان ته هي گهر پوءِ به منهنجي حوالي هوندو.

پيءُ چيس: اسان کي امجد وارن کي سڳ ڏيڻو ئي ڪونهي. ياسمين تپندي چيو ته ٻيو گهوٽ آءٌ به نه ڪنديس. ته پوءِ ڪنواري ئي ٺيڪ آهين. ماءُ به خلاف ٿيس.

هن سوچيو ته جيتري قدر شرافت واري زندگي گذارجي اوترو ٺيڪ، پر اڳيان چلڪندڙ جواني، جذبا، احساس ۽ اڪيلائي ڏنگيو پئي.

هڪ ڏينهن امجد ڏانهن نياپو موڪليائين ته فلاڻي رات منهنجو انتظار ڪج.

هڪ ڏينهن گم رهڻ بعد ٻئي ڏينهن اخبار ۾ اشتهار آيو ته امجد ۽ ياسمين ڪورٽ ۾ نڪاح ڪيو.

ڪجهه هفتن بعد ٻئي واپس آيا ۽ امجد پنهنجي ڪنوار سان خوشگوار زندگي گذارڻ لڳو.

هيڏانهن ياسمين جا ماءُ پيءُ بڪن ۽ فاقن ۾ گذارڻ لڳا. ياسمين پنهنجو گهر ناهيو ساڳيو هن جو ڪم. امجد ڊاڪٽر ٿي ويو، انهن هڪ دفعو وري پنهنجن مائٽن کي سنياليو. ياسمين وٽ پنهنجو دل گهريو ور هوس ۽ جنت نما گهر هوس.

(عبرت مئگزين 17 اپريل 1985ع)

اهي شاديون

وري خبر پيم ته ڳوٺ ۾ شاديون پيون رڇجن ... منهنجي دل جا گهنڊ وڄڻ لڳن ٿا ... دل جي ڏڪ ڏڪ جا آواز بلند ٿيندا ٻڌان ٿو ... شادي جا ڏينهن ويجها ٿا اچن ته پگهار جي پئسن جو بار بار ٿو حساب ڪريان ... پلا ڇا ٿيندو ... ڪيئن ٿيندو ... ؟

آفيس ۾ سوچيان ٿو ...

گهر ۾ پهچندي ئي هي آواز ٿو ٻڌان ... "پلا پپو جا پيءُ ... تنهنجي پائڻي ۽ پاٽيجي جي شادي جا ڏينهن اچي ويجها ٿيا آهن ... ڇا ٿو ڪرين ... ؟"

"ڇا ڪريان ... ؟"

"ڪجهه ته تياري ڪر."

"گندي گندي ڏينداسين ... موڙن جي گهور ... سرگس ... لاڳ ... گهور ... ۽ پت جي پاٽ ۾ به ٻه ٽي سؤ لڳي ويندا. سي ڪٽي اوڏر سوڏر ڪندس."

مون ڪنجوسپائي مان ڪم ورتو ...

"اڙي انهن کي ڇڏ ... پهرين اسان جي ته ڪر ..."

"ڇا مطلب ..."

"ميان ٻه شاديون آهن.. چار نه ته ٻه وڳا منهنجا نوان ڪپن ... ٻه وڳا بيبي جا، ٻه وڳا پپو جا ..."

"اڙي ته توهان کي ته هميشه پيو وڻي ڏيان ... توکي ته گذريل مهيني ئي وڻي ڏنا اٿم ..."

"اڙي ... اهي ته سڀ مون پاتا آهن ... پاتل وڳا پائي ڳوٺ ته نه ڪلائيندیس ... اسان کي ڪپڙا ضرور ڪپن ..."

"پلا جهڙوڪر توهان جون شاديون هجن ..." مون ٽوڪ واري انداز ۾ مذاق ڪيو ...

"۽ پوءِ ڪنوار ... ڪنوار لاءِ هڪ وڳو ... ڏاج پوت ... گهورون ... ريتون، رسمون ... مون کي پنج ڇهه سؤ ٻيا ٻه ڪپن ..." مون واري بيگم هڪ وڌيڪ مغز وارو ڪاپاري ڏڪ هنيو ...

"پلا هزار پگهار مان ڇا ٿيندو ... ؟ پنڌاسين ته ڪونه ..." مون سمجهائيندي چيو.

"سائين مرضي وارو آهين ... اوڏر وڻي ٻه ڪم هلائڻو پوندئي ... اسان کي خوار ڪونهي ٿيڻو ..."

"ها سائين ..."

آءٌ دل جو سور دل ۾ سانڊي پنهنجي بيگم اڳيان شڪست کائيندي پنهنجو سر جهڪايان ٿو ... ۽ سوچيان ٿو ته اهي شاديون ته اسان جو ڏيوالو ٿيون ڪڍن ...

(نئين زندگي 15 مئي 1986ع)

ثبوت

مان ضد کيو وينو هوس ته شادي ڪندس ته 'نازو' سان... مري ويندس ٻي ڪنهن هنڌ شادي نه ڪندس. نازو منهنجي ڪلاس فيلو هئي... نازو ۾ ڇا هو جو مون کي پسند هئي. صرف سونهن، حسن ۽ جواني...

حسين ڇوڪرين سان ته دنيا ڀري پئي آهي، پر مون کي هن جي حسن ايترو ته موهيو جو دل ئي دل ۾ فيصلوڪيم ته نازو سان ئي شادي ڪندس. پوءِ نازو سان شادي ڪرڻ لاءِ راهون تلاش ڪيم... نيٺ نازو سان ڳالهائي راضي ڪيومانس. منهنجا مائٽ سمجهائڻ ۾ ته ابا اهي وڏا ماڻهو اٿئي، هنن سان نينهن جا ناتا نه اٽڪاءِ... دوست سمجهائڻ ۾ ته يار، نازو خود به خراب چال چلت جي آهي، هن سان شادي نه ڪر. پر آڏ سيني کي نڪرائيندو رهيس. نازو جي راضي ٿيڻ، ويتر تڪڙ ڪرڻ تي منهنجي دل بيچين ٿيڻ لڳي. هيڏانهن مٽ مائٽ، دوست سنگت، ساڻي ۽ پائر سمجهائڻ ۾ ته نازو جهڙي خراب ڇوڪري سان توهان ته نه هلي سگهندا.

آڏ انهيءَ ضد ۾ ته توهان وٽ نازو جي بد ڪرداري جو ڪهڙو ثبوت آهي؟

آڏ جيستائين اکين سان نه ڏسندس، تيستائين نه مڃيندس. هونئن ته نازو جي مون سان چال چلت، هلڻي گهمڻي، رهڻي ڪهڻي سڀين ۽ اخلاق وارين ڇوڪرين جيان هئي.

هڪ دوست به اڃي هن جي بدڪرداري بابت سمجهايو.

مون دڙڪو ڏئي چيو ته تو وٽ ڪهڙو ثبوت آهي؟ هن منهنجي ڳالهه تي بيزار ٿيندي چيو ته "ثبوت ٿو گهرين ته وڃ... هن جي ساڃي پاسي جي سٽر تي ٽِر جو نشان اٿئي."

مون به "هون" ڪري هن جي ڳالهه هڪ ڪن مان ڪڍي ڇڏي.

وري اها شادي جي لهر ۽ ائين نازو سان شادي ڪيم. شادي جي رات... ها... سيج جي رات...

بنا ڪنهن سوچ جي... ڪاب ڳالهه ذهن ۾ نه هوندي هن جي سٽر تي ٽِر جي نشان تي نظر پئجي ويم... ۽ پوءِ... مون تي ڇا ٿي گذريو...

يڪدم سوچن ۾ غرق ٿي ويس.

(روزانه عبرت حيدرآباد 18 جنوري 1987ع)

اکيان رو رو ٹکيان

بس ۾ تمام گھٽي رش هئڻ سبب بيهڻ جي جڳهه ملي. ڪنڈيڪٽر اسان کي ڏکيندو اڳتي وڌي ويو ۽ اسان ليڈيز سيٽ جي بلڪل اڳيان بيهي رهياسين. پهرين سيٽ تي هڪ عورت ننڍي نيٽي، ڳاڙهي وڳي ۾ سجايل، ڳاڙهي ۽ سنهي پوتي جو برقعو، نٿ نڪ ۾، ميندي رتا هٿ... ڪنوار جي روپ ۾، جڏهن مون کي ٽي ڏنائين تہ مون کي ذري گهٽ مدهوش ٽي ڪيائين. هونئن بہ عورت ڪيتري بہ خراب هجي، پر ڪنوار جي روپ ۾ هر نوجوان مرد کي وٽندي آهي. 18-20 سالن جي جواني جي جوش سان پريل نوجوان چوڪري، هلڪو چهرو، گول منهن، ڪٽاري اکيون، اڇو رنگ... ڀهراڙي جي معصوم چوڪري سو وري ڪنوار جي روپ ۾، چار چند لڳايو ويني هئي.

هن جيئن مون کي ڏٺو، مون مان اک بہ نہ پئي ڪڍيائين. آءٌ هن کان چار پنج سال وڏو، تقريبًا هڪ جيڏو نوجوان هوس. هن جي مون ڏانهن نهارڻ تي آءٌ بہ هن ڏانهن نهارڻ لڳس. آءٌ ڊپ کان هيڏانهن هوڏانهن ڪنڌ ڦيرائڻ لڳس تہ متان هن جو ڪو مرد تاڙي وڃي. پر هن ڪنوار، پنهنجي پرسان وينل مائٽياڻين کان بي نياز ۽ بي پرواهه ٽي مون مان هڪ پل بہ اک نہ ڪڍي.

آءٌ ڏسان تہ ذري ذري پئي اکيون اڳهي. ڪنهن ڪنهن مهل تہ مون هن جا ڳوڙها صاف پئي ڏٺا. ڏنائين پئي تہ رني پئي، رکي رکي ٽڏا ساهہ پئي کنيائين ۽ مون سوچيو پئي تہ ڪنوار ۽ ان جي هيءَ حالت! آخر ڇو؟

مون کي ٿورو پريشان ٽيندو ڏسي منهنجي پرسان بينل هڪ همراهہ رازداري سان ڪن ۾ ڦس ڦس ڪئي: ”يا تہ ست سالن جو پوڙهو مليو اٿس، يا اٺن سالن جو ٻار!“

شايد ٻڌي ورتائين جو ڦسي پئي. اسان جي لهڻ جو هنڌ اچي ويو. دل تہ لهڻ جي نہ پئي ڪري، پر لهندي اوچتو گهوٽ تي نظر پئجي ويئي. سهرا سجايو پيءُ جي هنج ۾ وينو هو، 7-8 سالن جو ٻار! ڪنوار سڏڪو پري هٽن ۾ منهن لڪائي منهن ڦيري ڇڏيو.

(نئين زندگي خاص نمبر اگست 1987ع)

مقدس رشتو

”توکي خدا جو واسطو آهي، مون تي رحم ڪر... توکي رسول پاڪ جو سنهن آهي، تون پنهنجن ٻڇڙن تي رحم ڪر... پنهنجو گهر نہ ڦٽاءِ...“

منهنجي زال زينت...! منهنجي پيرن ۾ چنبڙي ريهون ڪري روئي، ٻاڪاري رهي هئي. ڪن پل ۾ اک پٽيم تہ منهنجي جهولي ۾ ڪجهہ مهينن جي منهنجي ننڍڙي ڏيءُ الماس پيل هئي.

”توکي هن ٻڇڙي جو قسم... تون سڌري وڃ... تون ٻڇڙاين کي ڇڏ... تنهنجو گهر برباد پيو ٿئي...“

نشي جي حالت ۾ پاڻ کي سنياليم ۽ پنهنجي ننڍڙي ڏيءُ کي هٿن تي کڻي نرڙ تي چمي ڏني مانس ۽ غور سان انهن ٻن پٽن ڏي ڏسڻ لڳس، جيڪي ماءُ جي پر ۾ حسرت پريل نگاهن سان پنهنجي اکين کي هٽ ڏيئي روئي رهيا هئا.

حالانڪہ، ائين ڪيترا دفعا زينت رنو هو، ٻاڪاريو هو، ٻنهي پٽن کي جهولي ۾ وجهي واسطا ڏنا هئائين... پر اڄ پهريون دفعو منهنجي معصوم نياڻي کي منهنجي جهولي ۾ وڌائين تہ خبر نہ آهي ڇو؟ منهنجي دل ۾ هلچل مچي وئي. منهنجي دل ۾ پهريون دفعو اولاد لاءِ تقدس پيدا ٿيو. نهايت تجسس ۽ پاڻهوهہ مان پنهنجي ڏيءَ کي نرڙ تي چمي ڏيئي واپس سندس ماءُ کي ڏيئي ٻئي ڪمري ۾ هليو ويس. در بند ڪري روئڻ لڳس... منهنجي سوچن ۾ اوچتو تبديلي اچي رهي هئي. ڇا منهنجي نياڻي ۾ ايڏو تقدس هو!

آءٌ ننڍي هوندي اهڙي صحت سان سرشار ٿيس، جو سڄو شهر اسان جي سنگت کي لنپ لوڦر جي نالي سان ڪوٺيندو هو.

هر اچائي جو ڪم... چوريون چڪاريون هجن، جوا خوري هجي، عورتن کي چيڑڻ... نشو پتو... سٹيمائون... حرڪتون... هرڪو ماڻهو بيزار...

مائٽن جو زور تہ آءٌ پڙهان. مئٽرڪ تائين مائٽن مارن سان پڙهايو. مائٽن هر قسم جي سختي ڪئي، پر آءٌ سڌري نہ سگهيس... سڄي پاڙي ۾ بدنام هوس. شراب پي اچي رات جو ٻين اڀائي بجي گهر پهچان.

نيٺ مائٽن ڇڏي ڏنو... ڪڏهن جيلن ۾ تہ ڪڏهن ريلن ۾... اهي ڳالهيون آيون ويون ٿي ويون هيون.

وري مائٽ جو ٿيا... سو هنن منهنجي سڌاري خاطر هڪ ٻيو قدم ڪنيو جو شادي ڪرايائون. شادي کان پوءِ ويتر بچڙو ٿيس. زال تي ظلم وڌي ويا. زينت پرٽجڻ سان ئي ڏکن

جي منهن ۾ پئي... سدائين رات جو منهنجن پيرن کي چهٽي پئي رئندي هئي ۽ واسطا وجهندي هئي ته کجهه سڌران ۽ نشو ڇڏي انسان ٿيان. اولاد ٿيو، هڪ ٻئي پنيان ٻه پٽ ٿيم. هاڻ پٽن کي جهولي ۾ وجهي واسطا ٿيڻ لڳي، ته هن اولاد جو قسم... منهنجي ۽ هنن جي مستقبل لاءِ سوچ... پر منهنجا اهي چگهه... اهي لاڻون... چري کيئن، چئي ويران وير وڌ...

پر اڄ جڏهن پنهنجي جهولي ۾ مون پنهنجي ڏيءَ کي ڏٺو ته هن جو چهرو معصوم معصوم لڳم. حيا، ادب ۽ احترام جا گهنج منهنجي نرڙ تي گهنجڻ لڳا. ٻين کي روئارڻ وارو اڄ پاڻ روئي وينو هوس... سڄي رات ويهي رنم... پنهنجي ڏيءُ جي مقدس ذات جو قسم کٽي عهد کيم... ته هاڻ اهو سپ کجهه نه ٿيندو، جيڪو اڄ تائين هو.

فجر مهل پنهنجي زال کي اٿاريم. پنهنجي ستل ڏيءُ جي ٻاڱ کي چمي ڏيئي عهد کيم ته "زينت! هاڻ مون کي ڏيءُ ڄائي آهي، هاڻي منهنجي گهر ۾ معصوم نياڻي، اڄ نندي سيان وڏي... مان ڏيءُ جو قسم ٿو کڻان مون کي معاف ڪر." منهنجي ٻڌل هٿن تي زينت پنهنجا ٻئي هٿ رکي انهن جي مٿان مٿو رکي هڪ دفعو سڏڪن ۾ پئجي وئي.

۽ پوءِ صبح سوير ئي مون پنهنجي پيءُ کي نوڪري لاءِ چيو. هفتي کن ۾ ڪلرڪي ملي ويم... ۽ اڄ آءٌ سنو آفيسر آهيان.

اڄ منهنجي اولاد جوان آهي. منهنجي ڏيءَ پنهنجي گهر ۾ نهايت پُرسڪون زندگي گذاري رهي آهي، اسان جو گهر جنت نما گهر آهي، سپ خوشيون موتي آيون آهن، جيڪي وڃايون هيم.

اڄ جڏهن پنهنجي گهر ۾ زال، نوجوان پٽن، ننهرن، ڏيئرن ۽ الماس جي خوشين کي ٿو ڏسان ته نرڙ تي خوشين جا گهنج پئجيو ٿا وجن.

يانءِ ته ... ڪوبه غم نه هجيم.

(نئين زندگي مئگزين 12 جولاءِ 1988ع)

سنڌ بچي وئي؟؟!!

سنڌ ورلڊ ڪانفرنس طرفان هڪ لفافو مليو. کولي ڏٺم تہ "سنڌ بچايو ڪانفرنس" ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ڪارڊ هيو. بن ٽن ڏينهن اندر هر خيال دوستن سان مليس... جنهن کي اهي ڪارڊ مليا هئا تہ سيني حامي پري تہ اهڙيون ڪانفرنسون ورهين ۾ ٿيندیون آهن، سو شرڪت ضرور ڪبي. وري "سنڌ بچايو ڪانفرنس" جي نالي سان تہ هر ڪنهن جي دل پئي چيو. اها ڪانفرنس ڪراچي جي هڪ فائيو استار هوٽل ۾ سڏائي وئي هئي، جنهن جي شاندار تقريب جي تياري جا حال احوال روزانہ اخبارن ۾ پيا ايندا هئا. اهو ڏينهن آيو... گهران موڪلائي نڪتس تہ بن ڏينهن لاءِ "سنڌ بچايو ڪانفرنس" لاءِ ڪراچي ٿو وڃان. پاڙي جي هڪ گهر مان روئڻ پٽڻ جو آواز ٻڌي انهيءَ گهر ڏانهن وڌيس. گهر مان ننڍڙن ٻارڙن جي روئڻ ۽ عورتن جي آهن ۽ دانهن مان معلوم پئي ٿيو تہ اهي متاثرين هئا. پوليس پارٽي سان گڏ گهر جا مالڪ انهن کي نڪرڻ جا دڙڪا ڏئي رهيا هئا. غريب عورتن جون آهون ۽ دانهون... تہ ابا... اسان ڪيڏانهن وڃون... اسان بي گهر ڏٽڙيل... اسان جا پٽ ماريا ويا... وارث ڪنا ويا اسان لاوارث... بي گهر...

گهر جو مالڪ... جنهن جي شيراڊ ڪار در تي بيني هئيا، هيانءُ ڦاڙي آواز سان ڦاتي ٿو... مائي! اسان کو توهان جو نيڪو ڪنيو آهي ڇا؟ ڇهہ مهينا توهان کي ڇڏيوسين، سدائين کو اسان پنهنجون جايون ڇڏيناسين ڇا؟ انهن بي گهر عورتن جون آهون ۽ دانهون ٻڌي اکين مان ڳوڙها نڪرڻ. ڪڏهن گهر ڏٽين جي ڏاڍاين، ڪڏهن حڪومت ڏٽي پوليس وارن جي ظلمن ۽ ڪڏهن پنهنجي ڏرتي تي بي گهر ٿيل مجبورن جي لاچاري کي ڏسان ٿو... تہ اتي وڌيڪ بيهڻ مون لاءِ ناممڪن هو... سو اڳتي وڌي ٿو اچان انهيءَ دوست جي گهر، جنهن سان گڏ ڪراچي وڃڻو هو. جيستائين دوست جي گهر پهچان، پاڙي جي ڪيترن ئي دليون ٽنگيل گهرن، پڳل ٽٽل بنگلن جي سرد هوائن ۾ رهندڙ لاوارث وينلن ڏانهن نظر ٽي پيم... ... انهن جا چهرا ڪومايل ڏسان ٿو... پاڻ ائين چوندا هجن تہ جاڻ تہ اسان وٽ پوليس پهتي، جاڻ تہ اسان بہ مئاسين... جيستائين دوست جي گهر پهچان، رستي ويندي سوچيان ٿو انهن يتيمن، بيواهن، لاوارثن ۽ پنهنجي اباڻن گهرن ۽ بي گهر ٽي آيل ڏٽڙيل جي جياپي لاءِ ڪئي فيصلا ٿيندا "سنڌ بچايو ڪانفرنس" ۾. قاسم آباد جا واهڻ، واٽون، قٽل بنگلن ۾ رليون ٽنگيل پردا ڪندڙ انهن گهرن مان لاوارثي جون پڪارون، يتيمن جون سسڪيون جڏهن بہ ڪنهن اولاد واري ماڻهوءَ جي ڪنن تي پون ٿيون تہ سچ بہ هيانءَ ڏري ٽا پون. تيستائين دوست جو گهر اچي ويو. ٿو بہ تيار وينو هو... سو گڏ نڪرون ٽا گاڏي ڪاتي

پهچون ٿا... سيشن ڪورٽ آڏو... عورتن ۽ نوجوان مردن جو گڏيل جلوس، ڪجهه دير بيهي ٿا رهون. هٿن ۾ پلي ڪارڊ... اسان کي گهر ڏيو، اسان جا وارث ڪنا ويا... اسان کي اجهو ڪپي... وارث ڪپن... اسان جا ڏٽي آزاد ڪيو... قيدين جي ملاقات کوليو... دوست کي چوان ٿو يار انهن زار وقطار روئندڙ عورتن (جيڪي ڊي ايم اڇيان روئي رهيون هيون) کي انهيءَ ڪانفرنس ۾ وڃي هلون، انهن سنڌ ڏٽين کي انهن جا حال ڏيکاريون جن جا ڪونڊر ڪنا ويا آهن. اتي وڃي هلون، جتي اسان جا وارث سنڌ پيا بچائين... انهن کي هلي ڏيکاريون ته اتي حيدرآباد جي اصل مالڪن جا ڪهڙا حال آهن؟ ڪهڙين ۽ ڪيترين اکين مان رت جا نير پيا وهن. جلوس جي اڳ ڏاريندڙ نعرن ۽ پورهيتن عورتن جي روئندڙ آوازن کي چڏي اڳتي وڌي حيدر چوڪ تان ڪراچي جي بس ۾ ٿا چڙهون.

ڪراچي پهچون ٿا...

شريٽن هوٽل...

جنهن جنهن به فائيو اسٽار هوٽلون ڏٺيون هونديون، انهن کي بخوبي خبر هوندي ته فائيو اسٽار هوٽلن جو ڇا شان هوندو آهي. جنهن به شيرٽن هوٽل ۾ "سنڌ بچايو ڪانفرنس" ۾ شرڪت ڪئي هوندي، انهن کي بخوبي اندازو هوندو ته سنڌ بچي پئي يا لٽجي پئي. هيڏين سارين هوٽلن ۾ سنڌ بچايو ڪانفرنس هلي رهي هئي، مون دوست کان پڇيو: "ڇا بڪنگ هوندي هن عاليشان محل جي." ڇيائين "لکن جا ليکا هوندا." هن لکن واري هوٽل ۾ اعليٰ قسم جا ڪاڌا، عمدي قسم جي ريفريشمنٽ، مهمانن جي رهائش ۽ طعام بهترين محفل ڇا عمدي پر ڪيتري مهانگي... ...! اسان جي سوچ جون حدوون ته رنگ رهجي ويون.

ڪانفرنس هال ۾ سوچيان ڇا سنڌ بچي پئي! دل ئي دل ۾ اهڙي شاندار پروگرام جي تعريف به نه ڪرڻ ڪنجوسپائي ٿيندي. مون واري دوست به اهڙي لک لٽائيندڙ پروگرام تي ناراض ٿيندي چيو ته هي پروگرام قاسم آباد جي شاميانن ۾ انهن ڏٽڙيل متاثرين جي ڪئمپن ۾ ملهائي پئي سگهياسين. انهن بيواهن ۽ بي گهر ٿيلن جي سامهون تقريرون ڪري پئي سگهياسين، انهن يتيم ٻارن جي دل تي چندا هڻي پئي سگهياسين، جن جا وارث بي وقت جدا ڪيا ويا. مون سوچيو هتي لک لٽجي ويا، قاسم آباد جي ڪئمپن ۾ هينئر به يتيم ماروئڙا پنهنجي زندگي جي جياپي خاطر... جاکوڙ ۾ رڌل!! اتي ۽ لٽي لاءِ واجهائيندڙ بيواهن، يتيمن تي مٽي تي هٿ رکڻ وارو به نه آهي... اڄ به زندگي گذارين، پر هي سپ... انهن جا وارث انهن جا رکوالا... شيرٽن هوٽل ۾ وينا موج ملهائين، فائيو اسٽارز جا کاڌا کائين، موٽ ڇا ٿو ملي. تقريرون، محفل مشاعره، محفل موسيقي... پچاڙي ۾ نعرا، مطالبا، قراردادون... خير اها به ورلڊ کي خبر پئجي ته سنڌ ۾ ڇا پيو ٿئي يا سنڌ کي ڪيئن بچائجي. "سنڌ بچايو ڪانفرنس" ختم ٿي، واپس حيدرآباد اچون ٿا. حيدرآباد جي پريس ڪلب وٽ شاميانو ڏسي وڌي ٿا اچون...

پنج معصوم ٻار ۽ ڏهه عورتون بک هڙتال تي ويٺل... پوڙهيون عورتون رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي ۽ ڪجهه نوجوان پر باهمت چوڪريون انهن کي دلاسا ڏيندي بک هڙتال تي ويٺيون آهن...

مطالبا لکل هئا:

اسان کي اجهو ڏيو...

اسان کي اٽو ڏيو...

بک ختم ڪريو...

اسان کي ٻيهر آباد ڪرايو...

لٽيل ملڪيتون واپس ڪرايو...

اسان پنهنجي وطن ۾ بي گهر...

پنهنجي مٽي ۾ جلاوطن...

منهنجي اکڙين مان ڳوڙها ٿا نڪرن.

يا خدا سنڌ بچي پئي

سنڌي مرن پيا.

(خادم وطن حيدرآباد 25 ڊسمبر 1990ع)

شرم جا ڳوڙها

ادا اهو آهي نہ تنهنجو دوست جيڪو ڪلهہ اوهان سان ملڻ آيو هو... !!

ها ها، چا آهي هن کي... ڪجهہ ڪيو ٿہ نہ آهيس، مون پڇيو.

نہ ادا، ڪجهہ بہ نہ... منهنجي ڀيٽ نجمہ مون کي جواب ڏنو.

ٿہ پوءِ؟

ادا، انهيءَ سان منهنجي هتي هن گهر ۾، اڪيلائي ۾ ملاقات ڪرائي سگهندين؟ مون پنهنجي ڀيٽ جا اهي لفظ ٻڌا ٿہ تپي باهہ ٿي ويس ۽ يڪدم دروازو بند ڪري باهر نڪري ويس.

اسان جو پيءُ هڪ اعليٰ عهدي تي فائز هو... اسان جي عاليشان بنگلي اڳيان بہ بہ... ٿي ٿي ڪارون بينل هونديون آهن. چار پنج نوڪر چاڪر... منهنجي ڪار جدا... اسان جي گهر جو تعليم يافتہ ماحول ۽ خوشگوار زندگي (Co-Education) جو ماحول... يونيورسٽي جي فيشن جي دنيا ۾ سپ ڪان اڳتي... ڇڙواڳي، آزادي، لاڏ ڪوڏ ۽ پيار ٿہ اسان کي ورثي ۾ مليو هو. ننڍي هوندي ڪان اسان پيار جي زندگي پئي گذاري. اسان جي زندگي ۾ ياد نہ آهي ٿہ ڪو ڏکيو ڏينهن آيو هجي. بابا ۽ امان طرفان هر ڪ مليو.

انهيءَ هوندي بہ بابا جي آفيسري ۽ رعبدار شخصيت سبب اسان کڏهن بہ خراب چال چلت ۽ بري صحبت جي ويجهو بہ نہ هئاسين ۽ پنهنجي تعليم کي سڀي نموني سان پئي پڙهيو.

اسان وٽ جيتري آزادي هئي، پئسي وڃائڻ جي... ڪائڻ پيئڻ جي... گهمڻ ڦرڻ جي، ٿہ اوتري اسان جي عزت هئي. انهيءَ ڪري جو بابا جو عاليشان مقام ۽ مان مرتبو هو، ڪيس هرڪو عزت جي نگاهہ سان ڏسندو هو.

آڻ نجمہ ڪان سال وڏو هوس ۽ نجمہ بي.اي جي پهرين سال ۽ آڻ ٻئي سال جا هوشيار شاگرد هئاسين.

اسان جي گهر نجمہ جون سهيليون ۽ منهنجا دوست ٿہ ائين ايندا ويندا هئا. اسان جي ماحول ۽ اسان جي گهر ۾ شرافت ٿہ ضرور هئي، پر مشرقي پرديداري ايتري نہ هئي، جو آڻ نجمہ جون سهيليون ڏسي گهر ڇڏي وڃان يا نجمہ منهنجا دوست ڏسي ڪمرو ڇڏي وڃي. هونئن بہ يونيورسٽي گڏ هئڻ سبب سيني سان گڏ رهڻو پوندو آهي ۽ عليڪ سليڪ سيني سان هئي. اسان جو بابا ۽ امان Welcom ڪري اسان جي دوستن کي Receive ڪندا هئا.

يونيورسٽي ۾ هونئن بہ اجنبيت نہ رهندي آهي ۽ اسان جي گڏ هئڻ سبب هن جون سهيليون ۽ منهنجا دوست هڪ ٻئي سان حجاب نہ ڪندا هئا ۽ ائين مون کي نجمہ جي سهيلي فريده تي دل ٽيڻ لڳي ۽ هڪ ڏينهن نجمہ سان ڳالهہ ڪيم.

نجمہ ٹھک ڈيندي چيو ...

سچ ادا... فريده توکي پسند آهي؟ نجمہ ائين چيو تہ منهنجي دل وسوسن کان آزاد ٿي. مون سوچيو تہ هاڻي ڪم ٿي ويندو.

مون چيو نجمہ، منهنجي فريده سان، هن گهر ۾ اڪيلائي ۾ ملاقات ڪرائي سگهندينءَ؟

ها ها چو نہ...

ءِ پوءِ ڪجهہ ڈينهن ۾ نجمہ فريده کي ونبي آئي. پاڻ چانهہ ناهڻ جو بهانو ڪري هلي وئي ءِ پوءِ ڪچهريون ٿيون، وعدا وچن ٿيا، قربتون ءِ پيار جا وچن ڪيا ويا.

اچ اچ نجمہ... نجمہ چانهہ ناهي آئي.

هيلو فري... ڪم نهيو يا نہ...

ءِ ائين اسان بنهي جو ڪم نجمہ ناهيو ءِ پوءِ ڪجهہ مهينن بعد فريده ءِ منهنجي شادي ٿي وئي.

هاڻ تہ اسان جي کل ءِ خوشين جي ٿهڪڙن ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويو.

ڪيترا مهينا گذريا، هڪ ڈينهن نجمہ مون کي چيو تہ... ... ادا، اهو آهي نہ... ... تنهنجو دوست... جيڪو ڪلهہ پنهنجي گهر آيو هو. ها ها... منهنجو ڪلاس فيلو ايوب آهي، چا ٿيو انهيءَ کي...؟

ادا، هن سان، منهنجي ملاقات، هن گهر ۾، اڪيلائي ۾ ڪرائي سگهندين؟ ءِ پوءِ... تپي باهہ ٿي ويس ءِ هليو ويس...

بئي ڈينهن منهنجي اچڻ کان اڳ اسان جي بنگلي جي ڊرائنگ روم ۾ نجمہ ءِ ايوب گالهيون ڪندي چانهہ پي رهيا هئا.

ايوب جي وڃڻ بعد، مون نجمہ کي پهريون دفعو ڏڪو ڈنو هو.

نجمہ مون کي سڀ ڪجهہ سمجهائيندي چيو تہ ادا... فريده سان ملاقات ڪرائڻ لاءِ تو مون کي چيو هو، انهيءَ مهل توکي غيرت نہ آئي هئي ءِ مون اوهان جي ملاقات ڪرائي، شادي بہ ڪرائي هئي ءِ هاڻ منهنجي شادي جو وقت آيو آهي تہ تون...

بس بس نجمہ... مون کي ائين نہ ڪرڻ ڪپندو هو، جو نياڻي يا پيڻ کي... ملاقات ڪرائڻ لاءِ چوان ها.

ايتري حد جي آزادي يا چڙواڳي جي شروعات مون ڪئي هئي، نجمہ تنهنجو ڪوبہ ڏوهہ نہ آهي.

منهنجو ڪنڌ ڀهڪي ويو ءِ پهريون پيرو، "حيا ءِ شرم جا ڳوڙها" منهنجي اکين مان وهي نڪتا.

(عبرت ميگزين)

سکٹا نعرا اجائي ڳالھ

اڄ ھڪ اديب دوست مليو. چيائين رسالو پيا ڪيون، ھڪڙي ڪھاڻي ڏي. چيومانس، يار ايڏو وڏو اديب ته نہ آھيان جو تون چوين ۽ ڪھاڻي تيار... مون کي ڪھاڻي لکڻي پوندي. سو سائين اسان نوان اديب ڪھاڻي لکندي لکندي، سڄي دنيا جا موضوع سوچيون ٿا، سڄي جڳ کي ذھن ۾ سمايون ٿا، ڏينھن جا ڏينھن ٽيبلون ۽ ڪرسيون ٽوڙيون ٿا، راتين جا اوجاڳا ٿا ڪريون، تڏھن مس وجي انڊي مندي ھڪ بن صفحن تي ڪھاڻي جڙي...

گھر اچان ٿو... سوچيان ٿو ڪھاڻي لکان، سوچيندي کا ڳالھ سمجھ ۾ نہ ايندي اٿم. ڊائري بند ٿو ڪريان، گھر ۾ ويھي ڪھاڻي جو پلاٽ ٿو سوچيان ته آواز ٿو اچيم:

ٻڌ...! زال جو آواز ٻڌي ڪھاڻي جو سوچيل انڊو مندو موضوع ذھن تان ھٿي ويو.

ننڍڙي لاءِ دوا آندئي؟ منھنجو ننڍڙو جيڪو مھيني ڏيڍ جي عمر جو مس آھي، جيڪو شادي جي پنجين سال سکي پني ٿيو آھي. اھو بن ٽن ڏينھن کان سخت بيمار آھي. مھيني جي ويھين تاريخ پگھار ته خير جو ڪڏھوڪو ختم ٿي ويو. دل ۾ سوچيان ٿو اسان جي آفيس ۾ ۽ انڊير نگري- اسان جي 15، 15 سال آھي سروس، سفارش نہ آھي ته سني ٽيبل لاءِ سِکي ويا آھيون. گھٽي ئي ٿا ايفيشينسي ڏيکاريون، پر اسان رڳو وينا ڏسون ته ٻيا ڪلرڪ ڪيئن ٿا ڪيسا پريو گھر وجن، جن جي سروس ٻہ ٻہ سال مس آھي. اسان ھيڈانھن اڪائونٽ ناھيو ناھيو نظر جا چشما پايو ھلون ۽ مٿي جو اڳيون حصو گنجو ٿيندو وجي ۽ وار ڪسندا وجن. سڄو ڏينھن ڪم ڪري گھر ٿا پھچون ته ڪيسي ۾ ايترا پئسا نہ آھن جو ڪا دوا درمل ونجي. گھر جو سيڈو ڪٽي ٿو ته ڳٽتين ۾ پئجيو وجون.

پلا پگھارون پوريون سوريون ھجن ته اسان کي ايترو سوچڻو چو پوي.

ھڪ دفعي زال چيو ھوم... پلا ڪا زندگي آھي، جو نہ گھر سولو، نہ زندگي جو آرام. ماٹھن جا بنگلا ته ڏس، پاڻ وٽ اھا ٻہ آھي جو سمھڻ لاءِ سوليون ڪٽون نہ آھن، آسائش ۽ آرام جو سامان ته وجي ڏوڙ پائي. تڏھن چيو ھوم اي پاڳ پري، انھن بنگلن وارن رئيسن جا ڪتا ٻہ ڪيرن جا جڳ، بادامن ۽ پستن سان نيرن ڪندا آھن، تو وٽ پنھنجي ننڍڙي لاءِ ٻہ ڪير جو پاءُ نہ آھي. تڏھن سڏڪن ۾ پئجي وئي ھئي. پرچائيندي چيو ھومانس: الله سائين وڏو آھي. ويتر سڏڪن ۾ الله سان شڪوه شڪايت ڪئي ھيائين ته الله سائين ٻہ انھن بنگلن وارن جو آھي.

چيو ھوم ته اھي سڀ پنھنجي زماني جون معاشرتي برايون آھن.

صبح جو اتي آفيس وڃان ٿو، بس ۾ چڙهان ٿو. سوچيم اها کهاڻي مون کان زور آهي، کو پلاٽ ئي ذهن تي نہ ٿو اچي. خير سانجهي کوشش کندس.

تيستائين پنيان کان کلهن تي هک نازک نفيس هٿ لڳم. هن جو جسم منهنجي جسم جي ڪجهه حصي سان ٽڪرايل- ٿورو ڪنڌ موڙي ڏسان ٿو... هک نوجوان... نازن نخرن سان، ٿورو مسڪرائي چوي ٿي الله کي نام... مون روپيو ڪيسي مان ڪڍي هن جي هٿ کي زور ڏيندي ڏيانس ٿو. ٿورڙو ٽيڏين اکين سان ڏسي، مسڪرائي اڳتي وڌي ٿي. مان دل ئي دل ۾ خوش ٿو ٿيان، ته هن نوجوان چوکري لفٽ ڏني. هڪدم ذهن گهر ڏانهن وڃي ٿو.

اي...! ٻڌين ٿو... اڄ ڪيئن بہ ڪري پني سني، اوڏر سوڏر ڪري دوا ضرور آڻجان، نہ تہ آءٌ ئي ٿي ڪشتو ڪٽان، منهنجو پٽ وڌيڪ ۾ نہ پئجي وڃي ۽ هيڏانهن منهنجو اهو حال آهي جو عشق ڪندو وتان... هک سڃائي ٻيو حال ٻڃڙو.

بس مان لهي ٿورو اڳتي ٿورو پري آفيس پنڌ ٿو وڃان. فوٽ پاٽ تي وينل هڪڙي فقير تي نظر پوي ٿي حال ٻڃڙا... مسڪيني چال... نفرت ڪندي اڳتي وڌي ٿو وڃان. آفيس پهچندي ڪم ڪي لڳي ٿو وڃان. شام جو گهر ايندي سوچيان ٿو تہ سوير گهر وڃي کهاڻي ٿو لکان. وري خيال ٿو اچيم تہ ريشم گلي جو ديدار ڪجي. ڪوبہ ڪم نہ هوندي ڪاهي ٿو پوان ريشم گلي ۾. نوجوان نوجوان چوڪرين کي، جن جا وار سينگاريل سنواريل، ڏگها ڏگها، بنا رئي جي ڪليل... پلا اهي ڏگها وار کولي پيون هلنديون تہ اسان جهڙا سڌريل رلندا يا نہ...

وار ڪليل... ڪپڙا بدن کي چهٽيل... سينا ٻاهر نڪتل، پردي واري ڪابہ شيءِ نہ... مردن جي پيهہ پيهان، نوجوان چوڪرين کي چيڙيندا، چهندڙيون پائيندا، نانا ٻانا ڪندا اڳتي ٿا وڌن... سوچيان ٿو پلا چوڪرين کي بازار ۾ ايڏي هار سينگار ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي.

رش مان فائدو وني آءٌ بہ هک چوکري کي چهندڙي ٿو پايان... او... ڪنهن ڏنو تہ ڪونہ... اڳيان پنيان ڏسان ٿو، پنهنجن اڃن ڪپڙن کي... نيڪ آهي سڀ نيڪ... دل ۾ مطمئن ٿو ٿيان، وري سوچيان ٿو ڇا فائدو- بڪواس، واهيات پن... نانسينس... آئينده شهر نہ ويندس- يڪدم بازار مان نڪري ٿو اچان، ڪوبہ فائدو نہ آهي- اجايو وقت وڃائڻو ۽ ڪميٽائپ آهي، پنهنجو پاڻ کي گهٽ وڌ ٿو چوان.

گهر اچڻ لاءِ سوزوڪي تي ٿو ويهان- سوزوڪي ۾ پاڙي جون هک بہ عورتون وينل ۽ هک بہ مرد بہ وينل... پاڻ ۾ نهيا پيا آهن...

عشق ٿا ڪن... ڪنواريون چوڪريون... ڪنوارا چوڪرا... پروگرام ٿا ناهين... گهمڻ جو... فلم جو... ۽ بي ڏينهن گارمينٽ فيڪٽري ۾ ملڻ جو... ڪوبہ ڊپ نہ ڪو ڊاءُ، ها سائين مادرن دور جي الڙ جواني... ...

شام جو سڃي سنگت گڏ ٿئي ٿي، ڪچهري ٿا ڪريون، زماني جون ڳالهيون ڪندي چوان

ٿو... يار پاڻ ايڏو وقت ويهي ٿا وڃايون، ڪي اصلاحي ڪم ڪجن يا ڪي فلاحي ڪم ڪجن... سيني مون کي حيرت زده نظر سان ڏٺو ۽ چوندا هجن "بيوقوف" شروع ٿئي ٿي تاش جي راند... رات جو هڪ ٿيو وجي، مون واري ڳالهه ٿي وئي ڳڙ... مورڳو تاش ٿي وجي ويناسين، مون اصل توبهه ڪئي. سني ڳالهه ڪر ته سنگت ۾ خوار...

ٻئي ڏينهن ڪهاڻي لکڻ لاءِ پلاٽ ڳولهيان ٿو. سوچيم ڪهاڻي انقلابي ڳالهين ٿي لکجي... گذريل دور جي ظلمن ٿي لکجي... سنڌين جي بيگناهه قتل عام ٿي لکجي... يا بي گناهه بند ٽيل قيدين ٿي لکجي. انهن مرد مجاهدن ٿي لکجي، جن جي پٺن ٿي اڄ به ڦٽڪن جا نشان موجود آهن، يا انهن سرويچن ٿي جن مسڪرائي ڦاهين جا ڦندا ڳچي ۾ وڌا... ياد ٿو اچيم ته حيدر چوڪ ٿي اڄ سنڌين جو جلوس آهي... شرڪت ڪرڻي آهي. ڀُلي حيدر چوڪ ٿي پهچان ٿو... ڪجهه شاگرد تقريرون ٿا ڪن... ٽوڙهي جا اسير آزاد ڪريو... ڪالاباغ ڊيم نامنظور... ڏارين جي آبادي نامنظور... سنڌين کي ڪالوني ۾ تبديل نه ڪريو... نوجوانن جي هٿن ۾ به پلي ڪارڊ، هنيانءُ ڦاڙ نعرا... هي شهر ڪنهن جا، اسان جا... هي رستا ڪنهن جا، اسان جا... حيدرآباد، ڪراچي ڪنهن جا، سنڌين جا...

گهر واپس ويندي... ڪجهه ماڻهو انهيءَ جلسي مان ٽٽي گهر ٿا وڃن. هڪ دوست ٿو چويم... اجائي لباڙ... سکڻا نعرا... چاليهه سال ٿيا آهن انهن نعرن ۾... سيٽ ته هڪ حاصل ڪونه ٿا ڪن...

هي ڪلهه آيا، اڄ اسيمبلين ۾ اڏو اڌ سيٽون حاصل ڪيو وينا آهن... يار عمل ته انهيءَ کي چئبو نه...

چيومانس واقعي... سچ ٿو چوين... هي شهر ڪنهن جا سنڌين جا... اڙي بابا هٿن سان ويهاريو... پنهنجون زمينون ڏيو... گهر ڏيو... پنهنجا سپ هٿ پير وڌايو، هاڻ ٿا نعرا هڻو...

اهڙي ڪجي جو اهي ڳالهيون اجايون نه لڳن- نلهن نعرن سان کي نه ورندو.....

گهر پهچان ٿو... ته خبر ٿي پويم ته نوجوان چوڪرن پاڙي ۾ فائرنگ ڪري سڄي پاڙي کي خوف ۽ حراس ۾ وجهي ڇڏيو آهي... سوچيم... انهن نوجوان ۽ بي عمل چوڪرن ٿي ڪهاڻي لکندس... جيڪي سنڌي ٿي ڪري سنڌين ٿي فائرنگ ڪن... چوريون ڪن... اڄ رات ڪهاڻي لکي صبحاڻي يار کي ڏيندس.

(خادم وطن 12-13 جنوري 1991ع)

واهہ ڑي زندگي

هر روز صبح جو آفيس وڃبو آهي ۽ شام جو سج لٿي ويل موٽبو آهي ته مغرب جو آذانون ڀيون ايندیون آهن. سڃو ڏينهن آفيس جي ڪم ڪار، بس ۽ فورسيٽرن جي پويان ۽ پوءِ وري پنڌ ڪندي ڏينهن ئي لڙيو وڃي. گهر پهچندي ٻار ٽنگن کي چهٽيو پوندا آهن "بابا، بابا" ڪريو. پنهنجن "صاف ستڙن" ٻارن کي پري ٿا هٽايون ته ڪٽي اڇا ڪپڑا خراب نه ٿي پون.

زال پهچي ٿي "ڪٽي هئين سڃو ڏينهن...؟" ساهہ پٽڻ لاءِ ڪٽ تي ويهان... سوچ ويندي اٿم پنهنجي ڳوٺ ڏانهن، جتي جا ٻارڙا سڃو ڏينهن مٽي سان ٿا کيڏن، نلهو هڪڙو چولو پاتل، گرمي يا سردي، نڪ مان وهندڙ لم... وات ۾ آگريون... گگ پئي ڳڙي... انهن جا پيءُ ٻنين مان مزدوري مان يا دڪانن تان موتندي گهر ايندا آهن ته انهن پنهنجن گدلن ٻارن کي چنبڙيو چمي مٽان چميون ٿا ڏيون. انهن جون زالون، ڪٽون سڏيون ٿيون ڪن، ڪنڙا پريو رکن ته مڙسالو هٿ منهن ڏوئي، تيستائين ماني رکيو پوتي جي پلاند سان مکيون ٿيون هڪلين ۽ مرد ماڻهو اچيو ماني ۽ مکڻ کائيندي پٽ پٽ جي انداز ۾ پيار پريون ڳالهيون ڪندي پنهنجي جيون جي لمحن کي خوشگوار ٿا ڪن. "ڀ ماني لڳائي اٿم ٽيبل تي، کاءُ..." ڄڻ زال وڏو ٿورو ڪيو هجي. "پلا مون توکي چيو به هو ته سوير اڇجانءِ، شام جو ريشم گلي مان شاپنگ ڪرڻي آهي، تڏهن به اها ساڳي دير..." مان پلا چا ڪريان... آفيس جو ڪم ڪار آهي ۽ پوءِ پنهنجي به ته سواري ڪانهي ۽ سوزڪين پنيان ايندي ايندي به دير ٿيو وڃي. "پلا هر روز ايڏي دير... ڪهڙن ديرن ۾ ديرا ڄمايا اٿئي جو آفيس جو بهانو بنائي هر روز دير سان ايندو آهين..." مون واري ڳالهہ ڳڙڪندي، منهنجي زال حسب معمول جيان اڄ به ٽوڪ ڪئي.

"ماني کائڻ ڏينديءَ، کي زهر ڪري ڇڏينديءَ. سولو سڪ جو ساهہ ته وڃي ڏوڙ پائي، ماني جا به گرهہ به نٽي هڻڻ ڏين..." پاڻي گهرندي چيومانس. "جيترو اٿو سڪ، اوتريون اٿو رڙيون." ڀ لٽي پنهنجي ڪمري جي بيڊ تي ليٽان ٿو...

سوچ ويندي اٿم ڳوٺ ڏانهن... جتي هر روز رات جو، سياري جي رات گهر جي ورانڊي ۾ امان باهہ جو مچ ٻاريندي هئي- مچ کي ڏسي آهستي آهستي ننڊا وڃا، پوڙها پڪا، جوان ٻڌا، عورتون مرد سپ اچي مڙندا هئا، سيئي هڪٻئي سان گڏ مچ جي چوطرف ڦري ويهندا هئا، ڪلهو ڪلهي سان مليل ڪنهن جي وهم ۽ گمان ۾ اها ڳالهہ نه ايندي هئي ته منهنجي پر ۾ وينل پيڊ آهي يا سوٽ، ماسات يا پاڙي جي ڪا جوان عورت. هرڪو اچي گڏبو هو. سيءُ سيءُ ڪندا پنهنجا هٿ پير سيڪيندا، ڪل يوڳ ڪندا اٽندا پنهنجي پنهنجي گهر هليا ويندا

هئا.

گهر پهچون ٿا، پلا بي ڪابہ واهہ نہ ڏسي ٿي.وي ڪوليون ٿا يا وي.سي.آر ٿي فلمون ڏسون ٿا ۽ رات جو هڪ بجي سمهون ٿا. پلا آڏي رات جو ٻتل ماڻهو چا نندِ ڪندا. ڪن پل جا جهٽڪا اچن ٿا، رات جي پوئين پهرن ۾ ٽن چئن ڪلاڪن جي نندِ ۾ ٽي چار دفعا سجاڳي ٿئي ٿي. صبح جو اها ئي وڻ ونان...

بابا چوندو آ "پٽ اڄڪلهہ جون ڪهڙيون نندون...! نندون تہ هيون اسان جون، جو صبح جو اٺندا هئاسون تہ اسان جا وهاٽا گگن سان پرجي ويندا هئا پر خبر بہ نہ پوندي هئي." "ها بابا... ايڏي گهري نندِ...!" مون هڪ ڏينديِ چيومانس. "پٽ نندِ سان پليان پلي هوندي هئي. اسان جي نندِ جا ڪونگهرا راڄ ٻڌندا هئا. پلا چوري چڪاري جو ڪوبہ ڊپ نہ ڪو ڊاڀ، ڪٽڪي ۽ وهم گمان جو نشان ئي نہ... تہ نندون هوندیون هيون پليون..."

"پلا هاڻ ات تہ ڊاڪٽر ڪان ٿي اچون." زال هڪ ڏينهن مون کي چيو... "مٿي ۽ سيني ۾ سور ۽ سهڪي تہ جيءُ ئي منجهائي ڇڏيو آهي."

"سڄو ڏينهن ڪٽ تي چڙهيو ويني آهين، هر ڪم لاءِ نوڪر رکيا اٿئي، ويني ويني بہ سهڪا لڳا پيا اٿئي." مون کي طنز جو وارو مليو. "ات ڊاڪٽر ويندو هليو."

هلندي هلندي تصور ۾ امان جو چهرو نظر ٿو اچيم. صبح سوير اٿي مينهن مان ڪير ٿي ڏهي، پوءِ نيرن لاءِ ڪانيون ٻاريندي هئي. مرد ماڻهو هرڪو هليو ويندو هو ٻنين ٻارين تي تہ پويان گهر جي صفائي، ڇيٽان ڇڦ، آئي وئي کي منهن ڏيڻ، ٻارن جي سار سنيال لهڻ، ٻنپهرن جي ماني، شام جي چانهہ، رات جي ماني، ڪپڙا لٽا، ٽانو، ٻهارو اڪيلي سر ڪندي هئي، پر ڪڏهن بہ اسان نہ ٻڌو تہ گهر ۾ ڪڏهن ڊاڪٽر يا بيماري آئي هجي.

پنهنجي زندگي جي انهن معمولي ڳالهين جي ڦرندڙ ڦيٽي تي سوچيندو آهيان تہ ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ايندي اٿم، تہ مٿو ڳرو پائيندي محسوس ڪندي زال کي چوندو آهيان تہ "ات اڄ ڪافي تہ ناهي اڇ تہ ڪو ذهن تازو ٿئي" ۽ هوءَ منهن اهڙو ڪري ڪافي ناهي ايندي آهي جو ذهن فريش ٿيڻ بدران...

(خادم وطن 6-7 فيبروري 1991ع)

پنهنجا بہ پراوا

ڪيترا ئي سال ٿيا هئا، ڳوٺ ڇڏيو هوم. نوڪري سانگي پنهنجي ٻارن کي بہ وٺي آيس. مسواڻ جي جاءِ ورتم لطيف آباد ۾. ڳوٺ ڇڏڻ مهل بہ فولڊنگ پلنگ، هڪ بسترو، هڪ پيتي ڪپڙن جي، بہ ٻار، هڪ زال مون کي مليا مائٽن مان ۽ چيائون: "ابا، جدا ٿو ٿئين تہ سپ ڪجهہ پنهنجي ڪجاءِ." مون بنا جواب ڏيڻ جي، دل ۽ همت ساري جيڪو مليو صبر ۽ شڪر ڪري حيدرآباد جو رُخ ڪيو. لطيف آباد جي شهري ماحول ۾ رهندي ڪيترا مهينا ڊپ ٿيندو هو ۽ راتين جون راتيون گاڏين ۽ موٽرن جي آوازن ڪري ننڊ بہ نہ ايندي هئي، پر انسان جو ٿيو جيڪا هوا لڳي ان کي منهن ڏجي، سو اسان بہ هري وياسون. اسان جي جاءِ جو مالڪ اسان کان متئين ماڻ تي رهندو هو ۽ ارد گرد ۾ رهندڙ سپ سنا گهراٽا مليا. ٽورن مهينن ۾ اسين سيني سان هري مري وياسين، جڙ تہ هتي خوشين پريو، سڪون وارو، امن وارو ۽ بنا ڊپ ڊاءِ جي ماحول مليو هجي ۽ ائين زندگي پنهنجن ٻارن سان سني نموني پئي گذري. لطيف آباد ۾ رهندي، ڏهہ سال گذري چڪا هئا. انهن ڏهن سالن ۾ پاڙي ۾، آفيس ۾ وي سي رکي پئسا گڏ ڪياسون. آهستي آهستي ڪجهہ ۽ ٽورو ٽورو سامان ونڊ لڳاسين. ڪلارڪ ماڻهو سؤ روپين جو سامان وٺي تہ ڏهہ ڏينهن سوچي. جيڪا هزار روپين جي شيءِ وٺي تہ مهينن جا مهينا پيٽ تي پٿر ٻڌڻا پون. سو اسين بہ سني ٻوڙ ماني لاءِ سڪي وياسين. پلا گهر ناهڻ ۽ سامان ونڊ جو جنون اچي ٿيو تہ سپ ڪجهہ، ڪائڊ پيئڊ وساري ڇڏيوسين. انهيءَ دوران مون هڪ ننڍڙي ٽيليويزن، هڪ ننڍڙو ريفريجريٽر، ٽيپ ريڪارڊر ۽ ٻيو هلڪو گهر جو سامان ورتو.

ائين اوچتو ڦيرو آيو، اسان کي لطيف آباد ڇڏڻو پيو. اهي سپ جيڪي پنهنجن کان بہ ويجها هئا، کن پل ۾ دشمن ٿي پيا هئا. خونريزي جا ڏينهن شروع ٿي ويا، اسان تي اسان جي جاءِ جي مالڪن ايتري مهرباني ڪئي جو اسان جي جان بچايائون ۽ ڳوٺ موڪلڻ ۾ مدد ڪيائون. هونئن انهن ڏينهن ۾ انهن مان انهيءَ ڪنهن بہ قسم جي ڪابہ توقع نہ هئي... پر بہ اسان تي انهن جي اها مدد ڪڏهن بہ نہ وسرندي ۽ اسان ٿي وي، فريج ۽ ٻيو هلڪو سامان ڪٽي اچي ڳوٺ لٽاسين.

ڪجهہ ڏينهن بعد وري پنهنجي گهر جي خبر چار لهڻ اچون تہ چا ڏسون تہ هو اسان جي گهر جو باقي بچيل سامان، صوفہ سيٽ، پلنگ، الماڙي، بسترا ۽ ٻيو گهڻو سامان ڪٽي چڪا هئا ۽ گهر ۾ ڪاري وارا ڪک هئا... وري ايدوانس جا جمع ڪرايل پنج هزار روپيا موٽائڻ بجاءِ جان کان مارڻ جون ڌمڪيون مليون تہ هنيانءُ ئي ٻڌي ويو. دل ۾ سوچيم... توهان بہ

اهڙا بچڑا ٿيندا... توهان جي پچاڑي ۾ بچڑي ٿيندي. نئين آباد ٿيل بستين جو... جتي هر سنڌي ويهندي شايد شڪ جو ساهه پئي کنيو... حياتي پئي بچائي... اسان ۾ انهيءَ بستي جو چورين ۽ ٻن ڪيترين ڳالهين هوندي ۾ رُخ ڪيو... هڪ گهر مسواڙ تي ورتم... سوين اڏما، سوين وسوسا... پر حياتي ۽ جان جو خطرو ٽريل ڇڻ نئون ساهه ملي ويو. هڪ دفعو سوچيم... پراون کان دور ٿي پنهنجن جي ويجها ٿيا هجون... وري ڪجهه اوڌر سوڌر ڪري هنڌ ڪٿولا ورتم ۽ ڳوٺان پنهنجي بچيل ٽيليويزن، ريفريجريٽر ۽ ڪجهه ڪپڑا ڪٽي پنهنجي بستي ۾ نئون گهر وسايوم.

ڪجهه ڏينهن مس گذريا... ته آڻ پنهنجن ٻارن کي ڊاڪٽر وٽ ڏيکارڻ ويس... ٻن ٽن ڪلاڪن بعد گهر اچان ته ٽي.وي ۽ فرج چوري ٿي چڪا هئا. مون کي لطيف آباد جي هر شيءِ وڇڻ جو ايترو ڏک نه ٿيو... جيترو هتي ٿيو.

(خادم وطن 13-14 فيبروري 1991ع)

سنگت

سوين تمنائون کٹي، نيون عاجزيون، نيازيون، وسوسا ۽ اڌما کٹي هن کالوني ۾ داخل ٿو ٿيان. نئون نئون ماحول، اجنبيت جو شڪار، هر چهرو غير چهرو، وکريل وکريل سامان کي ميڙڻ ۽ سيڙڻ ۾ هفتو کن وجايوسين. مس مس وجي ڊپ ختم ٿيو تہ هتي کا اهڙي ڳالهہ ڪونهي جو گهر جي، گهر وارن جي چوويهہ ڪلاڪ چوڪيداري ڪجي. هونئن بہ پندرنهن ويهہ ڏينهن مسلسل گهر ۾ ويهي ڪڪڙ بنجي ويو هوس... ڪڪڙ تہ ڇا پر آري واري ڪڪڙي...!

ها سو ڳالهہ پئي ڪيم نئين کالوني جي. فليٽ نهيل هجن، ٻن ڪمرن تي، سستا هجن، سو مون بہ اچي هڪ فليٽ ۾ ٻچا رهايا.

شهر ۾ رهندي اٺ سؤ روپيہ مسواڙ ڏيندو هوس. پگهار جي بلڪل ففتي ففتي حساب سان ڪتاب عليہ الحساب مٽان ئي مٽان هليو ويندو هو. سو ڳاٽ جو هڏو ڀڄي نہ تہ مڏو ضرور ٽي ويندو هو ۽ اهو هڏو سڄو مهينو دال ۽ پيندبيون کائي گذاري ڪرڻ سان وجي نيڪ ٽيندو هو. سو ٻڌوسين تہ ايڏاهين شهر کان ٻاهر ڪيترا ميل پري ئي سهي، فليٽ سستا آهن، مسواڙ بہ چار سؤ روپيہ تي وٺي ٽپڙ ٻڌاسين. شهر کان بلڪل ڪٽيل ماحول... جڙ تہ اڪيلا اڪيلا هجون. فليٽ پريل هجي، اڪثر خالي خالي... ماڻهو گهٽ ۽ گڏهہ ڪتا جام... آهستي آهستي وڌڻ لڳا تہ جانور پڄڻ لڳا. گهر کان پورو هڪ ميل پنڌ ڪندا هئاسين تہ پوءِ ايندو هو رود ۽ پوءِ سواري ملندي هئي آفيس وڃڻ لاءِ.

ها ڳالهہ پئي ڪيم ڪڪڙ جيان آري ۾ ويهڻ جي... سو ڏسندو هوس ڪجهہ پنهنجا سنڌي ٻاهر ڪٽون رکيو وينا هوندا هئا، سو مون سوچيو انهيءَ ڪٽ جو پاسو ونجي.

سائين السلام عليڪم ڪري هڪ ڏينهن ڪٽ جو پاسو ورتم. سيني سنو آڏرياءُ ڪيو. خبرون چارون سيني سان هڪ ئي وقت ڪيم ۽ پوءِ تہ رستا کلي پيا. منهنجو شام جو ٽائيم جيڪو گهٽو ڪري برو گذرندو هو، سو سنو گذرڻ لڳو. ڪڏهن ڪٽان چانهہ پئي اچي تہ هٽبي هئي اهو مڙس ڪٽلي ڪڙهايو لوڏيندو اچي. هڪ ڏينهن مون تي بہ اها ڪٽلي مڙهي وئي. آءٌ بہ ڏهہ ڪوپ ڪڙهائي ڪٽلي لوڏي آيس. مون بہ سمجهيو جڙ سجاڻپ تي ٽئي، اهي خرچ تہ ٽيندا آهن. سو مهينو بہ تہ اها ڪٽلي خوب هلي ۽ پوءِ سنگت جي صلاح وجي ڪٽلي سان گڏ خاطر تواضع لاءِ بسڪوٽن تائين پهتي... ادا پوءِ جيڪا سنگت جي صلاح، هرڪو پئي ويو ڪسبو... دل جو سور دل ۾... پر سنگت جي صلاح کان ڪير منهن موڙي، سو واري واري تي اها چٽي هرڪو پرڻ لڳو. آهستي آهستي وڏي اها سنگت جي صلاح وجي، جمع جمع ڏينهن ماني کائڻ، پوءِ هفتي ۾ بہ دفعا ۽ پوءِ هر روز رات جو گڏجي ماني کائڻ

تائين وڃي نوبت پهچي ٿي. هاڻ وڃي مون سوچيو يار اها سنگت جي صلاح وڃي ٿي ڏڪي پوندي... اسان مسواڙ بچائڻ جي چڪر ۾ هيڏانهن جهر جهنگ ۾ اچي رليا آهيون. ميل پنڌ ڪري وڃي بس ۾ چڙهون، هتي بچت وڃي گلي ۾ پوندي سو سوچيم ته هاڻ پير ڪسڪائجن. اڄ وڃ ۾ ٿورو قناعت ڪيم.

پوءِ مروان پاڻي جا، زال جي مڃو جا... بکي جا... ۽ گهر جي ڪڪڙ ٽيڻ جا طعنا ۽ مهڻا ٻڌڻا پيا. سو اهي ڳالهيون ٻڌم ته ڏاڍي باهه ٿيندي هئي. سوچيم انهن کي ڪهڙي خبر، اسان ماستر ماڻهو، پنهنجن ٻچن ۾ پورا، هڪ روپئي بچائڻ خاطر ڪاڏي ڪاتي ڪان ٽاور مارڪيٽ تائين پنڌ ڪريون، سو اهي اجايا خرچ ڪيئن ۽ ڪٽان آڻيون. سو ٽوڪون ۽ مسخريون سهي پار پوڻ جو پختو ارادو ڪيم. ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو هوس ته اها ڪاڏي واري سنگت ٻ جٽاءُ نه ڪندي پر سنگت جي صلاح کي ٽيو منهن ڏيڻو.

هڪ ڏينهن چيم يار پاڻ هتي ويهي چندو ڪريون. ماني ۽ چانهه تي ڏهه پندرهن روپيه ٿا هر روز وڃايون، چو نه اهڙو فلاحي ادارو کوليون، پنهنجي پاڙي جي يتيم ٻارن کي ڪپڑا وڻي ڏيون يا غريب شاگردن کي ڪتاب وڻي ڏيون. سڀئي چوندا هئا ته يار تون ته آهين مٿي قريو، انهن غريبن جو ٿيڪو پاڻ ته نه کنيو آهي، ڪائي پي پنهنجو سوچيون، اهو ڪافي آهي. مون ٻ بازي هارائي، سو ٽيو اهو مون سنگت کان پير ٽيڑيا.

ڏسندي ڏسندي اها سنگت جهڳڙن تائين پهتي. هرکو پيو حساب ڪتاب ڪري. انهيءَ حساب ڪتاب ۾ ڪيترا جهڳڙا ٽيا ۽ هڪ ٻئي سان دوستي ٻ ختم ڪري ويا. تڏهن مون سوچيو ته هلندڙ سنگتون اهڙيون ئي ۽ ائين ئي هلنديون آهن.

(خادم وطن 18-19 فيبروري 1991ع)

سڻي ٽيبل

"بابا غريب ڪير ٿيندا آهن."

"اها غربت آهي ڇا...؟"

رکي رکي منهنجو پٽ، اهڙا سوال پڇندو آهي جو ڪڏهن ڪڏهن آءٌ به منجهي پوندو آهيان. هن کي ذهين بنائڻ لاءِ مون کي هن جي هر سوال جو جواب ڏيڻو پوندو آهي.

آهي نندِيو نيٽو... ڪڏهن ڪڏهن سوال وڏن جهڙا پڇندو آهي.

"پٽ! غريب انهيءَ کي چوندا آهن جنهن وٽ ڪو گهر نه هجي، پائڻ لاءِ لٽو نه هجي ۽ نه ئي کائڻ لاءِ اٽو هجي."

"تہ بابا پاڻ به غريب آهيون."

"نہ پٽ نہ."

ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي، چيائين:

"مسواڙ جي جاءِ ۾ جو وينا آهيون. پنهنجو به تہ گهر ڪونهي."

"ماڻهو اڃا به غريب آهن. جن وٽ رهڻ لاءِ ڪو زمين جو ٽڪرو به نہ آهي."

"بابا اهي ڪٽي ٿا رهن...؟"

"پٽ... اهي هميشہ پٽڪندا ٿا رهن."

"بابا... پاڻ وٽ به کهڙو کاڏو آهي، نہ ڪير پيئون، نہ ميوا کائون، نہ بوڙ پلاءُ کائون...؟"

منهنجي پٽ جو هڪ ٻيو معنيٰ خيز سوال ٺڪاءُ مٽي تي ٽي ويو. "بابا ماڻهو الائي ڇا ڇا ٿا کائن...؟"

"پٽ اهي آفيسر آهن."

"بابا... توهان آفيسر ڇو نہ ٿا ٿيو...؟"

"پٽ ڪلرڪ ئي رهان... اهو به ڪافي آهي. ماڻهن کي اها خصيص ڪلارڪي نٿي ملي."

منهنجو پٽ ڪجهہ خاموشي کان پوءِ وري پڇي ٿو ۽ سوال ڪري ٿو ڪپڙن بابت... جواب ڏيندي چيومانس "پٽ هر ڳالهہ تي صبر ۽ شڪر ڪبو آهي."

هو به صبر ڪري ويو ۽ ڪجهہ مهينن بعد... اسان جي به گهر سڻا سڻا ڪاڏا اچڻ لڳا، بهترين ڪپڙا اچڻ لڳا، سڻو فرنيچر اچڻ لڳو ۽ سال ڏيڍ بعد پنهنجي جاءِ ٽي وئي.

هيڏي ساري تبديلي کي ڏسي منهنجي پٽ ڳري سوالن جي بوچاڙ ڪئي.

"بابا... پاڻ ايترا شاهوڪار يڪدم ڪيئن ٿياسين."

"پٽ آفيس ۾ مون کي ٽيبل ملي آهي."

"بابا... ٽيبل ڪيئن ملندي آهي؟"

"پٽ سڻي ٽيبل پئسہ ڪمائي ڏيندي آهي."

"ها..." جڏ منهنجي پٽ ڪجهہ به نہ سمجهندي، سپ ڪجهہ سمجهي ورتو هجي! چپ ٽي ويو...

(خادم وطن 21-22 فيبروري 1991ع)

لوڊ شيڈنگ

اڄ پنهنجي پٽ کي بازار گهمائڻ لاءِ ونيِ ويس. بازار گهمندي ئي پنهنجي عادت نہ بدلايائين، سوال ڪيائين: بابا... ڏينهن آهي نہ...؟" "ها بابا... اهو سوال بہ پڇڻ جو آهي؟" "نہ بابا... بجلي جي ٽنين تي بلب پيا ٻرن... ۽ هي ڏسو سامهون دڪان جي ٻاهران بہ بلب پيا ٻرن!" "ها پٽ... ڪير چوي سرڪار کي...!" "بابا اسان کي تہ اپيلون ٿا ڪن ٽيليويزن تي بجلي بچايو!"

"پٽ!... هاڻي جا ڏند ڏيکارڻ جا هڪڙا... کائڻ جا ٻيا!"

"بابا... پنهنجي گهر جون بجليون رات جو بند ڪريو ڇڏين ۽ پاڻ وري ڏينهن ڏني جو بلب ٻاريو ڇڏين!"

منهنجو پٽ لوڊ شيڈنگ وارن تي ڪاوڙيل نظر پئي آيو شايد... پر مون کي خاموش ڏسي هو بہ چپ ٿي ويو.

(خادم وطن 27-28 فيبروري 1991ع)

لک سوا لک

سرڪاري ڪاتن مان مايوس پرائيوٽ فيڪٽرين ۽ شگر ملن جو رُخ ٿو ڪريان، ڏڪا ٽاپا ڪائيندي انهن فيڪٽرين ۽ شگر ملن جي مينيجرن تائين ٿو پهچان... جنرل مينيجر ريٽائرڊ... ج... ريٽائرڊ... سيني ريٽائرڊ خانن اڳيان نوڪرين لاءِ درخواست پيش ٿو ڪريان...

ساري نو ويڪنسي... پر سائين ڪلهه تائين توهان فلاٽا فلاٽا پرتي ڪيا آهن... بابا ڳالهه صاف آهي، اهي وڏن ادارن ۽ وزيرن جا سفارشي آهن.

آءٌ ٻاهر نڪري آيس، گهر اچان ٿو... روز جيان اداس اداس. ننڍڙا ٻار راهون نهارينڊ ته بابا ٿو اچي ڪائڻ پيئڻ جي شيءِ ونيو...!

زال... ... پنهنجي معصوم ٻارن ڏانهن نهارينڊ، جيڪي ٽج نه هئڻ ڪري ٻاڪارينڊ ۽ روئندڙ...! ايترو به گهر ۾ نه آهي جو ٻارن جي ماءُ پنهنجي ٽج ناهي سگهي. پرائي نياڻي ۽ پنهنجن ٻارن جي قسمت تي سوچان ٿو...

مرحوم بابا سائين جي اٽپوري پينشن جي پيسن تي سوچيان ٿو، جيڪا ٻارن جي بيمارين ۾ پوري ٽيو وجي...

ٻڍڙي ماءُ... چنل ڪٽ تي منهنجون راهون ڏسندڙ ته منهنجو پٽ اڄ ٿو دوائون ونڊي اچي.

گهر ۾ گهڙي غربت جا سي رنگ ٿو ڏسان، محسوس ٿو ڪريان، يا خدا گهر ۾ گهڙڻ کان اڳ نانگ نه ڏنگي ويم، جو ڪجهه به نه ڏسي سگهان ها، يا اهڙو دور اچي جو انهن ريٽائرڊ جنرلن ۽ ڪرنلن مان نجات ملي.

تيلي ڪٽي باهه ٿو ڏيان، انهن سرٽيفڪيٽن ۽ ڪاغذن کي... اداس اداس ۽ پريشان حال ۽ سوچيان ٿو اهي جيم ۽ ڪاف... سرڪاري نوڪري ۾ لکن جا مالڪ... رٽائر ٽين ڪروڙن جا مالڪ، تڏهن ته چيو اٿن "هاڻي جيئرو ته لک، مري ته سوا لک..."

رلي رلي ٽڪجي پيو آهيان، سرٽيفڪيٽن جا ڍير هٿن ۾ ... اخبارن جون ڪٽنگس.

ڪيسا پريل... انٽرويو جا ليٽر ڪوڙ سارا... بيروزگاري سبب گهر ۾ فاقا...

جذبا جنگ جوان

بابا... ... بابا، اتو... ... اتو... ...

منهنجو ننڍڙو سرواڻ اچي ٽو ته، ٻاهر گهٽي ۾ ريهن ۽ رڙين جو هل هنگامو هو...

عورتن جون ريهون ۽ ٻارڙن جون ٻاکارون وڏي ويون، رڙين ۽ روڙ ٽ جي آوازن ۾ ٻڌي پئي ڏاريو ۽ زمين ٽي ڦاڙي. منهنجي ڪنن تائين جيڪي آواز پهتا سي هئا، "هاءِ اسان جا ڪونڊر ڪسجي ويا." هر گهر مان ائين پئي معلوم ٿيو، جڻ هر گهر ۾ ماڻهو مري ويو هجي.

آڙ اڻان ٽو... سرواڻ چويم ٽو، بابا وچ تون نہ مقابلو ڪر...

نوجوانن جي جلوس کي چڙوچڙ ڪرڻ لاءِ جڏهن سامراج جي چاڙتن گوليون هلايون ۽ آنسو گيس جا گولا ڇڏيا ۽ انهن کي مارڻ لاءِ گهرن ۽ گهٽين تائين پهتا ته نوجوانن جا حوصلا بلند ٿيڻ لڳا. انهن ٻڌ ۽ لڪڻ بجاءِ گڏ ٿي مقابلو ۽ گولين جا جواب پٿرن جي وسکارن سان ڏيڻ لڳا. جڻ ته...! اڇوکي ويڙهه ۾ آزادي ماڻيندا هجن. سامراج جي چاڙتن پٿرن جي مينهن جي جواب ۾ گولين جو مينهن وسايو. آنسو گيس جا دونهان عام رستي مان ٿيندا، سوڙهين گهٽين کان ٿيندا، گهرن ۾ وينل عورتن ۽ ٻارن جي معصوم اکڙين تائين پهتا.

معصوم امان اکيون... امان اکيون جون ڏاريندڙ رڙين مٽان رڙيون ڪرڻ لڳا.

نوجوان ڏهندا ويا پر چڙوچڙ نہ پئي ٿيا، جڻ ته قسم کنيو هجين...! زخمين کي گهرن ۾ اڇليندا وري مقابلو ڪندا رهيا.

جڏهن زخمين کي گهرن ۾... ها... ڪنهن نہ ڪنهن جي گهر ۾ ٽي وڌائون ته انهن گهرن جي عورتن اهو ڪونہ ٽي ڏنو ته هي ڪير آهي، پنهنجو آهي يا پرائو، ايرو آهي يا غير، ٻيو آهي نوجوان. انهن گهرن جون عورتون انهن جي خدمت ۾ لڳي ٽي ويون. ڪنهن پاڻي ٽي پياريو، ڪنهن زخمين جي مرهم پٽي ٽي ڪئي... ڪنهن سيڪ پئي ڏنا... ڪنهن پها پئي رکيا... ڪنهن وري پسيل ٽوال ۽ ڪپڑا نوجوانن کي پئي ڏنا ته اکين کي آنسو گيس جي دونهين کان بچايو ۽ وڙهو... اسان ٻ توهان سان گڏ آهيون.

عورتن جي انهيءَ عظمت ڀرئي ولولي تي نوجوانن جا حوصلا بلند تر ٿيندا ويا.

گولين جا نڪاءَ فضا ۾ بلند ٿيندا ويا، هينان پٿرن جو مينهن پئي وٺو، چؤطرف کان گهرن مان... ...!

منهنجو پٽ سرواڻ مون کي موڪلي ٽو ۽ آڙ ڪن پل ۾ گولي جو نشان ٽو بنجان ۽ نوجوان زخمي حالت ۾ مون کي گهر پهچائين ٿا... ... ۽ منهنجو معصوم... ها اڻن سالن جو ننڍڙو سرواڻ... منهنجي زخمن تي پها رکندي مرکي ٽو چويم...

بابا... اڄ تون ويو آهين... سياڻي آڙ ويندس... ۽ آڙ سرواڻ کي چمي ٽو ڏيان.

(خادم وطن 6 مارچ 1991ع)

سفر سڃڻن جو

(خاص انهن لاءِ جن قاسم آباد جي بسن ۾ سفر ڪيو هجي)

هر روز جيان اڄ بہ گهر موٽڻ لاءِ قاسم آباد جي بس ۾ ٽو چڙهان. بسون تہ سڄي شهر جي مختلف روڊن تي پيون هلن، پر قاسم آباد جي بس جو سفر ئي نرالو آهي. ڪلاڪ ڪلاڪ ۾ هڪ بس ٽي نڪري. ماڻهو هيٺ مٿي ٻڪرين وانگر ستجي ويندا آهن نہ چڙهڻ جي فضيلت ۽ نہ ئي لهڻ وقت... نوڪري وارو ماڻهو هن بس ۾ ٽو چڙهي تہ پنهنجي صبح پاتل اڇن ڪپڑن کي پيو بچائيندو... قاسم آباد جي رهڻ تي بخيل ٿيندي چڙ مان چوي ٿو... مار پوين... ڪپڑا ئي خراب ٿي پيا. پلا هي بہ ڪو سفر آهي... صبح جو ڪپڑا پائي اڇ تہ شام جو چٽ... پانچا بچائيندو... يار پاسو تہ ڏجين... جاءِ بہ ڪونهي تہ بہ بسن وارن جو پيٽ ئي نٽو پرجي... ٻڪرين وانگر ماڻهو ٽا ستين... اوڏي مهل هن کان اها ڳالهہ وسري ٽي وڃي تہ مون کي بہ هن بس ۾ جاءِ ملي... پر لهڻ وقت... سيني کي پيو گاريون ڏيندو آهي.

سو آڻ بہ بس ۾ چڙهيس... آفيس مان موٽندي بس جي رش ۾ مڙئي اضافو هوندو آهي. هرڪو آفيس مان موٽندو آهي، عورتون بازار مان تہ ٻار ۽ ماستر ۽ ماستريااڻيون وري اسڪولن جي شام واري شفٽ مان موٽندا آهن تہ شام وارين بسن ۾ معمول کان وڌ ماڻهو هوندا آهن. بس ٽريننگ ڪاليج وٽان نڪرندي حبيب بينڪ وٽ ريشم گلي جي منهن تي پهچي ٽي تہ بس سڄي پرجي ويندي آهي... هن کان پوءِ بس گاڏي ڪاتي وٽان ٽيندي حيدر چوڪ تي پهچي ٽي تہ ماڻهو بس ۾ بيهڻ شروع ٽيندا آهن. آڻ بہ پنهنجي دوست سان گڏ مادل اسڪول وٽان چڙهان ٿو. بس پريل هوندي آهي، اڳين گيٽ وٽ بينل ماڻهن جي پيهہ پيهان، وچ ۾ بينل ماڻهو ۽ گيٽ جو پويون حصو ڪجهہ خالي خالي...

ابا پويان اچو... هڪ پيرسن مرد پٺيان وينل هو، انهيءَ رڙ ڪئي... بابا ڏسو چورن جا ڪم، پوئين پاسي بس ۾ ڪجهہ جڳهہ بيهڻ جي آهي، اڳيان آهن جو ماين مٽان ٻڪرين وانگر ستيا پيا آهن.

وري انهن نوجوان چوڪرن ڏانهن مخاطب ٽيندي...

نڪو حياءُ نہ ڪو شرم...

پويان نہ ٽا اچو...

ڪنڊيڪٽر رڙ ڪندي چيو... اسان چئون ٽا تہ موچڑا ٽا کائون. پويان جهڙو پاڻي هاريو پيو هجين. ڪجهہ نوجوان پويان آيا، گهٽا اتي ئي بينارهيا.

بس رڑهي وحدت ڪالوني جي اسڪول واري گيٽ تي ٿي پهچي تہ باقي ڪسر پوري ٿيو وڃي. هتان ماسترياڻيون ۽ شاگرديائيون چڙهن ٿيون تہ پوءِ بس جي حالت ڏسڻ وٽان هوندي آهي.

دوست چويم ٿو... يار... هتي هڪ ٻئي جا ڪپڑا بدلجي وڃن، تڏهن بہ خبر نہ پوي. مون دل ئي دل ۾ هن جي ڳالهہ جي تائيد ڪندي هلڪڙو ٽهڪ ڏنو.

هيڏي ساري رش ۾ قاتل هڪ سفيد پوش ماڻهو چوي ٿو...

ڪٿي جهنگ ۾ اچي رليا آهيون. نہ سواري جو ڪو بندوبست ۽ نہ ئي علائقي جي ڪا فضيلت. ڪلاڪ ڪلاڪ ۾ بس اچي ٿي تہ بس جي ۽ ماڻهن جي اها حالت نہ ٿيندي تہ ٻيو ڇا؟ پر ۾ بينل ٻئي چيس... هاڻ تہ سوزڪيون هلڻ ڪپن...

سائين اهي بہ بس وارا هلائڻ نہ تا ڏين... منهنجي پر ۾ وينل سيٽ واري شايد انهن جي گفتگو ٻڌي ورتي ۽ پنهنجي دل جي باهہ هيئن ڪڍيائين:

شهرن ۾ رهندا هئاسين تہ سولا هئاسين، انهن مئن... ڪي خدا جي مار پوي، اسان ڪي روليو اٿن.

ٻئي بہ (انهن جي پر ۾) انهن مار پون ڪي گار گند ڪندي، پٽيندي چيو...

ڇا قاسم آباد... ڇا اسان... اچي رهيا آهيون، وري قهر خدائي ڏسو اسان ڪي موچڑا هڻي ڪڍيو اٿن ۽ پويان چار بسون قاسم آباد موڪلي ڇڏيون اٿن تہ چڙهو بہ اسان جي بس ۾. پوئين سيٽ تي وينل هڪ پيرسن انهن جي ڳالهہ ٻڌندي چيو... ها ابا... اها اٿو "اعمالن جي شامل" موچڑا هنيو ڪڍي بس موڪلي اٿن تہ توهان اسان جي بسن ۾ چڙهو ۽ ڪمايون وري اسان...

پنهنجي ٻڌي پنهنجو منهن...

پنهنجو تئو... منهن بہ ڪارو پنهنجو...

پر ۾ وينل هڪڙي پيرسن چيو:

اعمالن جي ڏوڙ شامت آهي،

مڙسي پاڻ ۾ ڪونهي... ڏوهہ وري انهن جو...

ڪهڙي مڙسي... ٻئي پڇيو... هن چيو:

ابا اجان پڇين ٿو ڪهڙي مڙسي... اجان توکي خبر ئي نہ پئي آهي تہ مڙسي ڪيئن ڪبي آهي؟

نوجوان ڦڪو ڦڪو ٿيو... پي تہ هيءَ ڳالهہ وجي ڪڏ ۾ پوي، نلهو ٻڌي اٿو... پيرسن جيڪو هن جذباتي انداز ۾ ڳالهائي رهيو هو... ٿوري تلخ انداز ۾ چيو.

ٻڌي بہ اها اٿو، جو ٽپڙ ڪٽي ٻڌئو هاڻ رلو... قاسم آباد ۾...

چاچا... هٿيارن، ڪلاشنڪوفن ۽ مائوزرن اڳيان ڪهڙي ٻڌي ڪجي. هاڻ بس قاسم آباد

جي حدن ۾ هلي پئي. ماڻهو ڪجهه لهندا پئي ويا ۽ بينل ماڻهو ڪجهه فرحت واري ماحول ۾ بينا رهيا... ايتري فرحت ٿي هئي جو ماڻهو سولو بيهي ٿي سگهيو. هاڻ هرڪو ماڻهو انهن بن ٽن سيٽن ڏانهن توجه ڏيڻ لڳو، جتي اهو بحث پئي هليو...

ها با... هڪ پئي وارا جهلايو... توهان وٽ ڪٽان آيا هٿيار... توهان رنگين ٿي وي وڻو، وي سي آر ٿي فلمون ڏسو... بنگلن مٽان بنگلا نهرايو...

(مون کي اتي هڪ ڏينهن جي ڳالهه ياد آئي، انهيءَ بس ۾ وينا هئاسون... دوست مون کي قاسم آباد ۾ هڪ بنگلو ڏيکاريندي چيو... يار هي بنگلو ڏس. مون ڏسي تعريف ڪئي. چيائين هن بنگلي ٿي ويهه لک روپيا خرچ اچي چڪو آهي، اجان به مڪمل ڪونهي... رڳو هن جي باٿ روم ۾ هڪ لک جو خرچ ٿيل اٿس. مون عجب ڪندي خاموشي اختيار ڪئي)

چورن کي هوٽلن ٿي وڻيو سير سير منائي جا آردر ڏئي بوتلن جون بوتلون ٿا پيو، ڪو مهمان ٿو اچي ته چائنز ۾ ماني کائو، نلهي چانهه پيئڻ لاءِ به ايئر ڪنديشن هوٽلن ۾ وڃيو ٿا پئسه وڃايو.

هوٽلون، ڪورٽون سنڌين سان پريون پيون آهن.

سؤ روپيه ڪمايو سؤ ئي وڃايو. پنهنجو اهڙو افعال ئي ڪونهي جو هٿيار وڻون، پوءِ پڇڻ ٿي زور. ڳالهيون وري اهڙيون ڇڻ...

بس چاچا... وڌيڪ جٽ نه ڪرين.

بس گهٽي قدر خالي ٿي وئي هئي، پر تڏهن به ماين وارين سيٽن ۽ اڳئين گيٽ وٽ اٺ ڏهه نوجوان بينا هئا.

ٿورو هٿو به نه ٿا... لهڻ ڏيو... ماين مٽان چنبڙيا بينا آهيو... پنهنجي ڪا ماءُ پيٽ ڪونه اٿو. هڪ اچي برقعي ۾ ڪراڙي پر ٽلهي ٽميري عورت انهن بينلن نوجوانن کي نهه پهه چوندي بس مان لٿي.

مائي جي انهن گوڙ وارن لفظن سيني کي متوجهه ڪرايو. بس هلڻ لڳي، چوڪرا ڦڪا ڦڪا ٿي پنيان هليا آيا. بس جي وچ وارين سيٽن تي وينل ۾ ڪراڙيون پاڻ ۾ اهڙي نموني ڳالهيون ڪري رهيون هيون جڻ ٻئي ٻوڙيون هجن... آواز مڙئي مٽيرو هين.

بس امان، نصيب ڪٽا هئا، هتي اچي رليا آهيون.

لکن جون هوادار وڌين ميدانن واريون جڳهيون چڌيو، هنن ڪونين ۾ اچي رهايو اٽن. وري چون ٿا ته بنگلا آهن. اي اهي بنگلا...انهن کان پنهنجون هوادار ۽ وڌيون لانيون پليون...

بڌي نه ٿي، مئا... اهي بنگلن نهرائڻ وارا... بي عورت سرپرائيندي چيو... هتي ته ڪاڪوس ۽ ڪمرا گڌيا پيا آهن، ڪو ماڻهو ڪاڪوس ڪرڻ ٿو وڃي ته سپ ڪجهه پيو بڌجي. امان نياڻي سياڻي بڌڻ جو مقام آهي. قهر خدا جو پوين اسان جا ٻچا به ماريائون، جاين

تي ٻه قبضا ڪيائون ۽ اسان کي ٻه روليو اٽن. تيستائين قاسم آباد جو آخري بس اسٽاپ يعني نسيم نگر اڇيان پل وٽ لٽاسين... سوچيم ايتري دير ۾ آءٌ ايڪسپريس بس ۾ پنهنجي ڳوٺ تلهار (جيڪو هتان کان پنجاهه ميل پري آهي) پهچي وڃان ها. هيءَ نڌڻڪي علائقي جي بس، مارڪيٽ مان نسيم نگر پهتي آهي.

سيني جون ڳالهيون ٻڌي دل ئي دل ۾ مشڪندي پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿو ٿيان.

(خادم وطن 28 اپريل 1991ع)

يا خدا تون هيٺ لهي آ

اڄ ٻه ڪلهه وانگر ننڍڻ ننڍڻ گلڙن جهڙن ٻارن جو جلوس سيشن ڪورٽ جي سامهون لنگهيو ته فضا ۾ معصوم منهن مان نڪتل نعرا ڀ پئي ڏاريا.

حيدرآباد جي نٿهڙ اس واري گرمي زده فضا جتي ڪانگ پنهنجن پنهنجن آکيرن ۾ لڪا، اتي هي معصوم ٻارڙا پنهنجين معصوم پينرن سان گڏ روڊن تي پنهنجي مٿان وينل وس واري ۽ سيشن ڪورٽ مٿان وينل وس واري بالا حڪام ڏانهن نعرن ذريعي گهري رهيا هئا ته حيدرآباد جي خاموش فضا معصومن ڏانهن ڪربلا جي ميدان جو ڏيک ڏئي رهي هئي. مون کي ڪجربلا جو ميدان ياد اچي ويو، يانءِ... ڏهين محرم جي ڏينهن علي اصغر، امام حسين جي هٿن ۾ شهيد ٿيندو هجي.

"اسان کي پنهنجو اجهو ڏيو"

"معصوم زندگين تي رحم ڪريو."

"اسان جا ساٿي آزاد ڪريو."

اهو جلوس اهي نعرا هٽي شهباز بلدنگ پهچي ٿو. شايد وس واري ننڍي عملدار کان ڪجهه ٻه نه ٿيو. معصوم ٻارڙا پنهنجون آهون ۽ دانهون شايد وس واري وڏي عملدار، جيڪو شهباز بلدنگ جي هڪ ايئر ڪنديشنڊ واري بند ڪمري ۾ وينو آهي، اوستائين پهچائيندا هجن. معصوم ٻارڙا ڏيڊ ٻجي جي تڙڦائيندڙ گرمي ۾ هيٺ روڊ تي ڏرٽو هٽي ويهي ٿا رکن. کلي آسمان هيٺ... جڏ دانهن ۾ ائين چوندا هجن، يا خدا... هن جهان جي عملدارن جي ڪنن تائين دانهون نه ٿيون پهچن، تون ته اسان جا آواز ستن آسمانن کان پوءِ ٻه ٻڌي ورتا. هاڻ ته ڪو داد ٿئي، ڪو فرياد...

ڪيڏو ته عجب ٿو لڳي. حيدرآباد جا ٻه سال اڳ جا ڏٽڙيل اجا تائين ڪئمپن ۾ زندگي گذاريندا هجن. هن شهر جي باوقار زندگي تي نظر ٿي وجهجي ۽ وري جي ڪئمپن ۾ گذريل زندگي جي لمحن تي نظر ٿي پوي ته دل خوف جا ڳوڙها ٿي ڳاڙي.

قاسم آباد جون مائون ۽ پينرون پنهنجن معصوم پٽن ۽ پائرن کي اڳيان ڪري، حيدرآباد جي بالا حڪام ڏانهن هٿ کٽي جهوليون جهليو، يانءِ خيرات گهرنديون هجن ته "اجها ڏيو، يا موت اچي..."

پويان پوليس جو وڏو اٽالو، سندن حفاظت لاءِ، يا هي معصوم ڪو ممڙ نه مچائين، جيڪي ڪلهه رات تشدد کان پوءِ گرفتار ٿيلن جي آزادي جي ڀُگهر ڪري رهيا هئا.

ها... ڪلهه رات...

انهن گلڙن تي تشدد ڪيو ويو.

ٽڏي سڙڪ تي فٽاز لڳ، شاميانا لڳل...

اڄ ننڊڙن ٻارن (سپ ڏهه سالن کان گهٽ ٻار)

جي بک هڙتال جو ستون ڏينهن ... رات جو بالا حڪام شاميانا لاهي ٿا وڃن. ٻئي ڏينهن بک هڙتال لاءِ نوان ٻار پنهنجن مائرن ۽ پينرن سان گڏ پهچن ٿا ته شاميانا لٽل ٿا ڏسن. سنڌي قومي ساٿ جون بلند پايا پيٽون حوصلا نه ٽيون هارين، بلڪ اڏول ارادا پختا ٿا ٽين. خدا ڏي منهن ڪري، يا خدا تنهنجي ڇت جي ڇانو ته آهي، ڪلي آسمان هيٺ ٻارڙا ۽ پينرون بک هڙتال تي ويهي ٿا ته شام جي سهائي ويل، پوري شهر جي انتظاميه پنهنجن وائرليس گاڏين، فائر بريگيڊ جي گاڏين سوڏو پهچن ٿا. ڏسڻ وارو سوچي ٿو ته يا خدا ... حيدرآباد جي خاموش ۽ ڊنل فضا ۾ وري ڇا ٿي ويو. ڇا شهر جي هر پاسي جي هر ڪنڊ ۾ باهه لڳي وئي. هرڪو ڇڏندو انهيءَ پاسي ڊوڙي ٿو. هر اک ڏسي ٿي، شهر جي انتظاميه پنهنجن ظلمن جو منهن کولي ٿي. فائر برگيڊ جي پاڻي وارين گاڏين جا منهن کلن ٿا. ڇڙ ته ڪويت ۾ لڳل تيل جي کوهن جي باهه وسائيندا هجن. عورتن مٽان اڇليو ٿو وڃي. فضا روئڻ ۽ رڙين واري ٿي وڃي ٿي. ڪلاشنڪوفن جا برسٽ چوڙيا ٿا وڃن. آنسو گيس ماڻهن مٽان ۽ معصوم ٻارڙن مٽان اڇلايو ٿو وڃي. خوف ۽ حراس وارو ماحول ٿي ٿو وڃي. ٻارڙا ڪرن ٿا، ڪي بيهوش ٿا ٽين ... ڇڙ ڏرتي تان قربان ٽيندا هجن. ٽڏي سڙڪ جي ٽڏي فضا، گولين جي نڪائن، آنسو گيس ۽ پاڻي جي ڦوهارن سبب دونهاٽيل فضا گرم ٿي وڃي ٿي. پوري شهر جا سنڌي نوجوان گڏ ٿي ٿا وڃن. احتجاج بلند ٿو ٿئي. معصومن کي بي دردي سان لنن سان ماريو ٿو وڃي. انهن جي معصوم پنن تي نيٽ ڇا ٿا وڃن، انهن کي گاڏين ۾ جانورن وانگر اڇليو ٿو وڃي ۽ ڪيڏانهن نيو ٿو وڃي. ڪنهن کي ڪا خبر نه آهي. عورتن تي پاڻي هاري انهن کي بيهوش ٿو ڪيو وڃي.

ڇڙ پورو شهر انهن معصومن ساڙيو هجي، لٽيو هجي، ڦريو هجي. مون کي اهي ڏينهن ياد ٿا اچن، جڏهن حيدرآباد جي روڊن، گلين ۾ نوجوانن کي ماري، انهن جي لاشن کي اڇلايو ويندو هو. جايون جلايون ٿي ويون، تڏهن ڇا ٿيو ... ڪجهه به نه ۽ اڄ به ڇا ويل وريل آهي، سنڌين سان، هڪ پاسي بالا حڪام، بي پاسي ڏاڙيل ته ٽئين پاسي دهشتگرد ... ڇا پيو ٿئي، ڪو سوال ڪرڻ وارو ئي ڪونهي.

ڏوهه ڪيو ته انهن معصومن، جن تي ايڏو تشدد، ايڏي وحشيت، ايڏي بربريت ... ٿاٽي جو گهيراءُ ... معصومن کي چڏايو ٿو وڃي ۽ ڪجهه نوجوانن کي گم ڪيو ٿو وڃي.

اڄ ٻيو ڏينهن آهي، معصوم گلڙن جهڙا بهادر ٻار، پنهنجي انقلاب جي رستي تي هلندي، ڇڙ آزادي جي راهه ونندا هجن. حيدرآباد جي اگهاڙن روڊن تي جان جلائيندڙ گرمي ۾، انتظاميه جي آفيسن آڏو پنهنجا گلا ٿا ڦاڙين ته اسان جي به ڪا ٻڌو ... اسين پنهنجي ڏرتي وارا ... پنهنجي گهرن وارا ... جلاوطن پيا رلون.

جيئڻ جنين مھڻو

چاچو ممتاز اسان جو پاڙيسري ھو. تمام سادو سودو، غربت پريا حال، ڪنھن جي ڏي نہ وٺ ۾، ڪڏھن ڪڏھن پاڙي جي مانڊٽي مان پنھنجي ٻارن کي ٽافيون ونندي ۽ ڪڏھن وري پاڙي جي دڪان تان سيڏو سامان ونندي نظر ايندو ھو. ھن جي ٻاھر نڪرڻ يا ڪنھن سان گھٽي عليڪ سليڪ نہ ڪرڻ ڪري گھٽي ڇاڻ سڃاڻ نہ ھيس ۽ ائين ئي مون سان بہ ڪا دعا سلام نہ ھئي. بس اھا ئي ھڪ ٻئي کي رستي ھلندي سلام ڪيو واھ نہ تہ نھيو... ائين چاچو ممتاز گمنام زندگي جو مالڪ ھو. حالانڪہ چاچو ممتاز ڪنھن آفيس ۾ ڪلارڪ ھو، تڏھن بہ پاڙي اوڙي ۾ گھٽو نہ سڃاتو ويندو ھو، شايد انھيءَ ڪري جو ھو غريب ھو... ھونئن بہ ھن جي غريب ھئڻ جي خبر ڪنھن کي ھئي، بہ زال مڙس پاڻ ۾ تہ چار ٻار بہ ھئس. وري ماءُ پيءُ ۽ بہ ڪنواريون پيٽون بہ سندن گڏ ھيون. بن ڪمرن جي جاءِ مسواڙ تي ھئي، سو ھمراھہ مڙئي ڪمائي وارو ھڪڙو، سو بہ ھڪ آفيس ۾ ھڪ ڪلارڪ...

مون کي جو انھيءَ آفيس ۾ ڪلرڪي جو آردر مليو تہ پوءِ ھڪبئي کي ڏٺوسين تہ پاڙي جي لحاظ کان ھڪ ٻئي جي ويجھو بہ ٽياسين. آڻ بہ نئون نئون، ھر چھرو غير چھرو، اجنبيت جو ماحول. اتي چاچو ممتاز ڏٺم تہ ھنيانءَ ۾ چندبو لڳم. وڏي ڳالھايومانس، سجاڻڻ ۾ دير ئي نہ ڪيائين پر شڪوہ ڪندي چيائين ابا... توھان نوجوان، اسان جھونا جھاز... ٻيو مڙئي ماڻھو غريب... سو ڪنڌ پاسو ونيو پيا جيون گھاريون. چيومانس نہ چاچا، اھڙي ڳالھہ نہ آھي، بس ٿوري گھٽي حجت نہ ھئي.

بس ابا... مبارڪون ھجنين نوڪري جون... ڪنھن ڪم جي ڏيکائي ٿئي تہ پڇڻ ۾ حجاب نہ ڪجانءِ...

پاڻ صبح جو آفيس ايندو ھو. جيئن پنھنجي ٽيبل تي اچي ويھندو ھو، وچ ۾ اٿندو نہ ھو. ڪم ھوس اڪائونٽ جو... صبح اچي اڪائونٽ ناھڻ لڳندو ھو ۽ شام جوڙ ٿي گھر ھليو ويندو ھو. نہ ڪنھن سان اٿڻ، نہ ويھڻ...

ڪو مون پارو اچي ٽيبل جو پاسو ورتس تہ ڪجھہ گھڙيون ڳالھائيندو ھو، نہ تہ اھا ئي چال... نہ چانھن ڪنھن جي پيئندو، نہ ئي ڪنھن کي پياريندو ھو. عادت نہ ھيس يا غربت جي ڪري...

سو ھمراھہ مڙئي پنھنجي منھن زندگي گذارڻ وارو ھو.

ھاڻ اسان جا تعلقات ٿورا ويجھا ٿي پيا ھئا. ھڪ ٻئي جي گھر ٻارن کي بہ ڇڏيوسين. ھن جا نندڙا ٻار منھنجي گھر گھٽو ڪري شام ٽائيم ٽيليويزن ڏسڻ ايندا ھئا. ٻار وينِي وينِي ڳالھيون ڪندا ھئا تہ بابا چوي ٿو تہ مون کي ڪوڙ سارا پئسا ملندا تہ پوءِ نندڙي ٿي وي

وڻنداسون. هنن جي معصوم ۽ مرجهايل چهرن کي ڏسندو هوس ته منهنجي من ۾ جذبن ۽ قياس جون لهرون پيدا ٿيندیون هيون.

ائين گهر جو هر ڀاتي پنهنجن پنهنجن خواهشن جو اظهار ڪندا هئا ۽ چاچو ممتاز هر ڪنهن کي رٽائرمينٽ واري پئسي جي آسري رکندي پنهنجي زندگي کي بکن ۽ ڏڪ ۾ گذاريائين پئي.

سندس نوجوان پيٽون انهيءَ غربت سبب ڪٽي پرٽجي نه پئي سگهيون. پاڻ کي خدا ايڏو صبر ڏنو هوس جو ٻاف به ٻاهر نه ڪيندو هو.

پاڻ اڪثر ڪري بيمار رهڻ لڳو. هڪ ڏينهن گهر وجي بيماري جو پچندي صلاح ڏني مانس ته چاچا، ٽيهه سال سروس اٽئي، هاڻ عمر به اچي گهٽي ٽي اٽئي، ريٽائر ٽي ڪجهه پئسا چگا ملي پوندؤ، علاج به سنو ڪراءِ ۽ پنهنجي گهر جي زندگي سنوار...

پهرين ته نٽائيندو هو پر پوءِ پنهنجي ٻارن جي زور تي ايترو چئي بس ڪرائي ڇڏيندو هو ته هن سال جي انڪريمنٽ وڃان...

ابا ٿورو پگهار به وڌي پوندو ۽ پينشن به سڀي ڏهندي. زال ڪڏهن ڪڏهن چئي ڏيندي هيس ته مئي انهيءَ انڪريمنٽ اسان جي زندگي زهر بنائي ڇڏي آهي. آءٌ سمجهائيندو هوس ته چوندو هو اجان ست سال کي پهچڻ ۾ پنج سال پيا آهن. پلا آئون ڪيڏانهن ويندس. جيستائين ست سالن کي پهچان، تيستائين پگهارن ۾ سنو واڌارو ٽي پوندو ۽ پينشن جا پئسا به سڀا ٽي پوندا. چاچا هاڻ گهٽي لالچ ڇڏ...

توهان هاڻ بيمار رهڻ لڳا آهيو، هينئر رٽائرمينٽ وڻندا ته ڏيڍ لک ڪن ملي پوندو، ڪجهه پچاڙڪي زندگي سنواريو. پنهنجو پاڻ نه ته پنهنجن معصوم ٻارڙن جو خيال ڪريو، نوجوان پيٽن جي زندگي توهان جي پئسن نه هئڻ ڪري زهر پئي ٿئي...

... ... ها ڪري چوندو هو... ... بس ابا، سچ ٿو چوين. بس هن سال جي انڪريمنٽ وٺي ٻي مهيني رٽائرمنٽ جي درخواست ڏيندس.

ٻارن کي ٽي وي وٺي ڏيندس ۽ پينرن جي شادي ڪرائيندس، علاج به ڪرائيندس ۽ ٻيا ڪوڙ سارا مسئلا آهن.

اڄ اوچتو جاڻ آيو ته چاچو ممتاز گذاري ويو. گهر جي هر ڀاتي جي اميدن پريو... مرجهايل چهرو... اکين اڳيان ڦرندي محسوس ٿيو... پاڻءِ ڪنهن جي اميد پوري نه ٿي... وري هن پچاڙيءَ ۾ هيءَ وصيت لکرائي... ته منهنجي پينشن جي پيسن مان منهنجي معصوم ٻارڙن کي ٽي وي وٺي ڏجو ۽ منهنجي پيٽن جي شادي ڪرائجو... ...

(خادم وطن حيدرآباد، 31 ڊسمبر ۽ پهرين جنوري 1999ع)

سانول جا سور

اڄ سانول جي پيءُ کي وفات ڪئي چاليهه ڏينهن گذريا هئا ۽ اڄ رات هن جي ڇڏيل ملڪيت بابت فيصلو ٿيڻو هو. سانول جيڪو منهنجو دوست ۽ منهنجو پاڙيسري هو، پاڙي ۾ ڪيترن سالن کان رهڻ ڪري، اسان جي گهروارن ۽ اسان جا ناتا رشتا ايترا ويجها ٿي ويا هئا جو پاڙيسري گهٽ، مائٽ وڌيڪ لڳندا هئاسين ۽ اسان هڪ ٻئي جي گهر ۾ ايندا ويندا هئاسون. نياڻين جي معاملي ۾ پرديداري به نه هوندي هئي.

سانول انهيءَ گهر جو ننڍو فرد هو. هن کان به وڏا ڀائر ۽ ڀيڻون هيون. اڄ رات هن جا ڀائر ۽ ڀيڻون ۽ ويجها مٽ مائٽ اچي گڏيا هئا. اسان کي به سڏايو ويو ته فيملي ۾ شريڪ ٿيون. ملڪيت جي ڳالهه ٻُڌي ته سانول روئي ڏنو. ايترو رُنو جو پرچائڻ ۾ ڪي گهڙيون لڳي ويون ۽ پوءِ ايترو چئي مون کي وڻي اٿيو ته "ادا بابي جي ملڪيت ۾ اسان جو ڪو حصو ڪونهي. اسان هن جي خدمت به ڪهڙي ڪئي هئي، جو هاڻ ملڪيت تي ٽا وڙهون." هڪ سڏڪو پريندي چيائين، "گهٽ ۾ گهٽ مون کي انهيءَ ملڪيت واري حصي کان پاسيرو رکجو."

مون کي سپ ڪجهه اکين اڳيان ڦري آيو، هڪ هڪ ڳالهه ياد اچي وئي.

سانول جو پيءُ جڏهن ٻي شادي ڪري رهيو هو، ته سندس گهروارا سپ مخالف ٿي پيا هئا ۽ هن جو اهو ضد ته آئون ٻي شادي ضرور ڪندس. اولاد اچي جوان ٿيو هوس، تڏهن به هن جو ضد. نتيجي طور سانول جي پيءُ ظالمانه طريقو اختيار ڪيو ۽ ٻي شادي ڪري هنن سان هر قسم جو تعلقات ٽوڙي. گهر جي هر قسم جي خرچ، ڪاڏي پيتي جي خرچ ٿي به بندش وجهي ڇڏيائين ۽ پوءِ سانول ۽ هن جي گهروارن ٿي جيڪا قيامت گذري، ان جي خبر اسان پاڙي وارن کي آهي. انهيءَ سيني ڀائرن ڇٽن جا ٽالهه ڪنيا ۽ پيٽ گذر ڪرڻ لڳا هئا. جڏهن سندس وڏي ڀاءُ کي نوڪري ملي، تڏهن وجي گهر جي ڀاتين جي پيٽ ۾ ڪجهه پيو.

هيءَ سڄي پاڙي ۾ خوشحال ۽ پڙهيل لکيل فيملي هئي. سانول جو پيءُ آفيسر هو. پر اوچتي تبديلي ڪري سندس اولاد ڪسمپرسي واريءَ حالت کي اچي پهتو. ڳوٺ جي هر شخص جي وات ۾ سانول جي پيءُ جي گلا هئي. ائين ٿئي ڀائر پنهنجين پنهنجين پڙهاين کي ڇڏي، ڇٽا وکٽي آهستي آهستي نوڪرين ۾ گهڙڻ لڳا. هڪ بينڪ ۾ ڪلرڪ، ٻيو شگرمل ۾. سندس پيٽن سلائي ڪڍهائي شروع ڪئي ۽ سندس ماءُ مڙس جي ڏک ۾ بيمار رهڻ لڳي. ائين آهستي آهستي پر جلد هيءُ گهراڻو وري پنهنجي اوج تي موٽي آيو، شايد اڳ کان به بهتر.

هوڏانهن سانول جي پيءُ ٻي شادي ڪري وڃي حيدرآباد وسايو. ضد جي شادي سبب يا تڪڙ سبب هن کي ٻي زال ۽ ان جو گهراڻو بهتر نه مليو. سهريجا ڦرلٽ جا ماهر ته ٻي پاسي زال وري بدڪردار ۽ خراب چال چلت جي نڪتي. به تي سال ائين رونشي واري نشي ۾

گذري ويا، پر پوءِ سندس زال جي بدڪرداريءَ جون ڳالهيون هر هنڌ هلي ويون. نتيجي طور گهر ۾ جهڳڙن جو بنياد پيو. هلندي وڙهندي پنج سال نياهه ٿيو ۽ آخر هن پنهنجي زال کي طلاق ڏني.

زماني جي ستم ظريفي ڏسو، جنهن جا پهرين گهر ۾ جوان نوڪرين وارا ٽي پٽ، ٽي نهرون ۽ ٻه ڏيئون ۽ هڪ زال ۽ بي گهر مان هڪ زال طلاق شده ۽ ٻه ٻار هجن، اهو مڙس ماني لاءِ محتاج بنجي ويو. هوٽلن جون مانيون ۽ اڪيلي زندگي گذاري گذاري تنگ ٿي پيو ۽ ٽيڪ ستن سالن کان پوءِ هن پنهنجي اصلي شهر جو رُخ ڪيو ۽ سيني کان معافي اچي ورتائين. پلا جتي پيءُ ۽ پٽ جو رشتو هجي، اتي رسڻ ٻه ڪيترو... هڪ وقت پيءُ جهڙو شفقت پريو رشتو پٽر ٿي پيو هو، اڄ اولاد جهڙا رشتا ميڙ ٿي پيا.

سانول جو پيءُ نوڪري جي ڪري حيدرآباد گهٽو وقت گذاريندو هو، پر اڇ وڇ جو رستو ڪلي پيو هو. هاڻي هو پٽ کي منٽون ڪندو رهيو ته منهنجو گهر شهر ۾ اڪيلو آهي، توهان مان ڪوبه هلي. گهر ٻه توهان جي ملڪيت ۽ منهنجي ٻه اڪيلائي ختم ٿي ويندي. آڻ هوٽلن جا ڏڪا جهلي جهلي ٽڪجي پيو آهيان، مون تي رحم ڪريو. پر سندس هر پٽ کي پنهنجي پنهنجي نوڪري هئي ۽ هر ڪنهن جو پنهنجو سيٽ ٽيل گهر هو. هرڪو چوي ته اسان پنهنجا ٻار ٻچا ڪيئن رولیون، گهر جا ٽپڙ ڪيئن ڪٽون ۽ پنهنجا سيٽ ٽيل گهر ڪيئن ڦٽايون ۽ پنهنجي سڄي لڏي کي ڪيئن ڪٽون. انهيءَ کان بهتر آهي ته تون هڪ ڇٽو هتي اچي رهه. هونئن ٻه نوڪري تان ريٽائر ڪري پئي سگهيو. پر هن جو هڪ دفعو وري ضد اهو هو ته توهان مان ڪو هلي ۽ ائين هڪ دفعو وري هنن جي زندگي ۾ تلخي پيدا ٿي پئي ۽ هڪ ٻئي کان ڏور گذارڻ لڳا. نتيجي طور سانول جو پيءُ پيريءَ واري عمر ۾ اڪيلو شهر ۾ زندگي گذارڻ لڳو ۽ آخر تائين نوڪري ۾ لڳو رهيو. اوچتو خبر پئي ته سندس والد دل جي دوري سبب گذاري ويو. اڄ چاليهو گذاري سي مٽ مائٽ اچي گڏيا، ته سندس گڏيل ملڪيت ڪيئن ڪجي ۽ ڪيئن ورهائجي. انهيءَ فيملي مان سانول روئي اٿيو ته... مون بابا جي ڪابه خدمت نه ڪئي آهي، مون کي بابا جي ملڪيت نه ڪپي... ۽ آڻ سانول کي پرچائي پنهنجي گهر وٺي ٿو اچان.

(سنڌو 23 مارچ 1994)

سزا

بالڪپڻ جا ٻاتا ٻول سندم چپن تي ٻرڻ لڳن ٿا، آنيوءَ جھڙو ٻالڪ پڻ وقت جي ظالم جھار ائين ڇڳي وئي جڻ جانيي کي تلور ڇڳي وئي هجي. پر سندم ذهن جي سرتي يادن جا اجرا پاند سندم ساهن ساڻ جھولڻ ۽ جھومڻ لڳن ٿا. آئون، اجان لڪ لڪوتي ۽ ڦر ڦر سوتتي جي راند ڪڍڻ لڳندو هئس تہ امڙ سندم مٿي تي موڙ پسڻ جا سپنا ڏسڻ لڳندي هئي. سندم پائر ۽ پينرون سپ مون کان وڌا، مان امڙ جي ڪرڙ يعني آخري اولاد، ابو تہ ٻين ٻارن جيترو ئي مون کي پائيندو هو پر امڙ جي لاڏ ڪوڏ خاص مون سان هوندي هئي ۽ ننڍو هئڻ جي ڪري پوڳ چرچا ڪندیون هيون. اسان ٻہ پائر ۽ ٻہ پينر هياسين. وڏي پيٽ جي وهانءَ کان پوءِ ادا وڏي جي وهانءُ جو الڪو سيني کي رهڻ لڳو. پر ادا وڏو ڪراچيءَ مان پاڻ مرادو پرٽو ڪري وني وني آيو. پينرون، امڙ، ابو ۽ مان ادي جي وهانءَ جا سمورا سپنا لڙکن جي اڻ ڪٽ تسلسل ۾ لوڙهي ڇڏياسين. ياڃائي نہ رڳو ڏاري، پر سندس ٻولي ٻہ ڏاري هئي. هوءَ هڪ ڏينهن ٻہ اسان کي قبول نہ ڪري سگهي ۽ نہ ئي اسان کيس دل سان ڪڍهن ٻہ قبوليو هو. ياڃائيءَ جي مائٽن جي اچ وچ امڙ، ابي ۽ ٻين مٽن مائٽن کي ڏاڍي اوچي ياسجندي هئي. نيٺ هڪ ڏينهن چاچا نور محمد ابي کي چيو ادا، اهو تہ نيڪ آهي تہ دوست علي پسند جو پرٽو ڪيو آهي، پر ادا اسان گهر جي لڇ کي قبوليون ٿا، پر سندس سؤٽ، ماسات، مامن ۽ چاچن جي اچ وچ ڏهي ڪانہ ٿي. اسين ٻہ جائين وارا آهيون ۽ انهن شهري ماڻهن جو اٿڻ ويهڻ ۽ هلي چلي اسان جي سمجهہ کان ٻاهر آهي.

بابو، ادا کي ڪجهہ ٻہ چئي نہ سگهيو، پر ادا گهر وارن ۽ مٽن مائٽن جي رويي مان سپ ڪجهہ سمجهي ويو ۽ هميشہ لاءِ وڃي ڪراچيءَ ۾ رهيو. ڪراچي جيڪو هاڻ ڪراچي نہ پر ڪانئرن جو ڏيهہ ٻڌجي تہ هڪيءَ تي اسان جي وڪريل تهذيب کي وهندڙ ٽريفڪ ۾ لوڙهي سمنڊ ۾ ٻوڙي چڪو آهي. ڪڍهن ڪڍهن عيد براد، مرڻي پرڻي ياڃائي ۽ ٻارڻن کي پاءُ ڳوٺ وڃي ايندو هيو تہ ڪڍهن وري امڙ، ابو ۽ اسان ڪراچي وڃي ادا وارن سان ملي ايندا هئاسون.

وقت ڦر ڦر سوتتي جيان ڦرندو اسان جي اگهاڙن پنن تي وسڻ لڳو. آئون ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان پنج درجا ڪري ڇهين درجي ۾ ڳوٺ جي هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ لڳس. هاءِ اسڪول يونين ڪائونسل کان ڪجهہ اڳيرو ۽ ڳوٺ جي سرڪاري اسپتال کان ويجهو هيو. ڳوٺ ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ پرائمري اسڪول تہ جدا جدا هيا، پر هاءِ اسڪول ڇوڪرين لاءِ نہ هيو. ڳوٺ جي چڱن جي صلاح سان ڇوڪريون ٻہ ڇوڪرن سان گڏ هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ اڇڻ لڳيون هيون. سندن لاءِ ڪا جدا ماسترياڻي ٻہ نہ هئي. اسان جا استاد

اسان سان گڏ ئي ڪين پڙهائڻ لڳا هئا. سندم پيٽ ٽن سالن جي وٽيءَ ڪان پوءِ فهميده سان گڏ منهنجي اسڪول ۾ مون سان گڏ داخلا ورتي. فهميده چاچي نور محمد جي ڏيءَ منهنجي سڳي سؤٽ نديپڻ ڪان هڪ ئي اڳڻ تي چيچ مگڻ ڪنهن کي ڏيان ڪندي، چيڪلي پائيندي وقت جي رم جهم پلن کي اراٽا بول بڏائي ريجهائيندا هئاسون. امڙ ۽ پينرون ادا وڏي جي وهانءُ جي خوشيءَ جا ٻرندڙ خواب سندم سهري جي لڙين ۾ پوئڻ لڳنديون هيون. فهميده ۽ مون کي گڏ ڪيڏندي ڏسي سڪ ڳيچن جو ويس اوڍي پڙاڏجڻ لڳندي هئي.

پلي ٻانهن لوڏيندو
مومل ماڻيندو
ڙي سدا ٻانهن لوڏيندو
هڪ جيڏي آڻيندو
پنهنجن ۾ نيندي ئي سڪ ور
چاچي ڏني تني مگ
عرفان ٻڌم سونا سهرا او سهرا سدا رنگ لايو

نون نون سهرن جا بول اسان جي اڳڻ تي گهلڻ لڳندا هئا. ها، سهرن ۽ ڳيچن جو سرجڻهار تہ اهي مائرون ۽ پينرون ئي تہ آهن!! سندم ماءُ ۽ پينرن بہ سهرن جا ڪيترا ئي گلاب اميد جي اڳڻ تي پوکڻ لڳيون ۽ سندم ٻاراڻي ذهن تي ڳيچن جي گونجار تہ گونجندي هئي، پر سندن معنيٰ جي گهرائي سندم ٻاراڻي ذهن ۾ سمجهہ ۾ نہ اچي سگهندي هئي.

فهميده روز پنهنجي گهر جي ٻنجري وٽ بيهي مون کي ۽ منهنجي پيٽ رضيہ کي سڏيندي هئي. آءٌ پاڻ تڪڙو پهرين پهچي ويندو هئس ۽ هوءَ مون ڏانهن هٿ وڌائيندي پاڻ ڏانهن مون کي ڇڪيندي هئي ۽ مان ٻنجري تان ٽپ ڏئي سندن اڳڻ ۾ اچي ويندو هئس ۽ پوءِ ٿهڪڙن جا ٽول اڳڻ تي گلن جيان. سندس کلندڙ اکين مان شرارت نڪري وکري ويندي هئي ۽ پر جڏهن سندم پيٽ رضيہ مون کان اڳ ڏکي اچي پهچندي هئي تہ پيٽ ڪيس ڇڪي اسان جي اڳڻ تي آڻي ونندي هئي ۽ پوءِ مان ٿهڪ ڏيندو هئس ۽ ڪيس شيڪائڻ لڳندو هئس. ها وڏي آئي آهي زور آور، ڏس اديءَ ڪيئن ڇڪي ورتئي ۽ ادي نہ ڪندي هئي هم نہ تم، چوڻ لڳندي هئي تہ عرفان اڄ تہ رڳو فهميده کي ٻنجري تان ڇڪيو اٿم ۽ جڏهن سندس پانڊٽيءَ جي پلئو سان تنهنجي اجرڪ جو پلئو ٻڌي نڪيڙي هن اڳڻ تي آڻيندي مانس تہ پوءِ وڃڻ جي بہ نہ ڪندي. هان ڪيئن فهمي ۽ فهمي هن ڳالهہ کي چرچي کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ ڄاتو ۽ مون هن آس جي رنگن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اهي رنگ ويتر ڇٽا تڏهن ٿيڻ لڳا، جڏهن سندم ۽ سندم پيٽ سان گڏ روز اسڪول وڃڻ لڳي. اسان جو گڏ اسڪول وڃڻ، گڏجي ويهي اسڪول جو ڪم ڪرڻ روز جو معمول بڻجي ويو. امڙ هاڻ سهرا ڇانور چندبيندي ۽ ساجهڻ ڪندي جهونگاريندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ماڻي ولوڙيندي بہ سندس لبن تي ڳيچن جا

مور ٽلڻ لڳندا هئا. اسان جي راند روند ۾ بہ سنجيدگي اچڻ لڳي. فهميده جي گلابي چهري تي چاندوڪي ويتر تڏهن ٻهڪڻ لڳندي هئي، جڏهن ادي وڏي لاوڻ تي گج پرڻ لڳندي هئي. لاوڻ اسان جي خانداني وهانءُ جو وڳو جيڪو هر ونيءَ لاءِ جدا جڙندو آهي. مهينن تائين مٽس موتي، ريشم ۽ مڪئي جي مڙهت ٿيندي رهندي آهي. ادا وڏي جي ونيءَ لاءِ بہ ڏاڍي چاهه مان امڙ ۽ اديءَ لاوڻ تيار ڪيو هيو، پر پاڃائيءَ هڪ لڳا بہ ان کي نہ پاتو هيو ۽ ائين اهو لاوڻ ڪٻٽ جي خاني ۾ وساريل ڪتاب جيان پيو رهيو.

هاڻ جواني جي بهار جو پهريون ڇهاءُ اسان ٻنهي جي نيڻن ۾ محبت جي مرڪ ٻڌجي چمڪڻ لڳو. فهميده جي چاهت جي چڪ ۽ سڪ سندم ساهن ساڻ ملي رت سان رڳن ۾ رلڻ لڳي هئي. پر تنهن هوندي بہ ڪڏهن بہ پنهنجي پريت کي اسان لفظن جو پهراڻ پهرائي نہ سگهياسين. لفظ هيا جي ٽٽل تند جيان، اسان جي آڱرين جي پورن سان لڪ لڪوٽي ڪرڻ لڳا.

ميٽرڪ جو آخري پيپر ڏئي آئون ادا وڏي وٽ ڪراچي هليو ويو هئس. بابي جي خواهش هئي تہ مان وٽس وڃي ٽائپ ۽ شارٽ هينڊ جو ڪورس ڪري اچان ۽ امڙ بہ ضدي هئي تہ هاڻ عرفان عليءَ جو وهانءُ ڪرايو. نٽ، ويڙهه ۽ ڪير مندي تہ امڙ منهنجي ونيءَ لاءِ بہ سال اڳ ئي ٺهرائي رکيون هيون. مور ڇٽ واري ڏانوڻ واري نٽ امڙ جڏهن ڪڍي پنهنجي پينرن ۽ پاڃائين کي ڏيکاريندي هئي تہ سندس چهري تي ڪيترا ئي ڪنول ٽڙي پوندا هئا، چوڏسا ڳيچن جو هڪاءُ ماحول کي مهڪائڻ لڳندو هو.

ڇهن مهينن کان پوءِ رمضان جا روزا رکڻ ۽ عيد ڪرڻ لاءِ آئون ڳوٺ آيس، ٽائپ شارٽ هينڊ جو ڪورس اڃان جاري هيو. آئون هڪ مهينو موڪل وٺي آيو هئس. ادا مون کي سيکڻ هينڊ ٽائپ رائٽر بہ وٺي ڏنو تہ جيئن ڳوٺ وڃي پريڪٽس جاري رکان.

اڄ رمضان جو چنڊ ڏسڻ لاءِ اسان سپ ڇت تي چڙهي ويا سون. مون هيڏانهن هوڏانهن نهاريو، فهميده مون کي نہ تہ پنهنجي ڪڏ تي نظر آئي ۽ نہ ئي پنهنجي اڳڻ تي. مون کي هيڏانهن هوڏانهن لئوٽا هٽندي ڏسندي پيڙ رضيہ جيڪا ننڍپڻ کان سندم ساڻي هئي، مون کان ٿورو وڏي پر منهنجي دوست هئي، مون ڏانهن وڏي اچي تي ۽ زار وقطار سڏڪڻ لڳي تي. کيس سڏڪندو ڏسي امڙ کيس دڙڪو ڏيندي چوي تي:

امان، سڳوري رات نپاڳو روڄ نہ ڪر. منهنجي عرفان لاءِ ونيون ائين، جيئن ڪيڙيءَ ۾ ڪڙا. پلا چوڪرن لاءِ چوڪرين جي ڪهڙي ڪوٽ!!!

ڪن پل لاءِ سندم سمجهہ ۾ ڪابہ ڳالهہ ڪانہ آئي ۽ مان وجي صفي ۾ سمهي پيس. اسر جو روزي رکڻ لاءِ اديءَ اچي اٺاريو.

هيل پهريون اسر هيو جيڪو فهميءَ کان سواءِ ڪائي رهيو هئس، نہ تہ فهمي اچي منهن تي گلاس پاڻيءَ جو هاري اٺاريندي هئي ۽ هيل، هيل رڳو سڏڪن جا سڙپاٽ مون کي ڪجهہ

ٻڌائڻ لاءِ آتا هيا، پر مان شرميلو هجڻ ڪري سندس اکڻ جو ٻنجرو ٽپي وٽس وڃڻ جي جرئت نه ڪري نه سگهيس. رمضان نه اچي خير جو پورو ٿيو، عيد جي رات فهميده جي گهر مهمانن کي ڏسي ٻيڻ کان پڇيم ته خير ته آهي. تڏهن ادي پنهنجن لڙڪن جا بند ٽوڙي مون کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو.

ادا، فهميده جا سهرا ڪيس عيد ڏيڻ آيا آهن ۽ ها ادا، ٻڌو اٿم ته عيد جي پهرين خميس تي ونواهه ۾ ويهاريندا فهميءَ کي. ادي رضيه ته پيڙائن جي پل صراط پار ڪري وڃي رڌڻي ۾ کارڪون وڌڻ لڳي ۽ امڙ چلهه تي کارڪن لاءِ ڪير رکي ڳوڙهي ويچار ۾ ويهي رهي ٿي. ڪير ٻڙڪڻ لڳي ٿو، جڻ سندم اندر مان درد ٻڙڪي پيو هجي!!

هيل پهرين عيد هئي جا فهميءَ جي ٿهڪڙن ۽ چرچن کان سواءِ ٻسي ٻسي گذري. اسان جي گهر جي اکڻ جي نم ۽ اڄ ادي پينگهه به نه ٻڌرائي هئي. ها، هن کي منهنجو درد هيو ۽ منهنجو ۽ فهميده جي وڇوڙي جو درد!!

عيد جي شام جو فهميءَ تڏڙي گلابي موتين جي جڙاءُ وارو وڳو پهري اسان جي گهر آئي، پر هيسيل هرٽيءَ جيان هيڏانهن هوڏانهن ڪنهن جي پوءَ کان لڪندي ڏڃندي ادي رضيه وٽ اچي ٽي ۽ ادي کي ڪجهه چوي ٽي. ادي مون کي سڏي ٽي ۽ مان سندس ڳالهه ٻڌي ڏڪڻ لڳان ٿو!! نه، نه ائين نه ٿيندو!

ائين نه ٿيندو ته پوءِ آئون پل پرائي ٽي وڃان، تون به اهو ٿو چاهين نه... ...!!!

۽ هوءَ سڏڪندي هلي وڃي ٽي. عيد جي ستين ڏينهن هوءَ نڪيڙجي اسان جي ٻنجري کان اسان جي گهر بجاءِ پنهنجي گهر جي ٻاهرين در کان سوين ميل پري لاڙڪاٽي پرٽجي هلي وڃي ٽي. امڙ سڏڪن کي ڪاوڙ ۾ لوڙهڻ جي اٽپوري ڪوشش ڪري ٽي.

ادا نوري سڱ نه ڏنو ته چا؟ اسان جو عرفان به ڪو گهٽ آهي ڪي، بدوتي ڏنم تڏهن به آئي هن ته ياءُ جي اڃي ڏاڙهي ۽ پگ جي لج به نه رکي. جندو پاڙو ٽي لکي ڏنوسين ته به نه ليکيائين. ها ها هو، هو چو ڏسي سندس جوءِ جا پنهنجي اڳ جائي ياڻتي لاءِ هرکي پئي هئي، جهڙو سلجهڻو آهي؟ ائي، شهپر ته ڏس وات ۾ ٽي پيس ۽ وارن تي ته ڪيس ڪيل هئس، مئو ڪارو پکڙوٺ، موتين جهڙي لڏڻ ڏيءَ لوڙهي ڇڏي ادي نورل، ڪو ڪيس نه به پيس، اسان کان ته هاڻ مرٽي به ڇڻو ته پرٽي به!!!

ادي وڏي ڪڏهن به منهنجي معاملي ۾ نه ڳالهايو هيو، پر اڄ امڙ جي درد جي اڇلون ڏيندڙ چولين کي سانت ڪرڻ ڪاڻ امڙ کي آڏت ڏئي رهي هئي.

حيدرآباد ۾ بابي جي سؤٽ پرٽيل هئي، وڏي گهراٽي مان مون لاءِ سندن ننڍي ڏيءَ جو سڱ گهريائون. بابي جي سؤٽ ۽ سندس مڙس اهو چئي سڱ ڏيڻ کان نابري واري ڇڏي ته وڏي ڏيءَ ويهاري ننڍيءَ جو سڱ ڪونه ڏينداسين. جي ڪرٽي اٿو ته وڏيءَ جو سڱ ونو ۽ ائين سندن وڏي ڏيءَ راحيلا سان سندم وهانءُ ٽي ويو. امڙ، ادين، ابي، ادي، ياڃائي سيني

خوشين جا کوڙ سارا کيچا کاڌا، پر مون لاءِ لڙکن کي وندرائن لاءِ کابہ وات نہ هئي. بس اندر جي اڌمن کي دل جي انڌي قبر ۾ هميشہ لاءِ پوري ڇڏيم. ڪڏهن ڪڏهن پريت جا چاڪ چمڪي ٻہ پوندا هئا تہ لڙڪ نيسارا ڪري نيٽن مان اندر جي اونداهين ۾ وهڻ لڳندا هئا ۽ ڪنهن نہ ڪنهن تڪليف جو روپ ڌاري سندم سامهون اچي ويندا هئا، جن کي رڳو آئون ئي سمجهي سگهندو هيس ۽ ائين جيون جا ويهہ سال ٻن هزار سالن وانگر گذري ويا. شاديءَ جي ڏهن سالن کان پوءِ مون کي هڪ ٻُٽ جائو، جنهن جو نالو ساگر رکيم. ساگر لاءِ جيون جون مڙوئي خوشيون ڏيڻ لاءِ رات ڏينهن جاکوڙڻ لڳس.

سندم زال جيڪا سهاڳ جي پهرين رات کان هوءَ مون لاءِ ۽ مان هن لاءِ اجنبي هياسين ۽ اڄ ٻہ هوءَ مون لاءِ ۽ مان هن لاءِ اجنبي ئي آهيون، ها واقف آهن تہ رڳو اسان جا جسم جيڪي رات جي انڌاري ۾ ملن ٿا ۽ صبح جي اوجر ۾ هڪ ٻئي لاءِ اجنبي ٻڌجي وڃن ٿا. هوءَ سندم وجود کي پنهنجو خريد ڪيل غلام تصور ڪري ٿي جيڪو نڪاح جي دستاويز تي لکي پڙهي ڪيس حق مهر طور مليو آهي. سندس شڪ جا ڪوٽ ڏينهو ڏينهن مون لاءِ اوچا ٿيندا ٿا وڃن. هن منهنجي سوچن تي ٻہ پهرا لڳائي ڇڏيا آهن. ساگر جو هاڻ ڏهن سالن جو اچي ٿيو آهي، اسان کي ڳوٺ ڇڏي ٻہ اچي نو سال ٿيا آهن. امڙ ۽ ابو گذاري ويا آهن. مان چورو ڇنو، يتيم پنهنجي نڌڻڪن جذبن جيان ۽ رضيہ جي شادي ٿي وئي، هاڻ ڪير ٻہ سندم ساڻ نہ آهي.

فهميءَ جي يادن کي مون پنهنجي ذهن جي گمنام ڪنڊ ۾ سمهاري ڇڏيو آهي. مون کي تعليم ڪاتي ۾ سينيئر سپريٽنڈنٽ جي پوسٽ ملي وئي آهي. مون وٽ ڪوڙ سارن ماسترن ۽ ماسترياڻين جي اڇ وڇ رهي ٿي. سڀني سياڻ ڪري نہ رڳو مرد، پر عورتون ٻہ منهنجي وڏي عزت ڪنديون آهن. ڪڏهن ڪڏهن تہ هو منهنجي گهر ٻہ اچيو نڪرن، جنهن تان ڪيترا ئي پيرا منهنجي زال مون تي ڪرفيو آرڊر مڙهي گهر ۾ ايمرجنسي لڳائي منهنجي ساهن تي سيلز ٽيڪس ۽ جنرل ٽيڪس مڙهي منهنجو سروي ڪرڻ لڳي آهي. نون، نون حڪمن کي لاڳو ڪندي هوءَ ڪنهن مارشل لا ايڊمنسٽريٽر کان گهٽ ڪانہ ٿي لڳي. مون کي اها ٻہ پڪ آهي تہ خير صلاح مان ڪنهن ڪم ڪار جي سلسلي ۾ ٻہ ڪڏهن ڪنهن عورت سان ڏٺئين تہ هوءَ مون کي ڪارو ڪري ماريندي ٻہ دير نہ ڪندي. ها شايد هن جي اها شدت هن جي پيار جي نشاني آهي يا فرسٽريشن!!

امڙ توهان ويري فاءِ ڪرائي اچو ۽ ها هن هڪ ٻي شاهد جي صحيح نپي ۽ سجاٽپ ڪارڊ جي نمبر لکرائڻ جي ضرورت آهي. ڪاغذ پورا ڪري اچو تہ مان صاحب ڏانهن پٽ اپ ڪريان تہ، نہ آئون ڪجهہ نٿو ڪري سگهان.

سندم اسسٽنٽ وهاب جي ٽيبل وٽ بينل عورت ڪاري چادريءَ ۾ مسلسل وهاب کي منٿون ميڙون ڪري رهي آهي. سندس پر ۾ ٻہ گلاب جهڙيون مڪڙيون ۽ هڪ موتي جهڙو چوڪر بينل آهي. چوڪريون کيس چادريءَ مان مسلسل ڇڪيندي ڪنهن پل روئڻ ٻہ لڳن

ٿيون. امان هل ڳوٺ هلون، گهر هلون ٻڌ لڳي آهي.

ادا، اڄ ٿيون چڪر ڏنو اٿم، ڇو مون بي واهيءَ کي اڇي رلايو اٿو. هاڻ هن جو آواز آفيس ۾ گونجڻ لڳو. مان وهاب کي اشارو ڪريان ٿو ته هيڏانهن موڪلينس ۽ بي لمحي هوءَ عورت مون ڏانهن ايندي منهنجي ٽيبل تي ڏڪندڙ هٿن سان ڪاغذ رکي ٿي. ڪاغذ هن جي هٿن ۾ پگهر اڇڻ ڪري پسي وڃن ٿا.

ع ع عرفان ته... ته توهان!! ... هن کي چادري پيل آهي، هوءَ هڪ نقاب مٿي ڪري ٿي. سندس چهرو ڏسي مون کان چرڪ نڪري وڃي ٿو.

ف... ف فهميد، فهميده توهان ۽ هت!!! ها عرفان، منهنجي مڙس جي گذاري وڃڻ کان پوءِ ساهرن مون کي هڪ ڏينهن به نه سنو، ايتريقدر جو مون کي عدت به ڪرڻ نه ڏنائون. انهن کي هنن معصومن تي به ڪهل نه آيو، مال ملڪيت ته وڃي ڪڏ ۾ پوي. شاديءَ جا ڏهه سال بي اولاد هجڻ جا طعنا سنڌ ۽ اولاد ٽيو ته وارث نه رهيو. ۽ هوءَ مسلسل سڏڪن جي سمنڊ ۾ لڙهڻ لڳي ٿي. چوڑين کان خالي بيواهه ٻانهون ۽ ڪوڪي کان آجو نڪ چادري جي ڏڪ کي پار ڪري مون کي سپ ڪجهه ٻڌائي ڇڏين ٿا. مون ڪرسي ڪسڪائي کيس ويهڻ لاءِ چيو ۽ ٻارن لاءِ به ڪرسيون گهرايم ۽ بچائي کي ٻاهران سينڈوچ ۽ بوتلون آڻڻ لاءِ موڪليم.

عرفان شڪر آهي جو بابي وارن چاچي جي چوڻ تي مون کي ڏهه درجا پڙهايا ۽ تنهنجي ۽ رضيه جي ساڻ سان مون ڏهه درجا پاس ڪيا، جو اڄ ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ ماستري ته ملي وئي اٿم. عمر وڏي ٿي وڃڻ ڪري نوڪري ختم ٿيڻ جو پوءُ هيم، پر ڳوٺ جي ايم پي اي منهنجي عمر سي ايم ڪان رليڪس ڪرائي سرٽيفڪيٽ ونې ڏنو. هاڻ بس هي جي پي فنڊ جا پنا آهن، انهن ٽنهي ٻڇن کي نامينيٽ وارث ڪريان ٿي. ٻن شاهدن جي شاهدي ڪپندي هئي. هڪ ٽي ته ڳوٺ واري هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستر لکي ڏنو ۽ بي ٽي... مان خانو ڪوليان ٿو، ٻيو ڪيان ٿو، صحيح ڪريان ٿو ۽ وهاب کي پنان ڏيان ٿو. وهاب وچ هٿو هٽ ڊي اي او صاحب کان صحيح ڪرائي ڪٽي آءُ.

ڳوٺ جو گرلس اسڪول هاڻ مڊل ٽي چڪو آهي، پر فهميده ميٽرڪ پاس هجڻ ڪري اتي پرائمري ماسترياڻي آهي، پر مڊل درجن وارن کي پڙهائي ٿي.

فهميده ويهن سالن جي وڇوڙي جي وارڙا کي ويهن منٽن ۾ ويڙهي اٿي هلي وئي آهي، پر مون لاءِ دفن ٿيل لڙڪ ۽ درد دل جي قبر چيري نيڻن مان رت ڳڙا ٻڌجي برسڻ لڳا آهن.

فهمي تون ملينءَ به ته ڪڏهن ۽ ڪيئن، تون منهنجي شهر ۾ آئين، مان توکي هڪ ڏينهن به پاڻ وٽ ترسائي نه سگهيس. منهنجي سؤٽ جي حيثيت ۾ ته رهين ها مون وٽ، پر مان ته پاڻ راحيلا جي رحم ۽ ڪرم تي گهر ۾ رهندو آهيان. منهنجي گهر ۾ جيڪو منهنجو نه پر راحيلا جو آهي، اتي منهنجا ساهه به منهنجا نه هوندا آهن.

فهميده جا گلن جهڙا ٻارڙا جيون جي جهڪ ۾ مامتا جي ڏاري سان چهٽيل آهن.

عرفان گھر نہ هلندين چا؟ شام جا چهه ٿي ويا آهن، ايڏو ڪم اٽئي چا؟

مون کي ته اڄ ميڊم اصل ڪنهي ويهاري ڇڏيو هو. سياڻي ڪراچي ميٽنگ اٽينڈ ڪرڻي اٽس، سموريون رپورٽون اڄ ئي نهرائي ورتائين.

حسن ۽ مان هڪ آفيس ۾ ڪم ڪندا آهيون ۽ هڪ پاڙي ۾ رهون ٿا. روز گڏجي اچون ٿا ۽ روز گڏجي وڃڻ اسان جو معمول آهي.

حسن بنا فل اسٽاپ ۽ ڪاما جي پنهنجي اڄ ڏينهن جي وارتا ٻڌائي رهيو آهي. اسان جا قدم رستي کي لتاڙي رهيا آهن. سوزوڪي بيهي رهي ٿي ۽ اسان ٻئي معمول جيان سوزوڪي ۾ چڙهون ٿا. مان آفيس ڏانهن ڏسان ٿو، فهميده جا سڏڪا مسلسل منهنجو تعاقب ڪري رهيا آهن. وقت جا بي رحم فاصلا مون کي هن جيان هن جي سڏڪن کان به جدا ڪرڻ لاءِ آتا آهن. پنڌ ڪٽي ٿو، اسان گهٽيءَ ۾ مڙون ٿا. سندم در جو گيٽ اچي ٿو، سندم زال ساگر جي ٻانهن مان جهليو در اندران گهر جي آڱر ۾ بينل آهي.

هان هي وڃ چاٻيون. ماني ڪري رکي اٽم، ٻيو ڪجهه کپئي ته 'ڪمون' (جيڪو گهر ۾ ڪم ڪار ڪندڙ ڇوڪرو آهي) کان نهراءِ ونجانءِ، مان دير سان ايندیس. ادا وڏي وارا ۽ ياڃائي وارا پنڌي مان آيل آهن.

هوءَ ساگر کي ونڊي مائٽن ڏانهن هلي وئي. ائين هن جو وڃڻ مون لاءِ ڪو نئون نہ آهي. جيون جا ويهه سال هن اک ٻوٽ ۾ ته گهاريا اٽم. مان ۽ خالي گهر جون ديوارون سدائين هڪ ٻئي کي وندرائيندا آهيون، پر اڄ فهميده جون يادون مون کي زوردار چماٽون هڻي رهيون آهن ۽ چئي رهيون آهن ته:

تون بزدل آهين. مون وٽ نہ گهر آهي ۽ نہ وري تو وٽ، گهر آهي ۽ گهر واري ٻئي آهن پوءِ ٻہ تون تنها آهين. تون ديوارن سان دل وندرائين ٿو. ها، توکي اها ئي سزا ملڻ گهرجي، سزا! محبت جي سزا!!!!

(عبرت مئگزين پهرين آگسٽ 2004ع)

ڏرتي ڏٽي ويچارا

نسيم نگر چوڪ تي شاميانا، بک هڙتال ۾ وينل ڪجھ همراھ ستل، ڪجھ هار پايو وينل، لائوڊ اسپيڪر تي سرمد سنڌي جا قومي گيت... بينر لڳل... سنڌي ٻيٽن تي قبضا ختم ڪريو، سنڌين کي پنھنجا حق ڏيو، سنڌين جو پاڻي نہ ڦريو... وغيره وغيره...

منھنجو دوست ڪراچي ۾ رھي ٿو. مھيني ٻي مھيني... مون وٽ اچي ٿو ۽ شام جو مون سان گڏ واڪ ٻہ ڪندو آھي. ھڪ رات يا ٻہ راتيون رھندو آھي.

اتي پھتاسين تہ چيائين يار... ھي چا آھي. ھنن سنڌين کي چا ٿيو آھي. آئون جڏھن ٻہ اچان ٿو تہ ھتي اھي ئي ۽ ائين ڏسان ٿو. دنيا وجي ڪٿي پھتي آھي، پنھنجا سنڌي انھن بک هڙتالن ۾ پورا آھن...

مون ھا ڪئي... ۽ ھونئن ھونئن پئي ڪيم. پنھنجي ڳالھ وڌائيندي چيائين... يار چون ٿا تہ اسين ست هزار سال پراڻا سنڌي آھيون. اسان جي تھذيب دنيا جي پراڻي ۾ پراڻي تھذيب ۽ مالا مال ۽ شاھوڪار تھذيب آھي. پر يارن جا حال اھي اٿو جو اجا تائين بک هڙتالن ۾ پورا آھن...

اسان جا يار... (مھاجرن ڏانھن اشارو ڪندي) ڏسو 50-60 سالہ تاريخ ۾ انھن پراڻي ڏرتيءَ تي اچي ڪيئن ڪنٽرول ڪيو اٿن، ڪيئن ترقي ڪئي اٿن... جو قومي اسيمبلي، صوبائي اسيمبلين، Senate ۽ ملڪ جي هر اداري ۾ انھن جي نمائنده شامل آھن.

منھنجي ڪلھي تي ھٿ رکندي چيائين تہ ادا... ترقي تہ ائين ڪبي آھي نہ... جو ملڪ جي هر اداري ۾ اسان سنڌين جي نمائندگي ھجي... باقي رڳو جيئي سنڌ، جيئي سنڌ ڪري... نسلن جون نسلون ختم ٿي ويون.

يار... 2013 جي ڪھڙي اسيمبلي ۾ جيئي سنڌ جيئي سنڌ ڪرڻ وارا پھتا آھن.

ھن جو ھينئر اشارو جيئي سنڌ وارين پارٽين ڏانھن ھو.

اسيمبلي ۾ تہ ڪو ھڪ همراھ ٻہ نہ پھچائي سگھيا آھن جو خدا جي پناھ ۾ رکي سنڌ ڏرتي کي... جو سنڌ ۾ سنڌين تي ڪو ڏکيو وقت اچي وڃي تہ ڪو تقرير ڪرڻ وارو ھجي...

مون ھن جي بدن کي جھليندي چيومانس... ادا سنيال... واڪ ڪندي ذري گھٽ گاڏي ٿي لڳس. ڏس ادا... ايڏي ساري قاسم آباد ۾ ڪا اھڙي جوھ آھي فضيلت واري جو واڪ ڪري سگھون... مورڳو ٿي مئاسين... اھي ڇڙواڳ چوڪرا موٽر سائيڪلون ھلائيندي ڏسن ٻہ ڪونہ ٿا. يا پاڻ مرندا يا ٻين کي مارينداِ...

مون کي چيائين... ادا تون ٻہ تہ ڳالھاءِ... مون وارو ونائيندي چيو... ادا سچ ٿو

چوين... اسان دعويٰ تہ وڏي ٿا ڪريون تہ اسان 6 ڪروڙ سنڌي آهيون. ڇا ڇهہ ڪروڙ سنڌين مان هڪ بہ ڪو عبدالستار ايڌي جهڙو پيدا نہ ٿيو آهي جو هڪڙي ڪا ايمبولينس ونڻي... نسيم نگر ۾ ڪنهن ماڻهوءَ کي اٽيڪ ٿئي تہ جيجل ماءِ اسپتال يا سول اسپتال پهچائيس...

ڪو هڪڙو مرد مجاهد اڄا تائين نہ نڪتو آهي جو سنڌ اسمبلي جي پليٽ فارم تان اڀي بيهي ڳالهائي سگهي. باقي جوشيلي تقريرن، قومي گيتن... بک هڙتالي ڪئمپن... مان ڇا وريو اٿن... ۽ ڇا ورندن... هن بہ مون سان سهمت ٿيندي چيو... ادا... پهرين ننڍين ننڍين ڪمن ڪارن ذريعي عام عوام جي دلين تائين پهچبو آهي... اهي پنهنجا ليڊر اڄا عوام جي دلين تائين پهتا ئي ڪونهن جو عوام جي دلين تي حڪمراني ڪن.

هي سڀ... پتا خوري ۾ پورا... پتا خور ڪير آهن؟ قاسم آباد ۾ چور ڪير آهن... ڏاڙيل ڪير آهن... لٽيرا ڪير آهن... رهزن ڪير آهن... اکيون بند ڪري سوچ تہ جواب ملي ويندو.

واڪ تان واپس گهر ويندي وري انهيءَ بک هڙتالي ڪئمپ وٽان گذر ٿيو... سرمد سنڌي جو گيت بلند آواز ۾ هليو پئي... (مُنهن، ڇپرن، لوڙهن ۾، گهر گهر ۾ گوليون، فوج، پوليس چوي، ڏاڙيل پيا ڳولهيون... ...)

منهنجي دوست جي دل ۾ ڇڪ سالن جي ڪا باهہ هئي رکيل... جيڪا ڀڙڪي پئي هئي. چيائين... اڄا ڏاڙيل پيا ڳولهين... سڀ ڪجهہ پاڻ... ويچاري سرمد سنڌي جي انقلابي گيتن کي گهٽي بدنام ڪيو اٿن.

مون چيو... ها ادا... انهن کي عوام جي دلين تائين پهچڻ ڪيي... ننڍين ننڍين ڪمن ذريعي... ننڍين ننڍين خدمتن ذريعي... پهرين ٻڌي ڪن... هڪ قوم تہ ٿين... جيئي سنڌ جي نالي تي جيئي سنڌ فلاڻو گروپ، جيئي سنڌ فلاڻو گروپ... ڏهن گروپن ۾ ڏهہ پارٽيون...

هئڻ تہ ائين ڪيي جو جيئي سنڌ... جي نالي تي صرف هڪ پارٽي هجي.

سنڌي سڀاجهڙن جي دلين تائين پهچڻ جا رستا ڳولهجن تہ انهن جي دلين تائين ڪيئن پهچجي...

واڪ ڪندي گهر اچي ويو...